الجزء ٢

سَيَقُولُ السُّفَهَاءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِي كَانُوا
عَلَيْهَا ط قُلْ لِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ط يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ إِلٰى صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ ﴿١٤٢﴾
وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ أُمَّةً وَسَطًا لِتَكُونُوا شُهَدَاءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُونَ الرَّسُولُ
عَلَيْكُمْ شَهِيدًا ط وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِي كُنْتَ عَلَيْهَا إِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَتَّبِعُ
الرَّسُولَ مِمَّنْ يَنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ط وَإِنْ كَانَتْ لَكَبِيرَةً إِلَّا عَلَى الَّذِينَ
هَدَى اللّٰهُ ط وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيعَ إِيمَانَكُمْ ط إِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوفٌ رَحِيمٌ ﴿١٤٣﴾

عنقريب (انهن) ماڻهن مان بيوقوف (بي سمجهہ) ماڻهو چوندا تہ جنهن قبلي (بيت المقدس) تي هو پهريان هيا، کين کهڙي شيءِ هنن مسلمانن کي ان کان ڦيري ڇڏيو آهي، تون هنن کي چؤ تہ مشرق ۽ مغرب (سڀ طرف) الله جا آهن (هو هر هنڌ موجود آهي). هو جنهن کي گهري ٿو، ان کي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق عنايت ڪري ٿو. (142) ۽ (اي مسلمانؤ!) اهڙيءَ طرح اسان اوهان کي امت وسط (معتدل) بهتر امت بڻايو آهي تہ جيئن اوهان تمام ماڻهن لاءِ شاهد ٿيو ۽ اسان جو رسول مقبول (خاتم النبيين ﷺ) اوهان تي گواهي ڏئي ۽ اوهان هن کان اڳ جنهن قبلي تي هيا، اسان ان کي (قبلو) انهيءَ ڪري مقرر ڪيو هو تہ اسان پرک ڪري ظاهر ڪريون تہ ڪير (اسان جي) رسول خاتم النبيين ﷺ جي پيروي ڪري ٿو ۽ ڪير پٺئين پير ڦري وڃي ٿو ۽ بيشڪ قبلي جي اها تبديلي هڪ وڏي امتحان (آزمائش) واري ڳالهہ هئي، مگر انهن لاءِ نہ هوندو، جيڪي الله جي هدايت ۽ معرفت وارا هوندا ۽ الله جو اهو شان نہ آهي تہ هو اوهان جي ايمان کي ضايع ڪري ڇڏي. الله تبارڪ وتعالىٰ بنهي صورتن

(يعني بيت المقدس ڏي ارڙهن مهينا کن منهن ڪري نماز پڙهڻ ۽ پوءِ بيت الله ڪي قبلو بنائڻ) ۾ اوهان جي پرخلوص سجدن ۽ ايماني جذبن جو ثواب ضايع نہ ڪيو آهي. بيشڪ الله ماڻهن تي وڏي شفقت ڪرڻ وارو مهربان آهي.(143)

"سُفَهَآءُ" بيوقوف، ڪم فهم، بي سمجهہ، نادان. مراد منافق، يهود ۽ مشرڪ آهن، جيڪي اسلاف جي انڌي تقليد کي صداقت، حق پرستي ۽ عقل جي روشني قرار ڏين ٿا. پنهنجي انا، ضد ۽ هٺ سبب حق کي ڄاڻندي بہ ان کي قبول نٿا ڪن ۽ غلط طريقي جا الزام لڳائڻ شروع ڪن ٿا ۽ چوڻ لڳا تہ مسلمانن کي تحويل قبله جو ڪيئن خيال آيو. ڪين ٻڌايو ٿو وڃي تہ ڪعبة الله جي تعمير حضرت ابراهيم عليه السلام ڪئي ۽ ان "اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِيْ بِبَكَّةَ..." الخ ۾ پوري طرح ڪعبة الله جي اهميت ۽ تاريخ تي روشني وڌي وئي آهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام جنهن کي اقوام عالم جي امامت ملي هئي يعني تمام انبياء ڪرام ۽ سندن امتون هن جي پيروي ۽ اتباع ڪندا. ايتري قدر جو سيد الانبياءِ خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم کي بہ حڪم مليو: "اِتَّبِعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا" (ضياءُ القرآن: البقره: 129/2، 127، 10) جنهن اقوام عالم جي هدايت لاءِ مڪه مڪرمه ۾ الله جي گهر جي تعمير ڪري نوع انسان لاءِ ايندڙ نبي مڪرم خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جي بعثت جي دعا گهري هئي، ان جي توحيد خداوندي واري تعليم جيڪا انبياءِ بني اسرائيل جي دور ۾ بني اسرائيل جي قوم لاءِ مخصوص ٿي وئي هئي ۽ جنهن جو مرڪز بيت المقدس هو. اها هڪ قوم يعني بني اسرائيل کان تمام نوع انسان لاءِ بين الاقوامي صورت اختيار ڪرڻ لاءِ منتقل ٿيڻ واسطي حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا مطابق ان رسول مڪرم خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جي مڪه مڪرمه ۾ بعثت ٿي جنهن کي هر دور جي تمام انسانن لاءِ قيامت تائين آخري نبي ۽ رسول بڻائي آخري ڪتاب "القرآن" ڏئي هدايت لاءِ موڪليو ويو هو. (الاعراف: 7/158-157، سبا: 28/34) ان ڪري بني اسرائيل جي هڪ قوم لاءِ مخصوص قومي مقام بيت المقدس کي ڇڏي تمام قومن تمام نسلن ۽

تمام زمانن جي لاءِ بين الاقوامي مرڪزي مقام شهر مڪه مڪرّمه ۾ موجود بيت الله يا ڪعبة الله ڪي هدايت ۽ اجتماعي فلاح و بهبود جو مرڪز بڻايو ويو، حضور نبي ڪريم ﷺ جڏهن هجرت ڪري مڪه مڪرمه مان مدينه منوره تشريف فرما ٿيا ته سورنهن سترهن مهينا بيت المقدس ڏانهن رخ ڪري نماز ادا ڪندا رهيا. ظهر جي نماز دوران قبلي جي تبديلي جو حڪم آيو (جنهن جو بيان شروع ٿئي ٿو) هن تبديل قبله جي حڪم سان بيت الله تي مسلمانن پاران حضور اڪرم ﷺ جي امامت ۾ فورًا عمل ٿي ويو، جنهن تي يهودين اعتراض اٿاريو ته مسلمان بيت المقدس ڏي رخ ڪري نماز ادا ڪندا هئا. هاڻي انهن پنهنجو قبلو ڇو تبديل ڪيو آهي ؟

يهودين جي ان اعتراض جي جواب ۾ ارشاد رباني آهي، ته هي عقل کان عاري سمجهه سوچ ۽ بصيرت کان محروم نادان انسان اهو اعتراض ڪن ٿا ته مسلمان جنهن قبلي (بيت المقدس) طرف رخ ڪري نماز ادا ڪندا هئا، هاڻي هنن کي ڇا ٿي ويو آهي جو پنهنجو رخ موڙي (ڪعبة الله) ڏانهن ڪيو اٿن. انهن کي آگاهه ڪر ته الله لاءِ ڪو هڪ سمت يا طرف مقرر نه آهي، پر جيڪو مشرق ۽ مغرب (ساري ڪائنات) جو رب آهي، هر هنڌ موجود آهي، انهيءَ رب مشرق ۽ مغرب (پوري روءِ زمين) لاءِ بين الاقوامي مرڪزي مقام جو انتخاب ڪري قيامت تائين پوري دنيا جي امامت نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جي حوالي ڪئي آهي. اڄ کان هڪ قوم بني اسرائيل لاءِ مخصوص عبادت گاهه قومي يا بين الاقوامي مرڪز نه رهيو آهي. اهڙي طرح الله جنهن کي به سڌي رستي تي هلڻ ۽ هلائڻ گهري ٿو، اُها سندس قانون الٰهي جي مشيت آهي. اي مؤمنن جي جماعت! جهڙي طرح ڪعبة الله کي بين الاقوامي مرڪز بڻايو ويو آهي، اهڙيءَ طرح اوهان کي ” امت وسط“ بهترين امت بڻايو ويو آهي، جنهن جو سلوڪ ۽ رويو تمام قومن سان برابري وارو هوندو. نه اوهان پاڻ افراط ۽ تفريط جو شڪار ٿيندا ۽ نه وري ٻين قومن سان اونچ نيچ وارو رويو رهندو. اوهان اقوام عالم لاءِ پنهنجي مثالي ڪردار سان سندن رهبري ۽ رهنمائي جا اڳواڻ ۽ نگران هوندا ۽ اوهان جو پيارو رسول ﷺ اوهان جي ابلاغ حق ۽ اتباع حق جي گواهي ڏيندو. (الحج: 78/22) ياد رکو ته هيترا ڏينهن اسان اوهان کي جو پهرئين قبلي بيت المقدس طرف رخ ڪري نماز پڙهڻ ڏنو، ان لاءِ هيو ته اسان

ڏسون تہ (اوهان مان ) ڪير سچي دل سان رسول ڪريم ﷺ جي تابعداري ڪندڙ آهي ۽ ڪير ڦري ويندڙ آهي. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ الله طرفان هدايت يافتہ ماڻهن ڪانسواءِ ٻين ماڻهن لاءِ هن معاملي ۾ وڏي آزمائش هئي. يقين ڄاڻو تہ هن آزمائش ۾ مهاجرن ۽ انصارن مان جيڪي بہ پورا پورا ثابت قدم ٿيا آهن، انهن کي سندن ايمان ۽ استقامت جو پورو پورو اجر ملندو. ڇو تہ مهاجرن لاءِ شروع ۾ بيت المقدس ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ ۽ مديني وارن لاءِ وري بيت الله ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ هڪ وڏي آزمائش هئي. ائين هرگز نہ ٿيندو، جو الله اوهان جي ايمان جو ثمر ۽ اجر ضايع ٿيڻ ڏئي. اوهان جا ٻئي رخ خدا وٽ مقبول آهن.

”هيئن بہ سچڻ واهواهہ هوئن بہ سڄڻ واهواهہ“.

الله تہ پنهنجن اطاعت گذار ٻانهن تي نهايت مهربان، شفيق ۽ رحيم آهي. ڇو تہ نبي اڪرم ﷺ جي اتباع ۽ اطاعت ۾ ئي الله تعالىٰ جي رضا ۽ اطاعت آهي.

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۴﴾

(اي حبيب ﷺ !) بيشڪ اسان اوهان جي رخ انور کي بار بار آسمان طرف ڪٽندو ڏسي رهيا آهيون، سو اسان توکي تنهنجي پسند جي قبلي طرف (تنهنجي رضا خاطر) توکي ضرور ڦيرائينداسون تہ هاڻي تون پنهنجو رخ مبارڪ مسجد حرام طرف ڦيري ڇڏ. (مسلمانؤ!) اوهان جتي بہ هجو تہ پنهنجو رخ (نماز ۾ ئي) مسجد حرام جي طرف رکو ۽ هي ماڻهو (اهل ڪتاب) جن

**ڪي ڪتاب (توريت، انجيل) ڏنا ويا آهن، اهي ضرور ڄاڻن ٿا تہ تحويل ڪعبه جو حڪم سندن پروردگار طرفان حق ۽ سچ آهي ۽ الله هنن جي انهن ڪمن کان غافل نہ آهي، جيڪو هو ڪري رهيا آهن. (144)**

اي پيارا رسول ﷺ تنهنجي رخِ انور جو بار بار آسمان طرف ڪرڻ وارو (روح پرور) منظر اسان ڏسي رهيا آهيون، (يا ڏسندا رهيا آهيون "قَدۡ نَرٰى" فعل مضارع کان اڳ فعل ناقصہ آڻڻ سان ماضي استمراري جي معنىٰ ٿيندي) ان ڪري اسان فيصلو ڪيو آهي تہ تنهنجي رضا لاءِ تنهنجو رخ مبارڪ تنهنجي پسنديده قبلي طرف موڙي رهيا آهيون. هاڻي ئي پنهنجو چهرو مبارڪ مسجد حرام (ڪعبة الله) طرف ڪري ڇڏ. ياد رهي تہ مڪه مڪرمه ۾ نبي اڪرم ﷺ ڪعبة الله جي ڏکڻ طرف کان بيهي ڪعبه ڪي اتر طرف رکي نماز ادا ڪندا هيا، جنهن ۾ ڪعبة الله ۽ بيت المقدس مسجد اقصىٰ ٻئي اتر طرف هڪ جهت ۾ هيا، پر مدينہ منوره ۾ ائين ڪونہ هيو. بيت المقدس اتر طرف ۽ مڪه مڪرمه (بيت الله) ڏکڻ طرف هيا، ان ڪري سندن رخ مبارڪ رڳو بيت المقدس ڏانهن رهيو، جنهن دوران پاڪ ڪريم ﷺ جي دلي خواهش رهي تہ سيدنا ابراهيم عليه السلام جو تعمير ۽ آباد ڪيل خدا جو گهر سندن قبلو ٿئي ۽ ان لاءِ سندس نگاهہ عرش طرف رهندي هئي. حضور اڪرم ﷺ جي رضا ڪي قبوليت ڏيندي بيت الله ڪي قبلو قرار ڏنو ويو آهي، ان ڪري اڄ کان اوهان جتي جتي بہ هجو تہ اوهان لاءِ لازم آهي تہ نماز دوران پنهنجو رخ انهي مسجد حرام طرف ڪيو. مسجد اندر خاص مقام ڪعبة الله مراد آهي. ان جو تاڪيد ان ڪري آيو آهي تہ يهودي ۽ عيسائي بيت المقدس ۾ موجود هوندي ان ڏانهن منهن ڪندا هيا، باقي ٻاهر مشرق ۽ مغرب، جنهن طرف خيال آيو، رخ ڪندا هيا، پر مسلمانن ڪي هر حالت ۾ وحدتِ خداوندي ۽ وحدتِ انساني ڪي قائم رکڻ لاءِ ڪعبة الله ڏانهن رخ ڪرڻ جو حڪم آهي. اهو مقام هاڻي تمام انسانن لاءِ قبلو آهي. ان ڪي شرڪ ۽ بت پرستيءَ کان پاڪ ڪري توحيد جو مرڪز بڻائڻو آهي. اهو ئي بين الاقوامي اتحاد ۽ اجتماع جو مرڪز آهي. (الحج: 22/ 26 کان 30) اهل ڪتاب (يهودي ۽ عيسائي) ڪي چڱي

طرح معلوم آهي تہ اهو معاملو (ڪعبو ۽ حضور خاتم النبيين ﷺ) صحيح ۽ سچي حقيقت آهن. هنن جي ڪتابن ۾ ان جو وضاحت سان بيان ٿيل آهي. ان هوندي بہ جيڪڏهن هي ڄاتل سڃاتل حق کي محض ضد ۽ هٺ سبب قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن تہ الله عزوجل هنن جي ڪارنامن کان غافل نہ آهي. ”اَنَّهُ الْحَقُّ“ ۾ اشارو ڪعبة الله ڏانهن آهي، ڇوتہ هيڪل سليماني هڪ هزار سال بعد حضرت سليمان عليه السلام تعمير ڪرايو هيو، پر ابراهيمي قبلو بيت الله آهي.

تحويل قبله جو حڪم رجب يا شعبان 2 هجري ۾ آيو. نماز ظهر دوران بہ رڪعتن ادا ڪرڻ بعد آيو ۽ نماز دوران ئي بيت المقدس بدران ڪعبة الله طرف پوري جماعت رخ ڪري باقي نماز ادا ڪئي ۽ ان بعد ان جو عام اعلان ڪيو ويو، جنهن تي تمام مسلمانن پوري طرح عمل ڪيو. يهودين کي چڱيءَ طرح معلوم هيو تہ ڪعبة الله حضرت ابراهيم جي تعمير تمام ذريّت (انسانن) لاءِ قبلي طور آهي. ٻيو سبب ان جي ذريت مان آخري رسول خاتم النبيين ﷺ اچڻو آهي، جيڪو اچي چڪو آهي ۽ ابراهيم ۽ اسماعيل عليهما السلام جو قبلو اهوئي رهيو آهي، جڏهن تہ بيت المقدس حضرت سليمان عليه السلام جي ڏينهن ۾ قبلو هيو. (البقره: 2/129-127، طٰـهٰ: 20/130-84، الحج: 22/26- والضحىٰ: 93/5)

ياد رهي تہ 1984ع ۽ ان بعد ڪيترائي سال مون مسجد قبلتين ۾ ٻن قبلن جا چٽا محراب ڏٺا، بعد ۾ رڳو ڪعبة الله وارو محراب باقي رهيو ۽ بيت المقدس طرف رخ ڪرڻ وارو محراب چٽ طرف اشاري طور ظاهر ڪيو ويو آهي.

وَلَئِنْ اَتَيْتَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا تَبِعُوْا قِبْلَتَكَ ۚ وَمَآ اَنْتَ
بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ۚ وَمَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ
اَهْوَآءَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۘ ۱۴۵ وقف لازم
اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ
لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ۱۴۶ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ۱۴۷ ع وقف منزل ع ۱۷

۽ (اي نبي ﷺ!) اوهان هنن (اهل ڪتاب) جي سامهون هر قسم جون آيتون (نشانيون) پيش ڪرڻ فرمايو، تڏهن بہ هو اوهان جي قبلي جي پيروي نہ ڪندا ۽ نہ وري اوهان هنن جي قبلي جي پيروي ڪرڻ وارا آهيو. (گويا هي لَكُمۡ دِيۡنُكُمۡ وَلِيَ دِيۡنِ وارو معاملو آهي) ۽ نہ وري هو (اهل ڪتاب) هڪ ٻئي جي قبلي جي پيروي ڪرڻ وارا آهن. (اي نبي ﷺ! بفرض محال) جيڪڏهن اوهان هنن جي خواهشن جي پيروي ڪئي، ان علم ڪانپوءِ جو تو وٽ اچي چڪو آهي، تہ پوءِ بلاشڪ تون بہ (پاڻ تي) زيادتي ڪندڙن مان ٿي ويندين. (145) ۽ جن ماڻهن کي اسان ڪتاب عطا ڪيو آهي، اهي هن رسول (ﷺ ۽ ان جي شان کي) اهڙيءَ طرح سڃاڻن ٿا، جهڙيءَ طرح بلاشڪ پنهنجن پٽن کي سڃاڻن ٿا ۽ يقينًا انهن مان هڪ گروهہ وارا حق کي ڄاڻي ٻجهي مخفي رکي رهيا آهن. (146) هي سراپا حق آهي، جيڪو تنهنجي رب جي طرفان آهي تہ تون هرگز شڪ ڪندڙن مان نہ هججانءِ. (147)

---

اي نبي اڪرم ﷺ جيڪڏهن تون هنن اهل ڪتاب جي آڏو هر طرح جا دليل ۽ برهان پيش بہ ڪرين تہ بہ هو پنهنجي هٺ، هوڏ ۽ ضد کي ڇڏي تنهن جي قبلي (بيت الله) جي تابعداري ڪرڻ وارا نہ آهن ۽ نہ وري تون هن نئين قبلي جي برڪات علم ۽ عرفان بعد هنن جي قبلي جي پيروي ڪرڻ وارو آهين. (الڪافرون: 109) هي اهل ڪتاب يهودي ۽ عيسائي تنهنجي مخالفت لاءِ تہ گڏجي ويا آهن، پر هنن جي پنهنجي حقيقت حال اها آهي تہ هو پاڻ هڪٻئي جي قبلي تي متفق نہ آهن. يهودي عبادت لاءِ هيڪل سليماني جي اولهہ واري حصي طرف رخ ڪرڻ اختيار ڪن ٿا، جڏهن تہ عيسائي وري حضرت مريم جي "مَكَانًا شَرۡقِيًّا" جي نسبت سان هيڪل سليماني جي اوڀر واري حصي طرف منهن ڪرڻ کي قبلو سمجهن ٿا ۽ ٻئي طبقا هڪٻئي کي غلط، پر پاڻ کي درست سمجهن ٿا. هو اسلام ۽ دين حق جي خلاف هم زبان ۽ هم بيان ٿي وڃن ٿا. اهڙو ٽولو جيڪو هڪ ٻئي

جي عقيدن خلاف آهي، هو توكي رڳو تڏهن قبول كندو، جڏهن تون ڇني علم ۽ بصيرت
جي اچڻ كان پوءِ بہ اهڙن گمراهہ ماڻهن جي خواهشن جي پيروي كرين تہ پوءِ خدانخواستہ
تون بہ اهڙن ماڻهن مان هوندين، جيكي سركش ۽ نافرمان آهن. هي انتباهہ بہ ظاهري طور
تي نبي اكرم خاتم النبيين ﷺ جن كي آهي، پر حقيقت ۾ اهو يهود ۽ نصاريٰ لاءِ ۽ مسلمانن
كي خبردار كرڻ لاءِ آهي. حق جو داعي ۽ اطاعت گذار كڏهن بہ حق جي نافرمان ۽ انكار
كندڙن سان همنوا ٿي نٿو سگهي. هينئر تائين يهود ۽ نصاريٰ جو كعبة الله بابت عناد ۽
ضد هيو. هاڻي سندن عناد ۽ ضد پاڻ كريمن خاتم النبيين ﷺ بابت آهي، ان جو ذكر ٿي رهيو
آهي. هي اهل كتاب يهودي توڙي عيسائي انهن تمام حقائق (رسول مكرم خاتم النبيين ﷺ
جي ذات گرامي) كان چڱي طرح واقف آهن. هنن جا علماء آسماني كتابن ۾ ڏنل حوالن
جي ذريعي حضور خاتم النبيين ﷺ جو اهڙي طرح تہ يقيني علم ركن ٿا، جهڙيءَ طرح هو پنهنجي
اولاد بابت ڄاڻ ركن ٿا. (الانعام: 20/6) واضح ۽ ڇٽي ڇٽي معلومات هوندي بہ هنن ۾ اهڙو
ٽولو بہ موجود آهي جو ان سچي حقيقت كي لكائي ٿو ۽ ظاهر نٿو كري، يقين كريو تہ
تحويل قبله جو معاملو اوهان جي پروردگار پاران سراپا حق آهي، جنهن ۾ كنهن بہ شك
شبهي جي گنجائش نہ آهي. شك كندڙ گمراهہ ٽولو پلي شك كندو رهي، تنهنجو انهن
شك كندڙن سان كو تعلق ناهي. هت بہ بظاهر حضور خاتم النبيين ﷺ كي خطاب آهي، مگر
تنبيه ۽ عتاب جو رخ يهود ۽ نصارن لاءِ آهي ۽ مسلمانن كي خبردار كيو ويو آهي. هت بہ
پاڻ كريمن خاتم النبيين ﷺ ۽ مسلمانن كي ثابت قدميءَ جو چيو ويو آهي تہ كافرن جون چالون
اوهان جا پير تركائي نہ ڇڏين.

وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ
جَمِيْعًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝١٤٨ وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَاِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ۝١٤٩

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

(كعبي شريف جي مركزيت جي اهميت باوجود كعبو مقصود بالذات ناهي)

**هر هڪ لاءِ هڪ خاص طرف مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن طرف هو رخ ڪري ٿو. ان ڪري اي مسلمانو! اوهان نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سبقت حاصل ڪريو. اوهان جتي به هوندا، الله اوهان سڀني کي گڏ ڪري وٺندو. يقينًا الله هر شيءِ تي قادر آهي. (148) ۽ توهان جتي به (سفر ۾) نڪرو ته (نماز وقت) پنهنجو رخ مسجد حرام طرف موڙي ڇڏيو. اهوئي اوهان جي پروردگار پاران حق آهي. الله اوهان جي اعمال کان بيخبر ناهي. (149)**

تحويل قبله جون ڪجهه حڪمتون پوين آيتن ۾ ذڪر ٿي چڪيون آهن، هاڻي هت سندس وڏيڪ خاصيت بيان ٿي رهي آهي، اها هي آهي ته سنتِ خداوندي مطابق هر مذهب واري شخص/ قوم لاءِ عبادت جو قبلو رهيو آهي، پر هاڻي شريعت محمدي مستقل ۽ مڪمل دين آهي. (المائده: 3/5) جيڪو تمام نوع انسان لاءِ تاقيامت مرڪزي اجتماع، امن، سلامتي، هدايت ۽ قيام جو سرچشمو رهندو. وحدتِ خداوندي ۽ وحدت نوع انساني قائم ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قبلو مقرر ڪيو ويو آهي. تحويل ڪعبه جي اصل حڪمت ۽ حقيقت واضح ٿي چڪي آهي، هاڻي ان بابت يهود و نصاریٰ سان بحث ۾ الجهڻ جي ضرورت ناهي. اوهان نيڪ عملن ۾ سبقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهو. دراصل مقصدِ حيات ان جي حقيقت حاصل ڪرڻ آهي. عبادت جو هڪ ظاهري رخ آهي ته ٻيو باطني. نماز ۾ قبله رخ ٿي ارڪان نماز ادا ڪرڻ ظاهري رخ آهي، پر باطني رخ خشوع خضوع، استغفار ۽ الله جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. اهڙيءَ طرح زڪواة، روزو، حج ۽ معاملات سڀ هن اصول ۾ شامل آهن.

ياد رکو ته تمام برڪات، فيوض ۽ عز و شرف جي باوجود قبلو (ڪعبه) مقصود بالذات نه آهي. اصل مقصد قرب الٰهي آهي. ائين ته عبادت لاءِ هر ٽولي جي سمت ۽ قبلو آهي، جنهن طرف هو پنهنجي عبادت جو رخ ڪري ٿو. (المائده: 48/5) اوهان جي اتحاد ۽ اجتماعي جدوجهد لاءِ هڪ مرڪزي مقام مقرر ڪيو ويو آهي. پر ان مان اصل مقصود ۽ مطلوب خيرات ۽ نيڪيءَ جي عمل ۾ هڪ ٻئي کان سبقت حاصل ڪرڻ آهي. (البقره:

177/2) حقيقي ڪاميابي فلاح ۽ بهبود جي ڪمن ڪرڻ ۾ آهي. توهان جو هر ڪم شريعت مطابق ۽ خالص الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ هجي، جنهن لاءِ آخرت جي احتساب ۽ الله آڏو حاضريءَ جو يقين هجي. عيش و عشرت ۽ لهو و لعب واري زندگي مطلوب ناهي. (الحديد:20/57، التڪاثر: 1-2/102) اوهان هن حقيقت کي سامهون رکي، ان تي عمل ڪيو ته پلي اوهان ڪٿي به هجو، جهت ۽ مقام جي بحث ۾ الجهڻ بدران نيڪ نيتي، خلوص ۽ ايمانداري سان چڱن ڪمن ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. الله اوهان جي هر هنڌ، هر حال ۾ جتي به هجو، عبادت قبول ڪندو. بيشڪ الله هر شيءِ جي اندازن، قدر و قيمت تي پوري پوري قدرت رکي ٿو. اوهان جو جتان به گذر ٿئي، جنهن به هنڌ ۽ جنهن به طرف هجو، مسجد ۾ هجو، گهر ۾ هجو، سفر ۾ هجو يا حضر ۾ هجو ۽ نماز ادا ڪرڻ گهرو ته پوءِ پنهنجو رخ مسجد الحرام (بيت الله) ڏانهن ڪريو، جو ته هي اوهان جي رب طرفان برحق فيصلو آهي. هن حڪم جي ڪنهن به صورت ۾ خلاف ورزي ٿيڻ نه گهرجي، ياد رکو الله اوهان جي ڪنهن به عمل کان غافل نه آهي. اوهان زندگيءَ جي کهڙي به شعبي ۾ هجو، وڪيل هجو، جج هجو، ڊاڪٽر هجو، انجنيئر هجو، تاجر هجو، خريدار هجو، چاهه هجو، خدا جي قانون جي اطاعت ڪندا ته اوهان جي زندگيءَ ۾ اجتماعيت پيدا ٿي ويندي ۽ اجتماعيت جو دارومدار وحدتِ مقصد تي آهي. وطن نسل، قوميت، زبان وغيره ۾ نه آهي. اهي ته تفرقو پيدا ڪن ٿا. وحدت فڪر ۾ آهي، جنهن لاءِ اوهان کي بار بار هڪ ڪعبة الله ڏانهن رخ جو حڪم ٿئي ٿو ته جيئن اوهان زندگيءَ جون خوشگوار گهڙيون ۽ آخرت جا انعام حاصل ڪري سگهو. (المائده:2-3/5)

ڪعبة الله فلاح ۽ سعادت جو نشان آهي، بلڪ هڪ حقيقت ۾ فيضِ جاويد جو مرڪز ۽ سرچشمو آهي. حضرت ابراهيم خليل الله ۽ حضرت اسماعيل ذبيح الله عليهما السلام جي مقدس هٿن جو مظهر آهي. دنيا جي بتڪدن ۾ خدا جي توحيد جو پهريون گهر آهي.

دنیا کے بتکدوں میں پہلا وہ گھر خدا کا
ہم پاسباں ہیں اس کے، وہ پاسباں ہمارا (اقبال)

هن مقدس مقام پرسان اڪيلي ڳڀرو جوان فرزند حضرت اسماعيل ذبيح الله عليه السلام جي قرباني پيش ڪئي وئي. پرسان عرفات رحمت جو ميدان، خطبة الوداع جو ايمان افروز مقام آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام کان وٺي تمام قدسين جو قبلو رهيو آهي، هيءُ رڪوع، سجود، اعتڪاف، طواف، ذڪر و اذڪار جو مرڪز رهيو آهي. جتي ڪروڙين انسان سربسجود آهن، جنهن ۾ حجر اسود آهي، جيڪو الله جو دست مبارڪ آهي، جنهن تي هر مسلمان بيعت ڪرڻ ۽ بوسه ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪري ٿو ۽ انهن سيني هدايت، برڪت ۽ رحمت وارين علامتن کان علاوه حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم پنهنجي ابتدائي حيات گذاري، هن نور جي مينار ڪي هميشہ هميشہ لاءِ نور جو مرڪز بڻائي ڇڏيو. هي گهر سمورين عظيم روايتن ۽ اعلىٰ نعمتن جو مرڪز ۽ نشان آهي. هي نوع انسان جي دنياوي ۽ روحاني زندگيءَ جو واحد مرڪزي مقام آهي.

وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ۚ إِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۚ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِيْ ۚ وَلِأُتِمَّ نِعْمَتِيْ عَلَيْكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٠﴾ كَمَآ أَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ وَيُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٥١﴾ فَاذْكُرُوْنِيْٓ أَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾ ع

معانقة ٣ ركوع ١٨ ٢

۽ جتان بہ اوهان (سفر تي) نڪرو تہ پنهنجو رخ (نماز جي وقت) مسجد حرام طرف ڪريو ۽ (اي مسلمانو! تاڪيد ڪجي ٿو تہ) اوهان جتي بہ هجو تہ نماز وقت پنهنجا رخ ان طرف ڪريو تہ جيئن (مخالف) ماڻهن ڪي اوهان جي خلاف ڪا حجت نہ رهي. انهن ماڻهن کان سواءِ جيڪي ظالم آهن. (اي مؤمنؤ! اوهان

هنن ڪافرن ڪان) نہ ڊڄو. مون (الله) ڪان خوف ڪائيندا رهو تہ جيئن مان اوهان تي پنهنجي نعمت پوريءَ طرح عطا ڪيان ۽ اوهان بہ ڪامل هدايت حاصل ڪريو. (150) جهڙيءَ طرح اسان اوهان مان ئي اوهان ڏانهن رسول (ﷺ) موڪليو آهي، جيڪو اوهان آڏو اسان جون آيتون تلاوت ڪري ٿو، اوهان جو تزڪيو ڪري ٿو ۽ اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو ۽ اوهان کي انهن شين جي تعليم ڏئي ٿو، جن بابت اوهان کي ڪجهہ معلوم ناهي. (151) سو اوهان منهنجي (حڪمن ۽ قانون کي) ياد رکو تہ مان (خدا) اوهان کي ياد ڪريان (۽ اوهان جي پوري حفاظت ڪريان) ۽ منهنجو شڪر ادا ڪريو، ناشڪري نہ ڪريو. (152)

اوهان جو جتان جتان بہ گذر ٿئي تہ نماز ۾ اوهان پنهنجو رخ مسجد حرام (ڪعبة الله) طرف رکو ۽ دين اسلام جا پيروڪار! اوهان جتي بہ ۽ جنهن سمت ۾ طرف هجو تہ نماز ۾ پنهنجو رخ انهيءَ (ڪعبة الله) طرف رکو. اوهان مان ڪو بہ هن حڪم جي خلاف ورزي نہ ڪري تہ جيئن دشمن ماڻهن کي اوهان خلاف ڪوئي دليل يا حجت باقي نہ رهي، اهي اوهان کي هن حڪم جي پوري پوري پابندي ڪندڙ ۽ ڪعبة الله کي پنهنجو قبلو سمجهندڙ ڏسن. يهود ۽ نصاريٰ کي سندن ڪتابن ذريعي معلوم آهي تہ آخري نبي ڪريم ﷺ اچڻو آهي ۽ ان جي شريعت جو قبلو ڪعبة الله هوندو. جيڪڏهن توهان بيت المقدس کي ئي قبلو سمجهي، ان تي قائم رهيا تہ ڪافرن يعني يهود ۽ نصاريٰ کي اوهان خلاف حجت ملي ويندي تہ آخري برحق نبي اهو هوندو جيڪو ڪعبة الله کي قبلو ڪري، پر اوهان اڃان بيت المقدس کي قبلو رکيو آهي. تحويلِ قبله ۾ هڪ اها بہ حڪمت رکيل هئي. ياد رکو تہ انهن مان جيڪي بہ حد کان گذري چڪا آهن ۽ حق جا انڪاري آهن، انهن جي هر حال ۾ مخالفت جاري رهندي ۽ اوهان خلاف بي جا الزام لڳائيندا ۽ غلط ڳالهيون ڪندا رهندا، اوهان انهن جي اهڙي مخالفت کان ڪو بہ ڊپ ڊاءُ نہ ڪريو، سڌي رستي تي مضبوطيءَ سان قائم رهو. اوهان کي هميشه منهنجو خوف رکڻ گهرجي ۽ خدا جي حڪمن

جي انحرافيءَ کان پڇڻ گهرجي. ان ڪري بار بار ورائي ورائي تاڪيد ڪيو ويو آهي تہ تحويل ڪعبہ جي اهم معاملي ۾ مضبوط ارادي‌ءَ سان جميل رهو. ضد ۽ هٺ، حسد ۽ انا ۾ گرفتار ماڻهن سان بحث ۾ الجهڻ نہ گهرجي. هن حڪم تي دل جي گهراين سان عمل ڪرڻ سان دنيا ۾ خوشگوار، سدابهار زندگي ۽ آخرت ۾ الله جي نعمتن وارا باغ ۽ راحتون ملنديون، توهان ائين ڪندا رهندؤ تہ مان اوهان ڪي پنهنجين نعمتن ۽ نوازشن سان ڀرپور طريقي سان نوازي ڇڏيندس تہ جيئن اوهان صراط مستقيم تي هلي هدايت ماڻي سگهو.

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهن جي
فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ، اي پروڙج بات
هٺ ڪاتي، ڳڙ وات، پڇڻ پر پرين جي. (شاهہ)

بيت المقدس جي بدران بيت الحرام (ڪعبة الله) ڪي انسانن جي هدايت ۽ رهبريءَ جو مرڪزي مقام بنائڻ مان مراد آهي تہ هاڻي پوري عالم جي امامت ۽ پيشوائي اولاد اسحاق عليہ السلام کان اولاد اسماعيل طرف منتقل ڪئي وئي آهي. ڪعبة الله ڪي نوع انسان لاءِ هميشه هميشه لاءِ هدايت ۽ رهبريءَ جو عالمي مرڪز بنائڻ بہ خداوند ڪريم جي وڏي نعمت آهي. (البقره: 125/2، آل عمران: 97/3-96) جهڙيءَ طرح نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفیٰ خاتم النبيين صلی الله عليہ وسلم خداوند ڪريم جي نعمت عظمیٰ ۽ احسان عظيم آهي. (آل عمران: 164/3) جنهن ڪي اسان اوهان مان ئي اوهان جي هدايت ۽ رهبري لاءِ رسول ڪري موڪليو آهي، جيڪو اوهان ڪي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ هو پنهنجي تعليم ۽ تربيت سان اوهان ڪي برائين ۽ بدڪارين کان پاڪ ڪري اوهان جي قدرو منزل ۾ اضافو آڻي ٿو ۽ جهالت جي انڌيرن مان ڪڍي ڪتاب ۽ حڪمت جي روشني سان روشناس ڪرائي ٿو. (البقره: 2/129- 128) حديث ۾ آهي: ”أُرْسِلَ كُلُّ نَبِيٍّ إِلٰى أُمَّتِهٖ بِلِسَانِهَا وَأَرْسَلَنِيَ اللهُ إِلٰى كُلِّ أَحْمَرَ وَأَسْوَدَ مِنْ خَلْقِهٖ“ ٻيا سمورا انبيا پنهنجي هم زبان قوم جي هدايت لاءِ موڪليا ويا، پر الله مون ڪي تمام انسانن، ڪارن، گورن جي هدايت لاءِ موڪليو آهي. ”اِنَّمَا بُعِثْتُ رَحْمَةً وَّ لَمْ اُبْعَثْ عَذَابًا“. يعني مان پوري ڪائنات لاءِ رحمت ڪري موڪليو ويو آهيان، عذاب ڪري نہ موڪليو ويو آهيان.

وہ نبیوں میں رحمت لقب پانے والا
مرادیں غریبوں کی بر لانے والا

اتر کر حرا سے سوئے قوم آیا
اور اک نسخۂ کیمیا ساتھ لایا (مسدس حالی)

هي ڪتاب سراپا هدايت ۽ رهبريءَ جو نادر نسخو آهي. هي ڪتاب ۽ حڪمت (سيرت نبوي ﷺ) اهو ڪجھ سيڪارين ٿا، جنهن ڪان اوهان بلڪل بي خبر هئا. (البقره: 129/2) ان ڪري منهنجي ياد جاري رکندا يعني منهنجي حڪمن جي پوري طرح بجا آوري ڪندا ته مان به اوهان جي بندگي جي پوري طرح يادگيري ڪندو رهندس ۽ اوهان تي نعمتن ۽ نوازشن جي وسڪار ٿيندي رهندي. اوهان منهنجي انهن نعمتن جي قدر شناسي ۽ شڪرگذاري ڪندا رهو ۽ ڪڏهن به انهن احسانن جي ناقدري ۽ انڪار نه ڪجو ته شرف ۽ عظمت اوهان جو مقدر رهندي. (ابراهيم: 7/14، انبياء: 21/24-10، المؤمنون: 70/23، الزخرف: 43/45-44) "لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ" (ابراهيم: 7/14) جيڪڏهن اوهان منهنجي احسانن جا شڪرگذار ٿيندا ۽ ان تي سختيءَ سان عمل پيرا رهندا ته آءٌ اجان وڌيڪ انعام ڏيندو رهندس. پر جيڪڏهن ڪفر ڪندا ۽ خدا جي حڪمن ڪي نظرانداز ڪندا ته (ياد رکو) منهنجو عذاب نهايت سخت دردناڪ آهي.

"وَلِاُتِمَّ نِعْمَتِيْ" مان مراد اها نعمت آهي، جيڪا حضرت ابراهيم عليه السلام ڪي پياري پٽ جي قرباني واري ڪامياب امتحان بعد بشارتِ خداوندي هئي ته هن ننڍڙي اسماعيل ذبيح الله عليه السلام جي نسل مان هڪ عظيم نبي ۽ هڪ عظيم امت پيدا ٿيندي، جن سان پوري دنيا جون قومون برڪت، رحمت ۽ هدايت حاصل ڪنديون. هن جو وعدو سورة الانعام: 61/6 "قُلْ اِنَّنِيْ هَدٰىنِيْ رَبِّيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا" ۾ ڪيل آهي.

"كَمَآ اَرْسَلْنَا" ۾ كَمَآ (جهڙيءَ طرح) تشبيه لاءِ اچي ٿو. اهڙي طرح (چنانچه) لاءِ به استعمال ٿيندو آهي. پوءِ مطلب ٿيندو ته انهن مقصدن جي حصول لاءِ پيغمبرِ خدا ﷺ ڪي موڪليو ويو آهي. يا جهڙيءَ طرح ڪعبة الله جي طرفان حق ۽ هدايت جي

نشاني آهي تہ هي نبي آخر زمان حضرت محمد خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم بہ ان علامت جو روشن مينار آهي، جتان نوعِ انساني کي هدايت جا سبق ملندا رهندا.

برو هو پنيور، جو آرياڻيءَ اجاريو
لاٽو سڀ لوڪ تان هاڙهي ڏٽي هور. (شاهہ)

چوريون چرڻ سکيون، پنهونءَ ڪيائون پور
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏِک وهاريون. (شاهہ)

جنهن جي منصب جو فريضو تلاوتِ آيات آهي، جنهن ۾ "يَتۡلُوۡا عَلَيۡکُمۡ" ان زوردار اظهارِ خيال ۽ مڪمل اختيار جو ظاهر ڪرڻ آهي، جنهن ۾ خدا جو رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم الله جو سفير ۽ پيغمبر ٿي فرمانِ الاهي نافذ ڪري ۽ الله جي عدالت بڻجي فيصلا ڪري. "وَيُزَکِّيۡکُمۡ" ڪين تمام خبائث ۽ آلائشن کان پاڪ صاف ڪري،حدِ ڪمال تائين پهچائڻ جي تربيت ۽ نشوونما ڪري. جيڪو تعليماتِ قرآني ۽ تدريسِ نبوي جو لازمي نتيجو آهي. "اَلۡکِتَابَ" ۽ "اَلۡحِکۡمَةَ" جي تعليم معنىٰ شريعت جي ڄاڻ ۽ دين جي حقيقت ۽ ايمان و اخلاق جو درس آهي، جنهن کان نوعِ انساني آگاهہ نہ آهي. "فَاذۡکُرُوۡنِيۡ" مان مراد دل ۽ زبان جو ذڪر بہ آهي تہ خدائي فرائض ۽ ذميدارين جي يادداهاني بہ آهي، جنهن کي توهان پورو ڪندا تہ الله جي نعمتن جا بادل لڳاتار زور سان وسندا رهندا. يهودين وانگر ڪفران نعمت يا ناشڪري نہ ڪريو، ورنہ قانونِ خداوندي کان محرومي ٿيندي. حديث قدسي آهي: "اَنَا عِنۡدَ ظَنِّ عَبۡدِيۡ بِيۡ وَاَنَا مَعَهٗ اِذَا ذَکَرَنِيۡ فَاِنۡ ذَکَرَنِيۡ فِيۡ نَفۡسِهٖ ذَکَرۡتُهٗ فِيۡ نَفۡسِيۡ وَاِنۡ ذَکَرَنِيۡ فِيۡ مَلَاٍ ذَکَرۡتُهٗ فِيۡ مَلَاٍ خَيۡرٌ مِّنۡهُ" (صحيح بخاري) "مان پنهنجي ٻانهي سان ان جي گمان مطابق هوندو آهيان. منهنجو ٻانهو مون کي ياد ڪري ٿو تہ مان ان سان گڏ هوندو آهيان. هو مون کي دل ۾ ياد ڪري ٿو تہ مان بہ هن کي دل سان ياد ڪريان ٿو. جيڪڏهن هو ڪنهن محفل ۾ ياد ڪري ٿو تہ مان انکي ان کان وڌيڪ بهتر محفل ۾ ياد ڪريان ٿو". الله تعالىٰ جي محفل تہ "مَلَاُ الۡاَعۡلىٰ" جي محفل آهي.

خدا خود میر مجلس بود اندر لا مکاں خسروؔ
محمدؐ شمع محفل بود شب جائے کہ من بودم (امیر خسرو)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾
وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵۴﴾
وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَىْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ وَنَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ
وَالثَّمَرٰتِ ؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ۙ﴿۱۵۵﴾ الَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ
وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ؕ﴿۱۵۶﴾ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ ۟ قف
وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۷﴾

اي مؤمنؤ! صبر ۽ صلواة (نماز) جي ذريعي (مون کان) مدد گهرو. يقينًا الله صبر ڪندڙن سان گڏ هوندو آهي. (153) ۽ انهن ماڻهن کي مئل نہ چئو، جيڪي الله جي راهہ ۾ قتل ڪيا وڃن. (اهي مرده نہ آهن) پر اوهان کي سندن زندگيءَ جو شعور ناهي. (154)اسان اوهان کي ضرور بالضرور ڪجهہ خوف ۽ بک ۾ آزمائينداسون ۽ ڪجهہ مال ۽ جان ۽ ميوات جي نقصان سان (اي حبيب خاتم النبيين ﷺ!) تون انهن صبر ڪندڙن کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ. (155) هي اهي انسان آهن، جن تي ڪا مصيبت اچي ٿي تہ چون ٿا تہ بيشڪ اسان بہ الله جي ئي شيءِ آهيون ۽ اهوئي اسان جو منزل مقصود آهي. (156) هي اهي ئي (نيڪ) انسان آهن، جن تي سندن پروردگار پاران لڳاتار نوازشون آهن ۽ (دائمي) رحمت آهي. درحقيقت اهي ئي سڌي رستي تي آهن. (157)

الله تعاليٰ پاران قرآن حڪيم ۾ ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا“ جو خطاب 88 دفعا آيو آهي. هت ٻيو دفعو آيو آهي. مسلمانن جي ڪتاب ۽ حڪمت واري تعليم ۽ حضور خاتم النبيين ﷺ پاران سندن تربيت ۽ تزڪيئي جي ذڪر سان امت وسطه ۽ نيڪ ترين امت جي قيام جي اعلان بعد نظام خداوندي جي قائم رکڻ لاءِ ايندڙ مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻ

لاءِ ڪين صبر، استقامت ۽ نماز ذريعي الله سان رابطو رکڻ، جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻ واسطي هميشہ تيار رهڻ لاءِ تلقين آهي. (الممتحنه: 60 /13) اها اهم ذميواري رڳو تبليغ نہ، پر عملي طور پيش ڪرڻي آهي، جيڪو ڪم ”العلماءِ“ جو آهي. ارشاد رباني آهي تہ اي مسلمانو! هر مصيبت ۽ مشڪلات واري ڏکئي وقت ۾ صبر ۽ استقامت کان ڪم وٺو. دل شڪسته نہ ٿيو. صبر تڪليف ۾ برداشت ڪرڻ ۽ خوشحاليءَ ۾ اعتدال ۾ رهڻ يعني حدون پار نہ ڪرڻ بہ صبر آهي، جنهن ۾ جسماني صبر ۽ نفساني صبر شامل آهي. پنهنجي الله طرف رجوع ٿي نماز اندر سر بسجود رهو، جنهن سان اوهان کي انهن جي مقابلي لاءِ حوصلو، استعداد ۽ روحاني قوت نصيب ٿيندي. (حٰم السجده: 30 کان 32) هت جنهن نماز جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اها پنجگانہ نماز کان وڌيڪ تهجد ۽ نفلي نمازن واري خشوع ۽ خضوع واري نماز آهي، جنهن ۾ رقتِ قلب ۽ حضور حق جو هجڻ لازم آهي، جيڪا راهِ حق ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ رڪاوٽن جو علاج آهي، جنهن سان تعلق بالله مضبوط ٿئي ٿو ۽ ان سان اهو مقام ۽ قرب حاصل ٿئي ٿو، جنهن سان خدا جي معيت ۽ مدد شامل حال ٿئي ٿي ۽ هر آزمائش تي ڪاميابيءَ جي نويد ملي ٿي. صبر سان عزم استقلال ۽ استمرار لاءِ حوصلو وڌي ٿو ۽ هر تڪليف برداشت ڪرڻ جي قوت ملي ٿي، جنهن ۾ صابرين جو هن آيت ۾ خاص ذڪر آهي ۽ نماز ۽ صبر ذڪر ۽ شڪر جو مظهر آهي. دراصل خدا جي ياد ۽ ان جي شڪرگذاري الله ۽ بانهي درميان رابطي ۽ قربت جو ذريعو ثابت ٿين ٿا. دعوت دين ۽ اقامت حق لاءِ گهربل عزيمت ۽ استقامت جو ذريعو نماز آهي ۽ الله جي نصرت، مدد ۽ معيت حاصل ٿيڻ جو عمل آهي ۽ ”عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ“ جي بشارت ۽ خوشگوار نتيجن جي ضامن آهي. (آل عمران: 3/169- 139) حديث ۾ آهي: اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ فَزَعَ اِلَى الصَّلٰوةِ (مسند احمد- سنن ابي داؤد) پاڻ ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي جڏهن ڪو شديد معاملو پيش ايندو هو تہ پاڻ فورًا نماز جو اهتمام ڪندا هئا. ٻئي حديث ۾ آهي: كَانَ النَّبِيُّ اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ صَلّٰى (مسند ابي داؤد) پاڻ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ هرمشڪل معاملي ۾ نماز جو اهتمام ڪندا هئا.

يقين ڪريو تہ صبر ۽ استقامت ڪرڻ وارن سان الله جي مدد شامل حال آهي. ياد رکو دنيا ۾ احڪام الٰهي کي قائم رکڻ ۾ جان جي قرباني بہ ڏيڻي پوندي آهي. (آل عمران: 173/3، الملڪ: 2/67)

نشانِ مردِ مؤمن با تو گویم چوں مرگ آید تبسم بر لب اوست

اقبال

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا۔

ان کري انھن جان نثار شهيدن کي مئل نہ چئو، جن الله جي دين لاءِ ان جي راھ ۾ جان جو نذرانو پيش ڪيو آهي، اهي زندھ آهن، پر اوهان کي انهن جي حيات جاويد جو شعور ئي ناهي. (آل عمران: 167/3 کان 172 ۽ 157 ۽ 185-181) "مَا مِنۡ نَّفۡسٍ تَمُوۡتُ لَهَا عِنۡدَ اللّٰهِ خَيۡرٌ يَسُرُّهَا اَنَّهَا تَرۡجِعُ اِلَى الدُّنۡيَا اِلَّا الشَّهِيۡدُ فَاِنَّهٗ يَسُرُّهٗ اَنۡ يَّرۡجِعَ اِلَى الدُّنۡيَا فَيُقۡتَلُ مَرَّةً اُخۡرٰى لِمَا يَرٰى مِنۡ فَضۡلِ الشَّهَادَةِ "(صحيح مسلم - مسند احمد) مرڻ کان پوءِ ڪو بہ ماڻھو واپس دنيا ۾ اچڻ پسند نہ ڪندو چو تہ اڳتي الله وٽ سٺي شيءِ هوندي، پر شهيد چوندو تہ مون کي واپس موڪليو تہ بيھر شهيد ٿيان.

شہادت ہے مطلوب مقصودِ مؤمن
نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی

***

شہیدوں کے لہو سے جو زمیں سیراب ہوتی ہے
بڑی زرخیز ہوتی ہے، بہت شاداب ہوتی ہے
جدھر سے غازیانِ ملّتِ بیضا گزر جائیں
وہاں کی کنکری بھی گوہرِ نایاب ہوتی ہے (اقبال)

هاڻي انهن آزمائشن جو ذڪر اچي رهيو آهي، جن ۾ منصب، نبوت ۽ امامت بعد نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّم ۽ سندن جان نثار اصحابن سڳورن کي پيش آيون آهن ۽ اچڻ واريون هيون، جن ۾ "وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ بِشَىۡءٍ..." بعد ڪين تسلي ڏني وئي آهي تہ اهي اوهان جي استطاعت ۽ برداشت مطابق هونديون. " لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفۡسًا اِلَّا وُسۡعَهَا " (البقره: 286/2)

”فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ“ (التغابن: 16/69) ايترو احتياط ڪجي، جيترو ڪري سگهجي.

ياد رکو تہ اوهان جي صبر، استقامت ۽ تعلق بالله جي پوشيده صلاحيتن جي تعمير ۽ نشونما لاءِ جنگ جهڙن خطرن، بک ۽ فاقه ڪشي جي صدمن، مال و دولت جي گهٽجڻ، انساني جان جي قرباني ۽ ڦل ۽ ميون جي نقصان وارن سخت ۽ ڪڙن امتحانن مان گذرڻو پوندو. (العنڪبوت: 2/29) پوءِ صبر و استقامت، حوصلي ۽ همت سان رهڻ وارن کي فتح و ڪامراني جي خوشخبري ڏي. هي اهي خوشنصيب انسان آهن، جڏهن بہ انهن تي ڪا مصيبت يا ڏکيو وقت اچي ٿو تہ انهن جي سدائين اها صدا رهي ٿي تہ اهي ڏک ڏوجهرا، تڪليفون، مصيبتون، نفعا ۽ نقصان جيڪي الله جي راهہ ۾ آيا آهن، اڪين تي آهن. (الممتحنه: 60/5- 4، الملڪ: 2/67) اسان جي هر شيءِ الله جي لاءِ آهي ۽ اسان انهي واسطي ئي سندس هر حڪم طرف رجوع ٿيندڙ آهيون. (الانعام: 63/6، التوبه: 59/9) اهڙين صفتن وارا ئي اهي نيڪ بخت انسان آهن، جن تي الله جي لطف و ڪرم جا بيشمار انبار آهن. اهي ئي رحمت جا حقدار آهن ۽ اهي ئي پنهنجي مقصد حيات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ۽ ڪامران آهن. (الاحزاب: 33/56-43)

سر سانداڻ ڪري پُڇج گهر لهار جو
ڏکن هيٺ ڏري، مان گڏينئي رڪ سين. (شاهہ)

آرام ۽ راحت واري حالت ۾ شڪر خداوند ي ڪرڻ ۽ رنج ۽ تڪليف ۾ صبر ۽ الله جي مدد طلب ڪرڻ جو حڪم آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ مؤمن جو معاملو بہ عجيب آهي، خوشي پهچي ٿي تہ الله جو شڪر ڪري ٿو ۽ تڪليف اچي ٿي تہ صبر ڪري ٿو، بنهي صورتن ۾ خير آهي. (صحيح مسلم) خوشحاليءَ ۾ حرام، گناهہ ۽ ناجائز شين کان بچڻ بہ صبر آهي تہ ڏک، تڪليف ۽ آزمائش ۾ ضبط ڪرڻ بہ صبر آهي.

صبر جنين جو سير، تير نہ گسي تن جو. (شاهہ)

***

صبر جي شمشير سان ڪر ڪيني کي قتلام
تہ نانگا تنهنجو نام لکجي لاهوتين ۾. (شاهہ)

إِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَائِرِ اللَّهِ ۖ فَمَنْ حَجَّ الْبَيْتَ أَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ
عَلَيْهِ أَنْ يَطَّوَّفَ بِهِمَا ۚ وَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَإِنَّ اللَّهَ شَاكِرٌ عَلِيمٌ ﴿١٥٨﴾ إِنَّ
الَّذِينَ يَكْتُمُونَ مَا أَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنَاتِ وَالْهُدَىٰ مِنْ بَعْدِ مَا بَيَّنَّاهُ لِلنَّاسِ
فِي الْكِتَابِ ۙ أُولَٰئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللَّهُ وَيَلْعَنُهُمُ اللَّاعِنُونَ ﴿١٥٩﴾

يقينًا صفا ۽ مروه شعائر الله (الله طرف رجوع ٿيڻ جون) نشانيون آهن. پوءِ جيڪو ماڻهو بہ بيت الله جو حج يا عمرو ڪري تہ ان ڪي هنن ٻنهي جاين جي وچ ۾ (چڪر، طواف) لاءِ ڪوبہ حرج ناهي. جيڪو بہ شخص دل جي خوشيءَ سان ڀلائي (خير) جا ڪم ڪري ٿو تہ الله اهڙن ڪمن جو قدردان آهي ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. (158) بيشڪ جنهن ماڻهو بہ اسان جي نازل ڪيل صريح نشانين ۽ هدايت ڪي ان هوندي بہ لڪائي رکيو، جو اسان هنن ماڻهن لاءِ (پنهنجي) ڪتاب ۾ واضح ڪيو آهي تہ الله انهن تي لعنت موڪلي ٿو ۽ لعنت ڪندڙ ماڻهو بہ انهن تي لعنت موڪلين ٿا. (159)

دين اسلام ۽ قانون خداوندي جي قيام لاءِ اوهان جي انهن ڪوشش بعد اهڙو نظام قائم ٿيندو، جنهن جو اقوام عالم لاءِ بين الاقوامي مرڪز ڪعبة الله ڪي قرار ڏنو ويو آهي، جتي هر سال حج ۽ عمره دوران مجلس شوریٰ جا اجلاس ٿيندا. (الشوریٰ: 38/42) ۽ هن الله جي گهر جو طواف لازم هوندو. (الحج: 22/28-27) ياد رکو تہ انهيءَ طواف ڪعبه بعد جتي مقام ابراهيم ۽ تعمير ڪعبه جي ياد ۾ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِمُ السَّلَامُ جي سنت ادا ٿي رهي آهي، اتي امان هاجره عَلَيْهَا السَّلَامُ جي ياد تازو رکڻ لاءِ ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَامُ جي ذبح واري قربانيءَ جي هنڌ صفا ۽ مروه بہ الله جي شعائر يعني ان جي حڪمت رحمت وارا محترم مقام آهن. "شَعَائِرِ" جمع آهي "شَعِيْرَةٌ" جو، جنهن مان مراد اهي مظاهر يا علامات آهن، جيڪي الله ۽ رسول خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ پاران ڪنهن حقيقت جو شعور قائم رکڻ لاءِ بطور علامت يا نشان مقرر ڪيا ويا آهن. قرباني اسلام جي اهم علامت

آهي. حجر اسود جو استلام (بوسه ڏيڻ يا هٿ لائڻ) الله تعالىٰ سان بيعت وارو عهد ڪرڻ آهي. رمي جمرات شيطان ۽ ان جي چاڙتن خلاف بيزاريءَ جو عملي طور اعلان ڪرڻ آهي. صفا ۽ مروه جو طواف حضرت اسماعيل ذبيح الله ﷺ جي جان نثاري ۽ هجرت امان سائڻ بيبي هاجره ﷺ جي ڪاوشن جي ڪهاڻي آهي. شعائر الله ۾ نه ڪوئي اضافو ڪري سگهي ٿو، نه ڪمي، نه تبديلي، نه تحريف. معلوم هئڻ گهرجي ته انهن شعائرِ اسلام جي اصلي ۽ حقيقي مفهوم ۽ معنىٰ کي جيڪڏهن دل و دماغ ۾ زنده نه رکي ۽ هنن جي رڳو ظاهري صورت تي نظر هجي ته ان شعائر جي حيثيت روح بنا قالب آهي. (البقره: 148/2) پوءِ هر اهو شخص جو حج ۽ عمره جي نيت سان هن گهر جو طواف ڪري ته ان لاءِ لازم آهي ته هو صفا ۽ مروه ٻن پهاڙين جو طواف ڪرڻ ۾ ڪو به حرج يا گناهه ناهي. هت "جناح" يعني گناهه يا حرج جو لفظ استعمال انهيءَ ڪري به ٿي سگهي ٿو ته مشرڪن جا "صفا" تي اساف ۽ "مروه" تي نائله نالي بت رکيل هئا، جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. مسلمانن کي ڇيو وڃي ٿو ته اوهان جو صفا ۽ مروه جو طواف سنت هاجره ﷺ ۽ شعائر الله جي اطاعت آهي. انهن بتن جي پوڄا ناهي ۽ نه وري مشرڪن جي ڪنهن رسم جو شڪ شبهو آهي.

معلوم هجي ته مروه امان هاجره ﷺ جي ڊڪ ڊوڙ سان گڏ حضرت اسماعيل ﷺ جي ذبح جو مقام به آهي. گويا صفا ۽ مروه جو طواف هنن ٻنهي قابل تقليد ڪارنامن جو اعتراف آهي، جيڪو حج ۽ عمري دوران ڪرڻ ضروري آهي. "شاڪر" شڪر مان اسم فاعل آهي، جنهن جي معنىٰ نسبت جي لحاظ سان تبديل ٿئي ٿي. ٻانهي جو شاڪر يعني شڪرگذار رهڻ الله شاڪر يعني شڪر قبول ڪرڻ وارو مراد آهي. ياد رکو ته الله نيتن کي ڏسي ٿو جيڪو به نيڪي ۽ ڀلائي جو ڪم ڪري ٿو ته الله ان جي ڪم جو قدر ڪرڻ وارو ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي. (البقره: 148/2، المؤمن: 19/40) هي سچائي حق ۽ هدايت جا روشن دليل جيڪي انسانن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ اسان ڪتاب مبين قرآن حڪيم ۾ نازل ڪيا آهن، انهن کي جيڪي به ماڻهو پنهنجي ڪنهن ذاتي غرض لالچ يا خوف خطري کان ظاهر نٿا ڪن، هي اهي ماڻهو آهن، جن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ اهي الله جي رحمت واري هن اسلامي نظام جي برڪتن کان محروم آهن ۽ خلق خدا جون به انهن تي لعنتون

آهن جو هو خود تہ برڪتن ۽ رحمتن کان محروم آهن، پر پنهنجي بداعمالي ۽ بدڪرداري سميت ٻين کي ان جي فائدن ۽ برڪتن کان محروم رکڻ جي ڪڏي ڪم ۾ رذل آهن.

حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ سُئِلَ عَنْ عِلْمٍ فَكَتَمَهُ أُلْجِمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِلِجَامٍ مِنَ النَّارِ" (جامع ترمذي- سنن ابن ماجه) ڪنهن کي ڪنهن شيءِ جو علم آهي ۽ هو ان کي لڪائي ٿو ۽ ٻين ماڻهن تائين رسائي ڏيڻ کان مخفي رکي ٿو تہ قيامت واري ڏينهن ان کي باهہ جو لغام منهن ۾ ڏنو ويندو. برائيءَ جو ڏس ڏيندڙ برائي ڪندڙ وانگر ۽ چڱائيءَ جو ڏس ڏيندڙ چڱائي ڪندڙ وانگر آهي. اهي ٻئي ٽولا پنهنجي پورهئي موجب عذاب ۽ ثواب جا مستحق آهن. يهودين بہ آيات الاهي پوريءَ طرح عوام آڏو ظاهر ڪرڻ بدران مخفي ڪيون. "وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً عِنْدَهُ مِنَ اللَّهِ" (البقره: 140/2) ان کان وڏيڪ ڪير ظالم هوندو، جيڪو حق جي گواهيءَ کي لڪائي، مخفي رکي.

إِلَّا الَّذِينَ تَابُوا وَأَصْلَحُوا وَبَيَّنُوا فَأُولَٰئِكَ أَتُوبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَأَنَا التَّوَّابُ
الرَّحِيمُ ﴿١٦٠﴾ إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَمَاتُوا وَهُمْ كُفَّارٌ أُولَٰئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللَّهِ
وَالْمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ ﴿١٦١﴾ خَالِدِينَ فِيهَا ۖ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا
هُمْ يُنْظَرُونَ ﴿١٦٢﴾ وَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۖ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ الرَّحْمَٰنُ الرَّحِيمُ ﴿١٦٣﴾ ع ١٩ / ٣

مگر جيڪي ماڻهو توبه اختيار ڪن ۽ پنهنجي اصلاح ڪن ۽ حق (جنهن کي لڪائيندا هيا) کي ظاهر ڪن تہ مان (الله) بہ انهن کي معاف ڪري ڇڏيندس ۽ مان وڏو توبه قبول ڪندڙ ۽ مهربان آهيان. (160) (بيشڪ جن ماڻهن (حق ڇڏي) ڪفر اختيار ڪيو ۽ انهيءَ ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويا تہ (اهڙن ماڻهن تي) الله جي فرشتن جي ۽ سمورن انسانن جي لعنت (ڦٽڪار) آهي. (161) اهي هميشه انهيءَ لعنت ۾ گرفتار رهندا ۽ انهن تان عذاب گهٽايو نہ ويندو ۽ نہ وري انهن کي ڪنهن قسم جي مهلت ڏني ويندي. (162) ۽ اوهان جو معبود (عبادت

لائق) هڪ الله آهي. ان کانسواءِ ڪوبہ معبود ناهي. هو نهايت مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪندڙ آهي. (163)

ها جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي بہ وئي آهي واپسي (توبه) جا دروازا بند نہ آهن. جيڪڏهن اوهان پنهنجي غلطي محسوس ڪري، ندامت ۽ شرمساريءَ جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي گناهہ يا غلطي کي ڇڏي پنهنجي اصلاح ڪئي ۽ جيڪو حق ۽ سچائي جو پيغام ڇُپايو هو، ان کي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ بيان ڪيو تہ پوءِ اسان بہ اهڙن ماڻهن جي توبه (واپسي) قبول ڪيون ٿا. ياد رکو تہ الله تمام گهڻو معاف ڪرڻ وارو ۽ رحمت ڪرڻ وارو آهي. پر جيڪڏهن ڪي ماڻهو راهہ حق کان انڪار ۽ ڪفر جو رستو اختيار ڪن ٿا ۽ انهيءَ انڪار ۽ ڪفر تي اڙيل رهن ٿا ۽ انهيءَ حالت ۾ مري وڃن ٿا ۽ پنهنجي اصلاح جا دروازا بند رکن ٿا تہ هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله جي ۽ ان جي فرشتن جي ۽ عام انسانن جي لعنت آهي. جنهن ۾ هو هميشه هميشه لاءِ هوندا، نہ هنن جي عذاب ۾ ڪا بہ ڪمي ايندي ۽ نہ وري انهن کي ڪنهن بہ قسم جي مهلت ملي سگهندي. اهي ماڻهو (يهود ۽ نصاریٰ) سندن ڪتاب، تورات ۽ انجيل ۾ آخري پيغمبر جي بعثت متعلق آيل آيتن کي لڪائيندا يا انهن ۾ تحريف ڪندا هيا ۽ سندس علماءِ ۽ مشائخ هن پوري حقيقت کان واقف هجڻ باوجود پنهنجي گمراهہ ۽ باطل اعتقاد تي قائم هيا. آيت 162 تي ذريّت ابراهيم عليه السلام جي هڪ شاخ بني اسماعيل جو بيان ختم ٿئي ٿو ۽ آيت 163 کان نئون بيان يعني دين ابراهيم جي تجديد ڪئي ٿي وڃي، جنهن جي ابتدا توحيد سان آهي ۽ بعد ۾ ترتيب سان شريعت جا احڪام ڏنا ويا آهن.

ياد رکو اوهان جو حقيقي معبود هڪ الله ئي آهي. هن کان سواءِ ڪو بہ مالڪ حقيقي نہ آهي ۽ نہ وري ان جي لائق آهي تہ ان جي اطاعت ۽ عبادت ڪجي ۽ ان جي حڪمن جي پيروي ڪجي. اهو ئي هڪ الله آهي جو نهايت مهربان ۽ ٻاجهارو آهي ان ڪري ان جي حڪمن جي پيروي ڪري هن جي رحمتن ۽ نعمتن مان مزا ماڻيو. هتي الله عزوجل جي اسماءِ حسنه مان رحمٰن ۽ رحيم جو ذڪر ڪري انسان سان الله جي رحمت، شفقت ۽ مغفرت واري صفتن جو بيان ڪري، ڪيس تعلق بالله رکڻ لاءِ چيو ويو آهي ۽ خواه مخواه وسيلا ڳولڻ کان روڪيو ويو آهي ۽ الله سان رابطي رکڻ جو پيغام ڏنو ويو آهي.

اِنَّ فِیۡ خَلۡقِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَاخۡتِلَافِ الَّیۡلِ وَالنَّهَارِ وَالۡفُلۡكِ الَّتِیۡ
تَجۡرِیۡ فِی الۡبَحۡرِ بِمَا یَنۡفَعُ النَّاسَ وَمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ
مَّآءٍ فَاَحۡیَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا وَبَثَّ فِیۡهَا مِنۡ كُلِّ دَآبَّةٍ ۪ وَّتَصۡرِیۡفِ
الرِّیٰحِ وَالسَّحَابِ الۡمُسَخَّرِ بَیۡنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ لَاٰیٰتٍ لِّقَوۡمٍ یَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶۴﴾

بيشڪ آسمانن ۽ زمين جي تخليق ۾ ۽ رات ڏينهن جي گردش ۾ ۽ انهن ٻيڙين (جهازن) ۾ جيڪي سمنڊن (دريائن) ۾ ماڻهن کي فائدو ڏيڻ واريون شيون کڻي هلن ٿيون ۽ ان بارش جي پاڻيءَ ۾ جيڪو الله آسمان جي طرفان نازل ڪيو آهي ۽ زمين کي مرده (غيرآباد، بنجر) ٿي وڃڻ کان پوءِ زنده (آباد ۽ شاداب) ڪري ٿو (هن زمين ۾) هن هر قسم جا جانور پکيڙي ڇڏيا آهن ۽ هوائن جا رخ بدلڻ ۾ ۽ ان بادل ۾ جيڪو نظامِ خداوندي مطابق آسمان ۽ زمين درميان هلي ٿو) الله جي قدرت جون بيشمار نشانيون آهن. (164)

هن آيت ڪريمه ۾ الله تعالىٰ پنهنجي قدرت جون نشانيون بيان ڪرڻ فرمايون آهن، جن ۾ الله جي وحدانيت ۽ ان جي انعام ۽ بخشش جو اظهار آهي. خدا جون نعمتون تہ بيشمار آهن، جن جو ڪاتو ڪرڻ ناممڪن آهي. (ابراهيم: 32/14 کان 34، النحل: 18/16) ”فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ“ (الرحمٰن) هن کان اڳ سورة النحل جون شروعاتي 18 آيتن ۾ بہ الله تعالىٰ جي نعمتن جو بيان آهي. هاڻي هن سورت ۾ بہ الله جي 8 عظيم نعمتن جو ذڪر آهي: (1) زمين ۽ آسمانن جي خلقت ۽ عجائب بيان ٿيل آهن. (2) رات ڏينهن جو هڪ ٻئي پنيان اچڻ ۽ انهن جون برڪتون (3) دريائن ۽ سمنڊن ۾ جهاز ۽ ڪشتيون هلائي اسباب روزگار ۽ سفر پيدا ڪيا آهن. (4) آسمان مان برسات وسائڻ ۽ ان سان زمين کي شاداب رکڻ. (5) زمين تي جاندار مخلوق کي وڌائڻ. (6) هوائون هلائڻ ۽ گرمي سرديءَ ۾ ان کي بدلڻ ۽ (7) زمين ۽ آسمان جي درميان بغير ٿنڀي ٽوٽيءَ جي بادل قائم ڪرڻ ۽ انهن کي روءِ زمين تي پکيڙڻ آهي، (8) جن جو تفصيل هيٺ ايندو.

خدا جي نعمتن ۽ نوازشن جو ڪو شمار ڪونهي، جن مان زمين ۽ آسمانن جي تخليق، رات ۽ ڏينهن جو باقاعدگي سان هڪٻئي پٺيان اچڻ ۽ سمندن، دريائن ۽ ڍنڍن ۾ هلندڙ ڪشتيون ۽ جهاز جيڪي بار برداري ۽ انسانن جي سواريءَ لاءِ آهن ۽ آسمان طرفان جيڪا برسات وسي ٿي، جنهن سان بنجر ۽ غير آباد مرده زمين وري زندگي پائي، سرسبز شاداب ٿئي ٿي، جنهن جي وسعت ۾ هر طرف جاندار پکڙيل آهن ۽ هر موسم ۾ مختلف طرفن کان هوائن جي گهلڻ ۽ بادل جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ بنا ڪنهن ٿنڀ ٽوٽي يا سهاري جي هوائن جي دوش تي سوار آهن. انهن مذڪور مڙني شين ۾ عقل ۽ بصيرت رکندڙ ماڻهن لاءِ غور و فڪر ڪرڻ سان قادر ڪريم جي قدرت، حڪمت، رحمت جون بيشمار نشانيون موجود آهن. جنهن جي دست قدرت ۾ ڪائنات جو نظام نهايت نظم و ضبط سان هلي رهيو آهي. انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪا به هستي ۽ قوت ڪونهي، جنهن جي زمين ۽ آسمان تي حڪمراني هجي. برسات وسائڻ، بادل بنائڻ، غيرآباد زمين کي آباد ڪرڻ، هوائون ۽ موسمون پيدا ڪرڻ جو اختيار هجي. سج چنڊ جو مقرر اُفق تان نروار ٿيڻ، جنهن ۾ ذري پر جو فرق پوري نظام کي ڏڙم ڪري ڇڏي، سو الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن جي دستِ قدرت، طاقت ۽ قوت ۾ ناهي ۽ هي حيرت انگيز ۽ عبرتناڪ انتظام ۽ اهتمام جو بنا ڪنهن نقص ۽ خلل جي صدين کان جاري آهي، اهو برملا شهادت ڏئي رهيو آهي ته هن جهڙي ايڏي وڏي نظام جو اختيار ۽ اقتدار هڪ الله جي حڪمت ۽ قدرت جو اظهار آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَلَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿١٦٥﴾

ڪجھ ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي الله سان ٻين (شين) کي همسر ۽ برابر قرار ڏين ٿا. هو انهن (باطل معبودن) سان اهڙي محبت ڪن ٿا، جهڙي (فقط) الله سان ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ جيڪي مؤمن آهن، اهي الله سان سڀ کان وڏيڪ

**محبت ڪن ٿا. جيڪڏهن هي ظالم ماڻهو ان وقت کي (هاڻي) ڏسي سگهن، جڏهن هو عذاب ڏسندا ته پوءِ کين معلوم ٿي ويندو ته بيشڪ سموري قوت الله جي آهي ۽ بيشڪ الله سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي. (165)**

الله تبارڪ و تعالىٰ جي انهن چٽين سبق آموز نشانين جي باوجود عقل جا اهڙا انڌا ماڻهو به موجود آهن، جيڪي حقيقي الله سان غير الله کي همسر ۽ هم مرتبه ۽ برابر سمجهن ٿا ۽ ان جو مد مقابل بڻائين ٿا. (الاعراف: 3/7) هو انهن باطل ۽ خود ساخته خدائن سان اهڙي محبت ڪن ٿا، جهڙي محبت حقيقي الله سان ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي حڪمن جي تابعداري ڪن ٿا ۽ انهن جو نالو ٻڌي خوش ٿين ٿا ۽ الله جي نالي وٺڻ سان ڪوفت ۽ خفت محسوس ڪن ٿا ۽ ناخوش ۽ ناراض ٿين ٿا. (الزمر: 45/39) پر هنن نامراد ماڻهن جي برعڪس اهڙا به مؤمن ٻانها آهن، جيڪي حقيقي الله سان سڀ کان وڌيڪ محبت ڪن ٿا ۽ ان جي حڪمن جي دل جي گهراين سان پيروي ڪن ٿا. اها گمراهيءَ جي حقيقت انهن ظالمن تي تڏهن کلندي، جڏهن هو پنهنجي بداعماليءَ ۽ بدڪرداري جو عذاب ڏسندا ۽ پوءِ چوندا ته واقعي اصل اقتدار ۽ بادشاهي الله عزّو جلّ جي آهي. باقي ٻيا هٿرادو نهيل آقا ۽ داتا سڀ بناوتي ۽ بي بقا بوتا آهن. جن کان نه نفعو ملندو نه نقصان. جزا سزا جو مالڪ ته الله آهي ۽ ان جي پڪڙ ۽ عذاب کان ڊڄڻ گهرجي. زندگيءَ جي پل پل کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي. پر ان وقت جي شرمساري ڪوبه فائدو نه ڏيندي، ويتر دل جلي جو وڌيڪ ڪارڻ بڻبي. ان ڪري زندگيءَ جي پل پل کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ وقت جو فائدو وٺجي ۽ خوابِ غفلت مان بيدار ٿجي.

سُتا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي (شاهه)

* **

غور ڪر غافل، چوي گهڙيال ڇاتو هر گهڙي
منٺ هڪڙو زندگي تنهنجي منجهان گذري ويو (مشتاق سچاروي)

هت چيو ويو آهي ته الله عزّ وجلّ جي ٻين سيني شين کان وڌيڪ محبت ڪريو.

يعني خدا جي مخلوق سان بہ محبت كريو، پر الله جي محبت انهن سيني كان وڌيڪ هجي، جهڙيءَ طرح پاڻ كريمن ﷺ جي حديث آهي: "لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ" يعني حضور ﷺ سان محبت دنيا جي هر شيءِ كان وڌيڪ محبت هجي ۽ اها محبت ئي الله جي اهڙي محبت پيدا كندي، جنهن جي برابر كا محبت نہ هوندي. جنهن لاءِ ضروري آهي تہ هو: (1) نفس جي خواهشن تي الله جي حكمن كي ترجيح ڏئي. محبوب اهڙو هجي، جنهن ۾ كو عيب يا نقص نظر نہ اچي.

وَ فِيْ كُلِّ شَيْءٍ لَّهٗ آيَةٌ
تَدُلُّ عَلٰى اِلٰهٍ وَّاحِدٍ

پريان سندي پار جي، مڙيوئي منائي
كانهي كڙائي، چكين جي چت كري (شاهہ)

(2) حكم الاهي ۽ قضا قدر تي هميشہ راضي رهي. (3) الله جي ملاقات جو شوق هجي ۽ موت كان گهبرائجي، پر سمجهي تہ "اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ" موت اهڙي پل آهي، جو هڪ دوست كي ٻئي دوست سان ملائي ٿي. الله جو ذكر زبان ۽ دل تي جاري رهي. هر عمل وقت الله ياد اچي. نيڪ عمل وقت بہ تہ بري عمل وقت بہ ۽ خوف خدا ۾ اميد ۽ خوف جو خيال رهي. نيڪن جي صحبت اختيار كجي.

صحبت صالح ترا، صالح كند
صحبتِ طالح ترا، طالح كند

اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا وَ رَاَوُا الْعَذَابَ وَ تَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿١٦٦﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿١٦٧﴾ ع ٢٠

(۽ ياد رکو) جڏهن اهي (ليڊر) جن جي ماڻهن پيروي ڪندا هيا، پنهنجن پيروي ڪندڙن کان پنهنجي بيزاري (لاتعلقيءَ) جو اظهار ڪندا ۽ هو (سڀ) الله جو عذاب اکين سان ڏسي رهيا هوندا ۽ هنن جا سمورا اسباب (وسيلا) ختم ٿي ويندا. (166) ۽ (اڳواڻن جي) اها بيزاري ڏسي سندن پيروڪار چوندا ته ڪاش دنيا ۾ وري رهڻ جو موقعو ملي وڃي ته اسان به هنن کان اهڙيءَ طرح بيزاري ڪنداسون، جهڙيءَ طرح هنن (اڄ) اسان سان بيزاري ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح الله هنن جا اعمال حسرت ۽ افسوس بنائي ڏيکاريندو ۽ هو ڪنهن حالت ۾ به دوزخ کان نڪري نه سگهندا. (167)

پوءِ جڏهن اهي ڪوڙا ۽ نقلي اڳواڻ جن جي ماڻهو حقيقي الله ڪي ڇڏي، سندن پيروي ڪندا هئا ۽ انهن جي خواهشن ۽ حڪمن مطابق زندگي بسر ڪندا هئا. پنهنجن انهن پوئلڳ ۽ اطاعت گذار ماڻهن کان پنهنجي لاتعلقيءَ جو اظهار ڪندا ۽ چوندا ته هنن سان اسان جو ڪو تعلق ناهي، ڇو ته هو پنهنجن بچڙن ڪمن جي موٽ ۾ پنهنجي اکين سان عذاب الٰهي ڏسندا ته هنن جا پاڻ ۾ پويان لاڳاپا سڀ ٽٽي ختم ٿي ويندا ته ان وقت اهي ماڻهو، جن انهن باطل پيشوائن جي پيروي ڪئي هئي، اهي دانهن ڪري چوندا ته جيڪڏهن اسان ڪي هڪ ڀيرو وري دنيا ۾ موٽڻ جو موقعو ملي وڃي ته اسان هنن جعلي ۽ ڪوڙن آقائن کان اهڙيءَ طرح بيزاري ڪنداسون ۽ پري ڀڄنداسون، جهڙيءَ طرح اڄ هو اسان سان لاتعلقي ۽ بيزاريءَ جو اظهار ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح الله هنن ڪي سندن انڌي تقليد ۽ بي جا پيرويءَ ۾ ڪيل بداعماليءَ جا نتيجا چٽي طرح ڏيکاريندو، جيڪو هنن جي افسوس، حسرت ۽ پڇتاوي جو عبرتناڪ منظر هوندو. اهي هميشه هميشه عذاب جي آڙاهه ۾ جلندا پُڇندا رهندا. اهو دردناڪ منظر گذريل گمراهه قومن جي حصي ۾ ته هوندو ئي، پر هن امت جا افراد به اهڙي روش ۽ طرز حيات رکڻ وارا به هن مڪافات عمل کان بچي ڪو نه سگهندا ۽ قانونِ مڪافات مطابق هر انسان ڪي هن عمل مان گذرڻو آهي.

عمل سے زندگی بنتی ہے، جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں، نہ نوری ہے نہ ناری ہے (علامہ اقبال)

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ
الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَالْفَحْشَآءِ وَاَنْ
تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ
قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَلَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ
شَيْـًٔا وَّلَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧٠﴾

اي انسانؤ! زمين جي شين مان جيڪي حلال ۽ پاڪيزه آهن، اهي کائو ۽ شيطان جي نقش قدم جي پيروي نہ ڪريو. يقينًا هو اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي. (168) هو اوهان کي بدي ۽ برائيءَ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ اهو بہ تہ اوهان پنهنجي الله بابت اهو ڪجهہ چؤ، جنهن جو خود اوهان کي ڪو علم نہ آهي. (169) ۽ جڏهن ڪافرن کي چيو وڃي ٿو تہ جيڪو الله نازل ڪرڻ فرمايو آهي، ان جي پيروي ڪريو تہ هو چون ٿا تہ نہ، پر اسان تہ ان روش تي هلنداسون، جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو آهي. توڙي ڪٽي هنن جا ابا ڏاڏا نہ عقل رکندا آهن ۽ نہ وري هدايت تي آهن. (170)

عرب جا مشرڪ پنهنجن نقلي معبودن کي خوش رکڻ لاءِ ڪجهہ جانورن کي انهن جي نالي منسوب ڪندا هيا ۽ پوءِ انهن جانورن تي سواري ڪرڻ، نار ۾ جوٽي آبپاشي ڪرڻ ۽ زمين کيڙڻ جهڙو نفعو وٺڻ کي پاڻ تي حرام سمجهندا هيا، حالانڪ اهي جانور الله جي قانون موجب حلال هيا، جن مان فائدا حاصل ڪرڻ الله جي نعمتن جو اقرار هيو، پر اهي مشرڪ پنهنجن معبودن کي خوش رکڻ لاءِ انهن تي پاڻ لاءِ حرام قرار ڏيندا هيا، جنهن تي کين چيو ٿو وڃي تہ الله جي حلال رزق کي استعمال ڪريو. حرام رزق کان بچو ۽ حلال رزق کي حرام نہ ڪيو. (البقره: 22/2-21) الله تعالىٰ رزق حلال جو حڪم ڏنو

آهي، يعني اهڙو رزق، جيڪو شريعت ۾ حلال هجي، طيب به هجي، گندگي، غلاظت يا مدي خارج وغيره نه هجي. رشوت، خيانت، غصب ذريعي حاصل نه هجي. جائز، پاڪ صاف ۽ حلال هجي. ياد رهي ته مالِ حرام کان بچڻ ۽ تقويٰ اختيار ڪرڻ لاءِ لازمي آهي ته: (1) حرام شين کان هر حال ۾ بچجي. اهو عام مؤمن جو درجو آهي. (2) مشتبه (شڪ وارين) شين کان پاڻ بچائي. حديث شريف ۾ آيو آهي ته جنهن شيءِ جي حلال طيب هجڻ ۾ شڪ هجي، ته ان کان پرهيز ڪري. اهو صالح ماڻهن جو درجو آهي. (3) خطري وارين شين کان بچڻ لاءِ، ان ڏانهن راغب ڪندڙ بي خطره شين کان به پاڻ بچائي. اهو مُتقين جو مقام آهي. تڏهن ته چون ٿا ته "حَسَنَاتُ الْاَبْرَارِ سَيِّئَاتِ الْمُقَرَّبِيْنَ" نيڪن جون نيڪيون مُقرّبين لاءِ سيئات/ برائي آهن. چون ٿا ته حضرت امام ابوحنيفه رحمة الله عليه کي هڪ ماڻهوءَ شڪايت ڪئي ته اڄ منهنجو ٻڪرو چوري ٿي ويو آهي. امام صاحب ڪانئس پڇيو ته اگر زنده رهي ها ته اڃان ڪيترا سال زنده رهي سگهي ها. چيائين ته 12 سال ڪن. امام صاحب ايندڙ 12 سال بازار مان گوشت نه گهرايو ته متان اهو ان چوري ٿيل ٻڪر جو هجي. هڪ ڀيرو حضرت امام ابوحنيفه رحمة الله عليه خطاب ڪندي چيو ته پليتي ڪپڙي تي هڪ درهم جيتري نه آهي، گهٽ آهي ته اهو ڪپڙو ناپاڪ نه آهي. ڪنهن ماڻهوءَ ڏٺو ته امام صاحب ڪپڙي تي ٿورو رت لڳل هيو، ان کي ڌوئي رهيو هيو. ڪانئن پڇيو ويو ته اوهان ته ايتري ٿوري مقدار واري پليتيءَ کي ناپاڪ نه سڏيو آهي. امام صاحب رحمة الله عليه وراڻيو ته اُها منهنجي فتويٰ هئي، هيءَ منهنجي تقويٰ آهي. (سبحان الله)

ياد رهي ته اهڙو رزق حلال، ايمان ۽ عبادت جي قبوليت جو جزو لازم آهي. الله تي ايمان ۽ ان سان محبت لاءِ ضروري آهي ته مؤمن حرام ناجائز ۽ ناپاڪ شين کان پرهيز ڪري. ان ڪري ارشاد رباني آهي: اي بني آدم! زمين تي جيتريون پاڪيزه ۽ حلال شيون اوهان جي غذا ۽ نشو نما لاءِ مهيا ڪيون ويون آهن، انهن جي کائڻ پيئڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي اوهان کي کلي اجازت آهي. (البقره: 2/168-172، المائده: 5/5-4، النحل: 16/14) ۽ اهڙن شيطان صفت ماڻهن جي پيروي نه ڪريو، جيڪي دولت ڪٺي ڪرڻ جي حرص و هوس ۾ حلال ۽ حرام ۽ جائز ناجائز جو خيال نٿا ڪن، چو ته اهڙا شيطان اوهان جا کلم کلا دشمن

آهن ۽ نہ وري انهن جي چوڻ تي انڌي تقليد ڪندي، خدا جي حلال ۽ پاڪيزه شين کي حرام ۽ ناپاڪ سمجهو. اهو اوهان جو ازلي دشمن شيطان يا شيطان صفت انسان اوهان کي برائي ۽ بي حيائي جي ڪمن تي آماده ڪندا ۽ دل ۾ اهڙا وسوسا ۽ خيال پيدا ڪندا تہ اوهان الله ڏانهن اهڙيون غلط ۽ بي بنياد ڳالهيون منسوب ڪريو، جن جو اوهان کي ذرا ۾ علم ناهي. (المائده: 104/5، يونس: 78/10، هود: 11/62-87، الانبياء: 53/21، المؤمنون: 24/23، سبا: 43/34، ص: 7/38، الزخرف: 23/43) انهن گمراه ماڻهن کي جڏهن چئجي ٿو تہ الله تعالىٰ جيڪو قرآن نازل ڪيو آهي ۽ ان جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ اتباع ڪريو تہ هو جواب ۾ چوندا تہ اسان رڳو ان جي پيروي ڪنداسون، جنهن تي اسان جا وڏڙا رهيا آهن. سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ جيڪڏهن هنن جا ابا ڏاڏا (وڏڙا) عقل جا انڌا ۽ حق ۽ سچائيءَ واري وات کان انڪاري رهيا آهن تہ اوهان بہ انهن جي انڌي تقليد ۽ پيروي ۾ حق ۽ هدايت جا انڪاري رهندا.

پاڻ ڪجهہ ناهين، پڏائين تو ابا ڏاڏا رڳو
ريت تي محلات ناهڻ جي عبث عادت نہ ڪر

(مشتاق سچاروي)

اڪثر اهو ڏنو ويو آهي تہ ماڻهو پنهنجي سوچ سمجهہ ۽ تحقيق نہ پر روايتي طور آباء اجداد جي رسم و رواج کي پنهنجو طرزِ حيات بڻائي زندگي گذارين ٿا ۽ ان کي پنهنجو مسلمانيءَ جو لبادو اوڙهي اصل حقيقت کان محروم رهن ٿا، ايمان، اسلاف جي انڌي تقليد جو نالو ناهي، پر اسلام الله جي احڪامن ۽ قرآن تي عمل ڪرڻ جو ذاتي مشاهدو آهي.

پاڻ ڪمائين ڪين، پڏائن ڏاڏا ۽ نانا
اهڙا وائي آنا، ڪيترا ڪکڙين ڪِنا ڪيا

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّ نِدَآءً ؕ صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٧١﴾

۽ هنن ڪافرن (ڪي هدايت طرف سڏ ڪرڻ) جو مثال اهڙي شخص جو آهي، جيڪو ڪنهن اهڙي (جانور) کي آواز ڏئي، جيڪو سواءِ سڏ ۽ پڪار جي ڪجهه نه سمجهندو ٻڌندو هجي. هو (ڪافر) ماڻهو ٻه ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا آهن، جن کي ڪا خبر نه آهي. (171)

هنن ڪافرن جو مثال انهن جانورن وانگر آهي، جيڪي ڌنار جي آواز يا هڪل هونگ ته ٻڌن ٿا، مگر اهي سمجهن ڪجهه به نٿا ته ڌنار ڇا ٿو چوي. بلڪل اهڙي طرح ڪافرن کي حق ۽ هدايت وارو وحي جو پيغام سمجهڻ ۾ نٿو اچي ۽ هو پنهنجي آبائي ۽ خانداني روايتن ۽ رسمن ۾ اهڙا ته محو ۽ مگن آهن، جو حق جو آواز ٻڌڻ ۽ سمجهڻ کان جانورن وانگر ڪورا آهن. ائين سمجهو ته حق ۽ سچ ٻڌڻ کان ٻوڙا، حق ۽ سچ چوڻ کان گونگا ۽ حق ۽ سچ جي راهه ڏسڻ کان انڌا آهن. (البقره: 18/2، الاعراف: 179/7) بلڪل اهڙيءَ طرح مسلمان عوام ۾ پنهنجن پيشوائن جي رسم و رواج جي انڌي تقليد، جنهن کي هو سمجهڻ کان سواءِ ڪندا رهن ٿا، پر جيڪڏهن هيءَ آيت بت پرستن بابت آهي ته پوءِ مطلب ٿيو ته بت پرستن جو بتن کان پنهنجي حاجت روائي ۽ مشڪل ڪشائي لاءِ ٻاڏائڻ بلڪل اهڙي ڌنار وانگر آهي، جيڪو ٻڪرين جي ڌڻ يا جانورن کي آواز هڻي ٿو، جنهن جو نه پاڻ مطلب سمجهي ٿو ۽ نه جانور سمجهن ٿا. يعني صدا به صحرا ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح هي بت پرست به بتن آڏو ٻاڏائن ٿا. نه بت هنن جو آواز ٻڌن ٿا ۽ نه هي بيوقوف ڪجهه حاصل ڪن ٿا، ڇوته هنن جي سماعت، گفتگو ۽ بصيرت جي صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي، گويا هو گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا ٿي ويا آهن. هنن کي ابن ڏاڏن جي انڌي تقليد جانورن جي درجي تي پهچايو آهي. هنن جو عقل ۽ فڪر ڪين گمراهيءَ ڏانهن ونئي ٿو وڃي.

قريا ڏسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا (شاهه)

نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته ”مون پنهنجي ٻانهن کي حنيف ڪري پيدا ڪيو آهي پر شيطان انهن کي سندن دين کان پري ڪري ڇڏيو ۽

منهنجن حلال شين کي حرام کيو. (صحيح مسلم) " اَلْمَوْلُوْدُ يُوْلَدُ عَلَى الْاِسْلَامِ فَاَبَوَاهُ يَهُوْدَانِهٖ اَوْ يُمَجِّسَانِهٖ " (صحيح بخاري) هر ٻار اسلام تي پيدا ٿئي ٿو، باقي يهودي ۽ نصاري، کيس ماءُ پيءُ کن ٿا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَ اشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١٧٢﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٧٣﴾

مسلمانؤ! انهن پاڪيزه شين مان کائو، جيڪي اسان اوهان کي عطا ڪيون آهن ۽ الله جو شڪرادا ڪريو. جيڪڏهن اوهان رڳو ان جي بندگي ڪريو ٿا. (172) بيشڪ ان (الله) اوهان لاءِ مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اهي جانور، جن جي ذبح ڪرڻ وقت غيرالله جو نالو ورتو ويو، حرام ڪيا آهن. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اضطراري حالت ۾ سخت مجبور ٿي وڃي ته اهو زندگي بچائڻ جي حد تائين کائڻ ۾ ڪو گناهه نه آهي، بشرطيڪ کائڻ نافرماني ڪرڻ يا ضرورت کان زياده لاءِ نه هجي. بيشڪ الله نهايت بخشڻ وارو ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي. (173)

مؤمن کي آگاهه ڪيو تو وڃي ته اوهان جي زندگي ڪافرن کان مختلف، الله پاران ڏنل ضابطه حيات موجب آهي. ڪافر جيڪي حق ٻڌڻ ڏسڻ ۽ چوڻ کان محروم آهن، اهي جانورن وانگر حلال حرام، جائز ناجائز جو خيال نٿا رکن، پر اوهان لاءِ الله جو حڪم آهي ته مؤمنو! جيڪي پاڪيزه شيون اسان اوهان جي رزق لاءِ ڏنيون آهن، صرف اهي کائو ۽ الله جي انهن نعمتن کي استعمال ڪري ان جي احسانن جي قدر شناسي ڪندي، سندس

شڪرگذار ٻانها ٿيو. جيڪڏهن واقعي ان جي عبادت ڪندڙ آهيو ۽ ان جي حڪمن ڪي مڃيندڙ آهيو پر الله جيڪي شيون اوهان لاءِ حرام ڪيون آهن، اهي رڳو هي آهن: مردار، وهندڙ خون (الانعام: 146/6-145) سوئر جو گوشت، هر اهو جانور يا شيءِ جنهن تي الله ڪانسواءِ ٻئي جو نالو وٺي منسوب ڪيو وڃي. ياد رهي ته هت مطلق حلال ۽ حرام جو بيان نه ٿي رهيو آهي، پر انهن مخصوص جانورن جي حلّت ۽ حرمت جو بيان آهي، جن بابت مڪي جا مشرڪ پنهنجن مشرڪانه عقيدن ۾ اعتبار ڪندا هيا، ورنه شير، بندر، ڪتو، ٻلو، گدڙ، ٻگهڙ، باز، ڳجهه وغيره به حرام آهن، ڇوته انساني فطرت ڪي ناپسند آهن. پر جيڪڏهن ڪنهن ڪي پاڪيزه ۽ حلال شيءِ ملڻ مشڪل ٿي وڃي ۽ زندگي خطري ۾ پئجي وڃي ته رڳو اهڙي اضطراري حالت ۾ هن ڪي حرام شيءِ کائڻ جي اجازت آهي، پر قانون شڪني ڪندڙ يا هوس پروري ۽ لذت حاصل ڪرڻ مقصود نه هجي ۽ نه وري ضرورت ڪان ذرو پر به زياده کائي ته پوءِ اهڙي اضطراري حالت ۾ حرام ڪيل شيءِ کائي ٿو ته اهڙي مجبور انسان لاءِ ڪو به گناهه نه آهي. بيشڪ الله ٻانهن جون غلطيون، ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون بخشڻ وارو ۽ وڏو مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي. (المائده: 88/5-87، الانعام: 146/6-145، النحل: 115/16-114، الحج: 30/22)

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَكۡتُمُوۡنَ مَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ الۡكِتٰبِ وَيَشۡتَرُوۡنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ۙ
اُولٰٓئِكَ مَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَلَا
يُزَكِّيۡهِمۡ ۖۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿١٧٤﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ اشۡتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالۡهُدٰى
وَالۡعَذَابَ بِالۡمَغۡفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصۡبَرَهُمۡ عَلَى النَّارِ ﴿١٧٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الۡكِتٰبَ
ع ٢١/٩/٥ بِالۡحَقِّ ؕ وَاِنَّ الَّذِيۡنَ اخۡتَلَفُوۡا فِى الۡكِتٰبِ لَفِىۡ شِقَاقٍۢ بَعِيۡدٍ ﴿١٧٦﴾ ع

بيشڪ جيڪي ماڻهو ڪتاب (تورات جي انهن آيتن ڪي جيڪي الله نازل ڪرڻ فرمايون آهن) ڪي لڪائين ٿا (ظاهر نٿا ڪن) ۽ ان جي بدلي ۾ ٿورڙي

قيمت وصول ڪن ٿا (الله جي آيتن جي بدلي ۾ جيترو گھڻو به ملي، اھو ان جي مقابلي ۾ ھيچ آھي) اھي ماڻھو پنھنجي پيٽن ۾ باھ ڀرڪائين ٿا. الله، قيامت جي ڏينھن انھن سان ڪوبه ڪلام نه ڪندو ۽ نه وري انھن کي (انھيءَ پليديءَ کان) پاڪ صاف ڪندو ۽ نه وري وڌائيندو رھندو. انھن لاءِ دردناڪ عذاب آھي. (174) ھي اھي ماڻھو آھن، جن ھدايت جي بدلي گمراھي خريد ڪئي آھي ۽ مغفرت جي عوض عذاب، ڪھڙي شيءِ ھنن کي دوزخ جي باھ تي صبر ڪرڻ وارو ڪيو آھي. (175) ھي انھيءَ ڪري آھي ته الله تعالىٰ حق ۽ سچائيءَ تي مبني ڪتاب نازل ڪيو آھي (پر ان ھوندي به) بيشڪ جن ڪتاب ۾ اختلاف اختيار ڪيو، اھي ماڻھو حق جي مخالفت ۾ پري پھچي چڪا آھن. (176)

حلال ۽ حرام بابت الله جو چٽو ۽ واضح قانون موجود آھي، پر جيڪي ماڻھو الله جي ڪتاب ۾ موجود ھدايتون ۽ آيتون لڪائي ۽ انھن کي بيان نه ڪري يا تاويل طور ٻيو مطلب ڪڍي ان جي عيوض دنيا جا خسيس فائدا حاصل ڪن ٿا ته يقين ڪريو ته اھي ماڻھو پنھنجا پيٽ باھ جي شعلن سان ڀري رھيا آھن. جو ته اھڙي ڪمائي دوزخ جي باھ برابر آھي. يعني دين جي عيوض دنيا جي ھر شيءِ حقير ۽ ادنىٰ آھي. قيامت جي ڏينھن الله انھن سان ڪوبه لفظ (نرمي ۽ بخشش وارو) نه ڳالھائيندو ۽ نه وري انھن کي انھي غلاظت ۽ گناھ واري گندي حالت مان پاڪ صاف ڪندو. ھو ڪنھن به معافي ۽ رعايت جي لائق نه ھوندا، پر انھن لاءِ سندن بري ڪمائي بدلي دردناڪ عذاب ھوندو. ھي اھي انسان آھن، جن ھدايت واري انمول ڪمائي وڪڻي گمراھي واري خساري جي موڙي خريد ڪئي. الله جي بخشش عفو ۽ درگذر جي بدلي عذاب وٺڻ جو واپار ڪيو. ھنن جي جسارت ۽ ھٺ ڌرمي تي جمي بيھڻ ۽ دوزخ جي باھ جو ٻارڻ ٿيڻ به عجيب احمقانه فيصلو آھي. ھنن جي لاءِ اھو عذاب ۽ ذلت وارو فيصلو انھيءَ ڪري آھي جو الله ته حق ۽ سچائي جي حڪمن ۽ ھدايتن وارو ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو ھو، پر ھنن ان جو انڪار ڪيو ۽ ان جي احڪامن جي خلاف ورزي ڪئي. (النساءِ: 83/4) ۽ ھنن ان جي پيروي ڪرڻ بدران ان جي خلاف ڪم

ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ اختلاف ۽ ضد جي ڪري گمراهيءَ جي رستي تي حق ۽ سچائي
ڪان پري نڪري ويا.

لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ
اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ۚ وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ
ذَوِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۙ وَالسَّآئِلِيْنَ وَفِي الرِّقَابِ ۚ
وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَالْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا عٰهَدُوْا ۚ وَالصّٰبِرِيْنَ
فِي الْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيْنَ الْبَاْسِ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ
الْمُتَّقُوْنَ ﴿١٧٧﴾

نيڪي رڳو اها ناهي تہ پنهنجا رخ مشرق ۽ مغرب ڏانهن ڪيو (اها بہ نيڪي
آهي، پر) اصل نيڪي تہ ان جي آهي، جيڪو ماڻهو الله تي، قيامت جي
ڏينهن تي، فرشتن تي ۽ الله جي ڪتابن تي ۽ پيغمبرن تي ايمان آڻي ۽ الله
جي محبت ۾ پنهنجو مال قريبي رشتيدارن، يتيمن، محتاجن ۽ مسافرن تي ۽
سوال ڪندڙن ۽ غلامن جي گردن آزاد ڪرائڻ ۾ خرچ ڪري ۽ اقامت صلواة
(نماز جي قيام) جو اهتمام ڪري ۽ زڪوات ڏئي ۽ جڏهن ڪو وعدو ڪري تہ
پنهنجو وعدو وفا ڪري ۽ جيڪي سختي، تنگدستي، مصيبت، بيماري، جنگ
۽ جهاد جي وقت صبر ڪندڙن مان هجن (دراصل انهن صفتن وارا) ماڻهو ئي
(نيڪيءَ جي دعوىٰ ۾) سچا آهن ۽ اهي ئي پرهيزگار آهن. (177)

پوين آيتن ۾ توحيد، رسالت، اهل ڪتاب، خاص طور تي يهود کي ايمان ۽ اسلام
جي دعوت سندن گمراهين ۽ غلطين جي نشاندهي وغيره جو ذڪر هيو ۽ تقريبًا اڌ سورت
ڪان پوءِ آخر سورت تائين اهل ايمان ۽ اسلام کي خطاب آهي، جنهن ۾ دين جي مختلف

حڪمن جي تعليم ۽ تلقين آهي. مثال طور احڪامِ قصاص، وصيت، روزو، جهاد، حج، انفاق، حيض، ايلاء، يمين، طلاق، نڪاح، عدت، مهر، بيع و شراء، شهادت وغيرها جو بيان آهي. هت ارشاد رباني آهي تہ اهو ڪمال نہ آهي تہ اوهان پنهنجو رخ مشرق يا مغرب طرف ڪيو، پر اصل ڪمال ان ۾ آهي تہ انسان الله تعالىٰ جي ذات ۽ صفات ۾ پورو يقين رکي. جيڪي ماڻهو چند رسمن ۽ مسلڪ جا مطيع تي دين جي وسعتن ڪان دور ٿي ويندا آهن ۽ هڪ سر جي الڳ مسجد ناهڻ جي فريب ۾ مبتلا هوندا آهن ۽ قانونِ خداوندي جي احڪامن ڪي ڇڏي، مشرق ۽ مغرب جي بحث ۾ پوندا آهن، ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ خدا وٽ پهچڻ جو معيار اهو نہ آهي، پر اصل معيار هي پرک رکڻ آهي تہ ديني حڪمن جي ظاهري بجا آوريءَ سان گڏ اسلام ان جي حقيقي مقاصد حاصل ڪرڻ جو تاڪيد ڪري ٿو. ڇو تہ شريعت جا ظاهري اعمال خود منزل نہ پر منزل حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهن.

حضور خاتم النبيين ﷺ جو فرمان آهي: ”مَنْ لَّمْ تَنْهَهُ صَلَاتُهُ عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ لَمْ يَزْدَدْ مِنَ اللّٰهِ اِلَّا بُعْدًا“ جيڪا نماز، نمازيءَ کي برائين ڪان روڪي نہ سگهي، اهڙي نماز الله ڪان اجان پري ڪري ڇڏيندي. اهڙي طرح روزي لاءِ ارشاد نبي خاتم النبيين ﷺ آهي: ”مَنْ لَّمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ وَالْعَمَلَ بِهٖ فَلَيْسَ لِلّٰهِ حَاجَةٌ فِيْ اَنْ يَّدَعَ طَعَامَهٗ وَ شَرَابَهٗ“ روزيدار جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي ۽ بد عمل ڪرڻ ڪان باز نہ اچي تہ الله کي بکئي ۽ اڃايل رهڻ جي ڪا ضرور ناهي.

روزا ۽ نماز اي پڻ چڱو ڪم
او ڪو بيو فهم، جنهن سان پسڻ پرينءَ جو (شاهہ)

مشرق يا مغرب طرف (جنهن کي جيئن ڪعبو پوي) منهن ڪري نماز پڙهڻ بہ چڱو ڪم آهي، رڳو اهو چڱو ڪم ناهي، پر اصل ۽ حققي نيڪيءَ جي واٽ اها آهي تہ جيڪو بہ الله (جي وحدانيت) تي آخرت جي (جزا سزا ۽ حساب ڪتاب )واري ڏينهن تي، فرشتن تي، آسماني ڪتابن تي ۽ نبين تي زبان جي اقرار ۽ دل جي تصديق سان ايمان رکي ٿو. (البقره: 4/2) الله کي راضي رکڻ لاءِ خالص الله جي محبت ۾ پنهنجو مال رشتيدارن، يتيمن، مسڪينن، مسافرن ۽ حاجتمندن کي ڏيندا آهن ۽ ٻانهن جي آزاد ڪرائڻ ۾ خرچ ڪندا آهن (آل عمران: 91/3) نماز قائم ڪندا آهن، زڪوات ادا ڪندا آهن ۽ جڏهن بہ ڪنهن

سان عهد اقرار ڪندا آهن ته پنهنجو عهد پاڙيندا آهن. مصيبت ۽ تنگيءَ جي وقت يا خوف ۽ هراس جي وقت هر حال ۾ صبر ۽ استقامت ڪان ڪم وني ثابت قدم رهندا آهن. بلاشڪ اهي ماڻهوئي مؤمن آهن، جيڪي پنهنجي ايمان ۾ سچا آهن ۽ اهي ئي نيڪ انسان آهن، جيڪي پاڻ کي گمراهين ۽ برائين کان بچائڻ وارا آهن. سچي ۽ متقي مسلمان جون خصوصيات آهن ته هو ايمان ۽ عقيدي ۾ راسخ آهي ۽ انساني فلاح ۽ بهبود لاءِ تن، من، ڌن قربان ڪرڻ وارو آهي ۽ معاشرتي معاملن ۾ حسن سلوڪ جو پيڪر آهي. اهڙا نيڪوڪار ۽ متقي انسان ئي زندگيءَ جي راهه تي پاڻ کي پلڻ پتڪڻ کان محتاط رهي سنيالي سنيالي قدم کڻي رهيا آهن.

چڱا ڪن چڱايون، مَنايون مَنن
جو وَڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سوئي ڪن

نکوئی بابداں کردن چناں است
کہ بد کردن بجائے نیک مرداں
سعدیا شیرازیا درسِ مده کم ذات را
کم ذات چوں قابل شود طعنہ زند استاد را

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِى الْقَتْلٰى ؕ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ وَالْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَالْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ؕ فَمَنْ عُفِىَ لَهٗ مِنْ اَخِيْهِ شَىْءٌ فَاتِّبَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَاَدَآءٌ اِلَيْهِ بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَرَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٧٨﴾ وَلَكُمْ فِى الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰۤاُولِى الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٧٩﴾

مؤمنؤ! اوهان تي انهن جو قصاص (خون جو بدلو) وٺڻ فرض ڪيو ويو آهي،

جنهن کي ناحق قتل ڪيو وڃي. آزاد جي بدلي آزاد، غلام جي بدلي غلام ۽ عورت جي بدلي عورت، هر حال ۾ قاتل کي ئي قتل ڪيو ويندو. پوءِ جيڪڏهن قاتل کي ان جو ڀاءُ يعني مقتول جو مجاز وارث ڪجهه قصاص معاف ڪري ته پوءِ ان جي درست نموني سان پيروي ڪئي وڃي ۽ خون بها کي سٺي طريقي سان مقبول جي مجاز وارثن تائين پهچايو وڃي. هي اوهان جي پروردگار پاران رعايت ۽ مهرباني آهي ان (واضح هدايت) هوندي به جيڪڏهن ڪو بعد ۾ زيادتي ڪري ته ان لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (178) ۽ اوهان جي واسطي قصاص (خون جي بدلي خون) ۾ ئي زندگي (جي ضمانت) آهي ته جيئن عقلمند انسانؤ! (ناحق خونريزي جهڙي لعنت ۽ بربادي کان) محفوظ ٿيو. (179)

ياد رهي ته جهڙيءَ طرح هڪ سرڪش، ظالم ۽ فسادي قوم يا گروهه جي خلاف جنگ ڪئي ويندي آهي ۽ ظالمن کي موت جي منهن ۾ آڻي، معاشري کي اجتماعي طور وڏي حادثي کان بچائي رکبو آهي، بالڪل اهڙيءَ طرح هڪ قاتل کي جيڪو ناحق قتل جو عمدًا مرتڪب ٿيو آهي، اهڙي ظالم کان معاشري کي وڌيڪ اذيت ۽ تڪليف پهچائڻ کان اڳ قتل جي بدلي ۾ قتل ڪرڻ يعني قصاص ونڻو آهي. قاتل جي قصاص ۾ جان ونڻ پوري معاشري کي سندس فساد في الارض ۽ قتل ناحق جهڙن خطرناڪ ڏوهن کي روڪڻ آهي. (المائده: 32/5) ان ڪري معاشري ۽ رياست طرفان ڪيس عدل ۽ انصاف جي روشنيءَ ۾ سزا ڏني وڃي، جنهن ۾ آزاد، غلام، ننڍي ماڻهو، وڏي ماڻهو جي تميز نه هوندي. قاتل ئي ڪيڏو وڏو ماڻهو هجي، ان کي مقتول ڪيڏو به مسڪين هجي، ان جي قصاص ۾ قتل ڪرڻو آهي. عهدي، دولت، مرتبي وغيره کي ناهي ڏسڻو. انصاف جي ترازو جا ٻئي پُڙ برابر رکڻا آهن.

انساني معاشري کي قتل ۽ خون ريزي جهڙي بدترين فعل کان روڪڻ (الانعام: 157/6) ۽ ان جي عدل و انصاف واري مساوات ۽ برابريءَ جي اصول ۽ قانون لاءِ قاتل کي، مقتول جي قتل جي قصاص ۾ قتل ڪرڻ لازم آهي. جيڪڏهن مزدور، مسڪين يا غريب

ماڻهوءَ کي ڪنهن وڏي عهديدار رئيس، جاگيردار يا دولتمند قتل ڪيو آهي ته ان قاتل کي ئي قتل جي سزا ملندي. هت قاتل يا مقتول جي سماجي، سياسي حيثيت جو اعتبار ناهي، پر عدل ۽ انصاف جو سوال آهي، جنهن ۾ هر انسان جي جان برابر آهي. (المائده: 5/45-32) حديث شريف ۾ آهي: ”اَلْمُسْلِمُوْنَ تَتَكَافَأُ دِمَاؤُهُمْ“ تمام مسلمانن جو خون مرد هجي يا عورت غلام هجي يا آزاد برابر آهي. مسلمانو! مقتول جي قتل ۾ اوهان تي قصاص يعني قتل جي بدلي قتل جو حڪم فرض آهي. ان ڪري اگر ڪوئي آزاد انسان ڪنهن کي قتل ڪري، پلي مقتول غلام ڇو نه هجي ته به ان آزاد قاتل کي قتل ڪيو ويندو. اهڙيءَ طرح ڪو غلام ڪنهن کي قتل ڪري ته اهو غلام قاتل ئي قتل ڪيو ويندو. عورت قاتله آهي ته اها عورت ئي قتل ڪئي ويندي. قتل سهو ۾ جيڪڏهن مقتول جا وارث انساني اخوت جي رشتي ۾ قاتل کي معافي ڏين ٿا (الشوریٰ: 40/42) ۽ قتل جي سزا جي بدلي خون بها وٺڻ گهرن ٿا ته اهي معروف ۽ دستور مطابق خون بها جو مطالبو ڪن. (بني اسرائيل: 33/17) قاتل لاءِ ضروري آهي ته اهو خوش اسلوبي ۽ سٺي نموني سان ان جي ادائگي ڪري. قتل عمد ۾ ديت نه آهي، پر قصاص آهي. (النساءِ: 93/7)

ياد رهي ته ڪجهه تفسيرن ۾ قتل عمد ۾ به وارثن کي اختيار آهي ته اهي قصاص بدران ديت وٺن ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ خيرسگاليءَ واري فضا قائم ڪرڻ آهي، پر ڪجهه تفسيرن قتل عمد ۾ ديت کي قبول نه ڪيو آهي. صرف قصاص آهي، جنهن ۾ قتل جي بدلي قتل يا ڏوهه جي نوعيت مطابق سزا آهي. بيان القرآن ۾ ڊاڪٽر اسرار احمد چوي ٿو ته قتل جي مقدمي ۾ سهل انگاري ۽ چشم پوشي کي قصاص جي اجراءَ ۾ حائل ٿيڻ نه ڏجي، پر شدت سان اهڙي خطرناڪ ڏوهه کي ٻنجو ڏئي سگهجي. انهيءَ ۾ ئي معاشري جو بچاءُ ۽ حفاظت آهي. (باقي قتل غيرعمد ۾ ديت وغيره جي اجازت آهي) ياد رکو قصاص جي بدلي خون بها وارو حڪم الله جي پاران اوهان لاءِ رعايت ۽ رحمت جو اظهار آهي. هن نهايت چٽي حڪم جي جيڪڏهن ڪو خلاف ورزي ڪندو ته اهو الله وٽ نهايت دردناڪ عذاب جو حقدار رهندو. ان ڪري نه قصاص وٺڻ ۾ ڪا ڪمي پيشي ڪجي ته نه وري خون بها ڏيڻ ۾ ڪير ڪنهن سان زيادتي ڪري ته جيئن انساني معاشرو فلاح ۽ بهبود طرف گامزن رهي. (بني اسرائيل: 33/17) قصاص جي قانون ۾ توڙي ڪٽي هڪ جان جي قتل ۾

ٻي جان کي بہ قتل ڪرڻ تو پوي ۽ بظاهر هي ڀيانڪ عمل نظر اچي ٿو، پر عقل ۽ بصيرت وارن لاءِ هي (قصاص) زندگيءَ جو پيغام آهي ڇو تہ قتل جهڙي خطرناڪ بري فعل کي روڪڻ لاءِ قاتل کي بدلي ۾ قتل ڪرڻ سان ئي اهو ڏوهہ گهٽجي ويندو، گويا قصاص ۾ انسانن جي اجتماعي حيات جو راز رکيل آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”لَا يُقْتَلُ مُسْلِمٌ لِكَافِرٍ“ مسلمان، ڪافر جي بدلي قتل نہ ڪيو ويندو، مگر ملڪ ۾ امن سان رهندڙ ذميءَ ۾ اها رعايت نہ هجي. ڪنهن مؤمن کي قتل عمد ۾ قصاص (قتل جي بدلي قتل) آهي ديت ناهي. پر قتل عمد ۾ جذبات ۾ اچي قتل ڪرڻ ۾ موت کان گهٽ سزا ٿي سگهي ٿي. قتل بابت و ڏيڪ ڏسو: (النساءِ:4/ 93-91)

”قِصَاص“ جو لفظ ”قَصَصَ“ کان آهي، جنهن جي معنىٰ ڪنهن جي پويان ان جي نقش قدم تي هلڻ، ان جو پيڇو ڪرڻ آهي. ”كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ“ مان مراد آهي تہ هي پوري معاشري جو قرض آهي. هاڻي ان کي رياست خلاف ڏوهہ سمجهيو وڃي ٿو. ياد رهي تہ قتل جي قصاص ۾ قتل ڪرڻ آهي، پر ساڳئي نموني وارو قتل ڪرڻ نہ آهي. يعني ڪنهن کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو آهي، پاڻيءَ ۾ ٻوڙي غرق ڪيو ويو آهي، يا جسم جا ٽڪرا ڪاٽي عذاب ڏئي ماريو ويو آهي، ان کي اها ساڳي ساڙڻ، غرق ڪرڻ يا اذيت ڏئي مارڻ بدران معروف ۽ مُرّوج طريقي سان قتل ڪيو ويندو، ڇوتہ ” اَلْقِصَاصُ فِي الْقَتْلٰى “ آهي. ”اَلْقِصَاصُ بِالْقَتْلِ“ نہ آهي. هن نفيس، نازڪ ۽ حسّاس فرق کي سمجهڻ ضروري آهي. پر مقتول جي احترام جان ۾ قاتل جي جان وٺڻ ئي حقيقي قصاص آهي، جنهن ۾ نرمي، مصلحت وغيره قرآن جي حڪم جي روح مطابق نہ آهي، پر خلاف آهي، جهڙيءَ طرح جسم جو ڪو حصو ٽنگ، ٻانهن، پير، هٿ وغيره لاعلاج ٿي وڃي تہ ان کي ڪاٽڻو پوندو آهي، اهڙيءَ طرح قاتل شخص يا فسادي ماڻهو معاشري جا ناسور آهن، ان ناسور کي ختم ڪرڻو آهي. قتل جو لفظ بہ مختلف معنائن ۾ آيو آهي، ڪٿي لغوي معنىٰ ”مارڻ“ ۾ آيو آهي، تہ ڪٿي اصطلاحي معنىٰ ”لَا تَقْتُلُوْا اَنْفُسَكُمْ“ (النساءِ: 29/4) ۾ باطل تجارت ڪري، هڪ ٻئي کي تباهہ نہ ڪريو. سورة البقره: 39/2 ۾ ”توبه ڪيو ۽ الله ڏي رجوع ڪيو ۽ ان جي قانون آڏو سرجهڪايو ۽ عمل ڪيو“ بہ مراد ٿي سگهي ٿو.

كُتِبَ عَلَيْكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ خَيْرًا ۚۖ الْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ
وَ الْاَقْرَبِيْنَ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ؕ ﴿۱۸۰﴾ فَمَنْۢ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ
فَاِنَّمَآ اِثْمُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ؕ ﴿۱۸۱﴾ فَمَنْ خَافَ
مِنْ مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
ع ۲۲ ۶ ۶ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۸۲﴾ ع

جڏهن بہ اوهان مان ڪنهن جي موت جو وقت اچي وڃي ۽ هو ڪجهہ مال ڇڏي رهيو هجي تہ اوهان تي فرض آهي تہ پنهنجي والدين ۽ قريبي رشتيدارن جي حق ۾ معروف طريقي سان وصيت ڪري. هي پرهيزگار (متقي) ماڻهن لاءِ لازم آهي. (180) پوءِ جنهن اها وصيت ٻڌڻ ڪان پوءِ ان ڪي تبديل ڪري ڇڏيو تہ ان جو گناهہ ان تبديل ڪندڙ جي سر آهي. بيشڪ الله (تعالىٰ) خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي. (181) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي وصيت ڪندڙ بابت جانبدار يا حق تلفيءَ جو انديشو هجي تہ اهو انهن ۾ صلح ڪرائي ڇڏي تہ ان تي ڪوبہ گناهہ ناهي. بيشڪ الله نهايت بخشڻ وارو وڏو مهربان آهي. (182)

هي حڪم اوهان لاءِ فرض آهي تہ جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن جي مرڻ جو وقت قريب اچي وڃي ۽ هو مال ملڪيت ڇڏڻ وارو هجي تہ هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي والدين ۽ رشتيدارن لاءِ انصاف ۽ سٺي نموني دستور موجب بہ عادل شاهدن جي آڏو وصيت ڪري. (البقره: 177/2، المائده: 106/5) ”اِنَّ اللّٰهَ اَعْطٰى ذِىْ حَقٍّ حَقَّهٗ فَلَا وَصِيَّةَ لِوَارِثٍ“ بيشڪ الله هر حقدار کي ان جو حق ڏنو آهي، ان ڪري ڪنهن بہ وارث لاءِ وصيت ناهي. مؤمنن تي خدا جو حق واجب آهي. والدين يا قريبي رشتيدار جن جي وراثت ۾ حصو مقرر آهي، انهن کي وراثت طور سندن مقرر حصي کان وڌيڪ ڏيڻ درست نہ آهي، پر جيڪڏن والدين يا رشتيدار نهايت ضرورتمند آهن، بيمار يا پيرسني ۾ ڪمائڻ جي لائق نہ آهن يا

ڪنهن ٻئي معاشي معاشرتي جي سخت ضرورت هجي تہ وراثت واري حصي کان سواءِ وصيت واري حصي مان هڪ ياڳي تي مان وڌيڪ ڏيڻ ممنوع نہ هئڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح پٽ ۽ ڌيءُ مري وڃن ۽ انهن جي اولاد پوٽي ۽ ڏوهٽي کي وصيت مان ڏيڻ ۾ اجازت آهي. ياد رهي تہ ڪجھ تفسيرن مطابق ”ذُو الۡقُرۡبٰى“ جي لفظ کي قريب رشتيدار ۾ پٽ ۽ ڌيءُ جي وفات بعد پوٽا، ڏوهٽا اچي وڃن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي وراثت ۾ بہ حصو هوندو ۽ ضرورت وقت وصيت مان بہ ڪجھ ملندو. آيت ۾ موت لاءِ ”اِذَ“ آيو آهي، ڇوتہ موت برحق آهي ۽ ”اِنۡ تَرَكَ خَيۡرًا“ ۾ ان وٽ جيڪڏهن مال هجي، مال دولت کي هت ”خَيۡرًا“ سڏيو ويو آهي. معلوم ٿيو تہ مال دولت خدا جو فضل آهي، جيڪو علم دانش وانگر خير آهي. جيڪڏهن حلال ذريعي سان آهي. ”حَقًّا عَلَى الۡمُتَّقِيۡنَ“ ۾ ان کي فرض قرار ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ قانون وراثت ۾ ڪمي بيشي جو ڪنهن کي حق نہ آهي، ڇوتہ النساء: 7/4 ۾ ان کي ”نَصِيۡبًا مَّفۡرُوۡضًا“ چيو ويو آهي.

پوءِ جن اها وصيت ٻڌي ۽ بعد ۾ ان کي بدلي ڇڏيو ۽ صحيح وصيت بيان نہ ڪئي تہ ان جو گنهگار اهو بدلڻ وارو هوندو، جنهن کي الله وٽ ان خيانت جو حساب ڏيڻو پوندو. الله کان ڪا بہ شيءِ ڳجهي ناهي. هو سڀ ڪجھ ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي، پر جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو تہ وصيت ٻڌڻ وارو ڄاڻي واڻي طرفداري ڪري ٿو يا گناهہ طور حق تلفي ڪري ٿو تہ پوءِ هو انهن معاملي وارن جي درميان اصلاح ڪرائي ۽ وصيت ۾ ڪجھ ڌرين جي رضا سان ڪمي پيشي ٿئي تہ ڪو ڏوھ نہ آهي، نيڪ نيتي ۽ صلح ڪل ڪرڻ سان ڪيل ڪم ۾ خدا بخشڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي. معلوم هجي تہ هي حڪم سورة النساء ۾ تفصيل سان وراثت جي تقسيم واري قانون کان اڳ جو آهي، جڏهن متوفي جي ملڪيت جو ڪوبہ مقرر قانون ڪو نہ هو ۽ ان وقت عرب پنهنجي پسند سان وصيت ڪري والدين ۽ رشتيدارن کي بہ ملڪيت کان محروم ڪري ڇڏيندا هئا. ان ڪري ان وقت حڪم ٿيو تہ والدين ۽ رشتيدارن لاءِ وصيت ڪري ڪجھ مقرر ڪريو ۽ انهن کي متوفيءَ جي مال کان محروم نہ ڪيو، پر بعد ۾ وراثت جو قانون آيو، جنهن ۾ والدين، اولاد ۽ ٻين وارثن جا حصا مقرر ڪيا ويا ۽ حديث شريف ۾ آهي: ”اِنَّ اللّٰهَ اَعۡطٰى كُلَّ ذِىۡ حَقٍّ حَقَّهٗ فَلَا وَصِيَّةَ لِوَارِثٍ (صحيح بخاري) وارث جنهن جو حصو قرآن ۾ مقرر آهي، ان لاءِ وصيت ناهي. پر هن آيت

جي روشني ۾ پنهنجن پوٽن (پٽ جي اولاد) ڏوهٽن (نياڻيءَ جي اولاد) جن جا والد يا مائر پنهنجي پيءُ جي حياتي ۾ وفات ڪري چڪا آهن، انهن لاءِ ڏاڏي يا ڏاڏي پاران وصيت جي گنجائش آهي. وصيت مال ملڪيت جي ٽئين حصي تائين ٿي سگهندي، باقي ٻه حصا حقدار رشتيدارن جا آهن. ترڪي جي تقسيم وصيت پوري ڪرڻ ۽ قرض ادا ڪرڻ بعد ٿيندي. وڌيڪ فقه جي ڪتابن ۾ ڏسجي، سورة النساءِ جي آيت 8 ۾ اهو به حڪم آهي ته جنهن وقت حقيقي وارثن ۾ وراثت جو مال تقسيم ٿي رهيو هجي ۽ ان وقت اهڙا رشتيدار جن جو وراثت ۾ حصو مقرر ناهي، يا مسڪين، غريب ۽ يتيم ماڻهو اچي وڃن ته انهن جي به دلجوئيءَ لاءِ فراخدلي ڪري سندن مناسب مدد ڪئي وڃي ۽ انهن سان حسن سلوڪ سان پيش اچڻ گهرجي. تلخ يا ناروا زبان استعمال نه ڪجي. جڏهن اسلام پري جي رشتيدار ۽ ڌارين ماڻهن لاءِ به اهڙو احسان ۽ همدرديءَ وارو حڪم ڏئي ٿو ته پوءِ پنهنجي قريبي رشتيدارن، اولاد يعني مرحوم والد جي حصي وارو مال پوٽن يا والدين کي ڏيڻ ۾ ڪا ڪراهت نه هئڻ گهرجي. افسوس آهي جو اڄ به مسلمان پنهنجن نياڻين ۽ حقدار رشتيدارن جا حق غصب ڪري دوزخ جي باهه سان پنهنجو پيٽ پري رهيا آهن. حقيقت حال اها آهي ته انسان جي مرڻ شرط ان جي ملڪيت خدا جي قانون ۾ خدا جي دفتر اندر وارثن جي حصي مطابق سندن ملڪيت ٿي وڃي ٿي. ان تي قابض ٿي ويهڻ عذاب الٰهي کي دعوت ڏيڻ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ
لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ
فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ
فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ
تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۴﴾

اي مسلمانؤ! اوهان تي اهڙيءَ طرح روزا فرض ڪيا ويا آهن، جهڙيءَ طرح اوهان کان اڳ وارن تي فرض ڪيا ويا هيا ته جيئن اوهان ۾ تقوىٰ پيدا

تي وجي. (183) اهي ڳڻپ وارا چند ڏينهن آهن، پوءِ اوهان مان ڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي تہ اهو (رمضان بعد) ٻين ڏينهن ۾ ڳڻپ پوري ڪري ۽ جيڪي وڏي مشڪلات سان رکي سگهن ٿا يا روزا رکڻ جي طاقت نٿا رکن تہ انهن جي ذمي هڪ روزي عوض هڪ مسڪين کي کاڌو کارائڻ فديو آهي. پوءِ جيڪو بہ خوشيءَ سان زياده نيڪي ڪري تہ اهو هن جي لاءِ بهتر آهي. ياد رکو بهرحال روزو رکڻ اوهان لاءِ بهتر آهي، جيڪڏهن اوهان کي ڪجهہ سمجهہ هجي. (184)

زندگي گلن جي سيج نہ پر ڪنڊن جو بستر بہ آهي، جنهن ۾ محنت ۽ مشقت جا مرحلا بہ اچن ٿا. جهاد ۽ جان فروشي جا تقاضا بہ ٿين ٿا. اهڙي جفاڪشي ۽ مشقت طلبي واري زندگيءَ لاءِ تيار رهڻ يا عيش و عشرت جي مال و متاع جي ڪثرت سبب حق ناحق، حلال حرام، جائز ناجائز جو خيال نہ رکڻ يا بدڪلامي ۽ بداخلاقيءَ کان روڪڻ لاءِ پنهنجن خواهشن ۽ ارادن تي ضبط آڻڻ ۽ حيواني ۽ وحشي خصلتن ۽ عادتن کان پاڪيزه ۽ روحاني قوتن کي تقويت پهچائڻ لاءِ ارشاد رباني آهي تہ اي مؤمن مسلمانؤ! اوهان تي بہ اهڙي طرح روزا فرض ڪيا ويا آهن، جهڙيءَ طرح اوهان کان اڳ وارن تي فرض ڪيا ويا هئا، جنهن سان اوهان ۾ خواهش جي ضبط ۽ پرهيزگاري جي قوت پيدا ٿيندي. اَلصِّيام جو واحد اَلصَّوم آهي، جنهن جي لغوي معنىٰ آهي: ”اَلْاِمْسَاكُ عَمَّا تَنَازَعَ اِلَيْهِ النَّفْسُ“ هر ان شيءِ کان بچڻ جنهن طرف نفس ڪشش محسوس ڪري. حديث شريف ۾ آهي: ”مَنْ لَّمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّوْرِ وَالْعَمَلَ بِهٖ فَلَيْسَ لِلّٰهِ حَاجَةٌ فِيْ اَنْ يَّدَعَ طَعَامَهٗ وَ شَرَابَهٗ“ جيڪو ڪوڙ ڳالهائڻ، ان تي عمل ڪرڻ نٿو ڇڏي پر کائڻ پيئڻ ڇڏي ٿو ڏئي تہ الله تعالىٰ وٽ ان جو ڪو بہ قدر ڪونهي.

رمضان جا روزا سال 2 هجري ۾ فرض ٿيا، هن کان اڳ نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ ٻاران بہ روزن جو حڪم هو. روزي جو اصل مقصد نفس انساني جي اصلاح ۽ تهذيب آهي. هي روزا چند ڳڻڻ جوڳا ڏينهن آهن. يعني رڳو رمضان جا 30 يا 29 روزا، پوءِ جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار آهي يا مسافر آهي تہ اهو پلي رمضان بعد ڳڻي روزا پورا رکي. پر اوهان مان

اهڙا ماڻهو جن لاءِ روزو رکڻ ناقابل برداشت هجي، جيئن ڪو اهڙو پوڙهو يا بيمار، جيڪو اڳتي هلي روزي رکڻ جي طاقت نہ رکندو هجي تہ اهڙن لاچار ۽ بيوس ماڻهن ڪي هر روزي جي عيوض هڪ مسڪين کي کاڌو کارائڻو آهي، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڌيڪ مسڪينن کي کاڌو کارائي تہ اهو ان لاءِ تمام پلو ۽ اجر عظيم جو عمل آهي. پر ياد رکو تہ جيڪڏهن اوهان هوش ۽ عقل رکو ٿا تہ پوءِ روزا رکڻ اوهان لاءِ سڀ کان بهتر آهن. ڇوتہ روزن جي روحاني قوت ۽ توانائي روزن سان ئي نصيب ٿي سگهي ٿي. روزو رکڻ محض هڪ رسم پوري ڪرڻ ناهي، پر ان مان اهائي مراد آهي تہ توهان هن ذريعي ان لائق ٿي وڃو جو خدا جي دين کي دنيا جي موجود غير اسلامي دين تي غالب ڪري سگهو. (التوبه: 33/9) ان ڪري اجازت رڳو مجبوريءَ جي حالت ۾ آهي. حامله ۽ کير پيارينڌڙ مائرون بہ مريض جي حڪم ۾ اچن ٿيون. حنفي مسلڪ وارن وٽ سفر مان مراد ٽن ڏينهن جو پنڌ 54 ڪلوميٽر جي برابر آهي. فتح مڪه دوران حضور ﷺ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم کي حڪم ڏنو تہ "اِنَّهٗ يَوْمَ قِتَالٍ فَافْطِرُوْا" اڄ جنگ جو ڏينهن آهي روزا افطار ڪريو، جيڪڏهن ڪنهن کي رمضان جي روزن جي رحمت برڪت ۽ بخشش جو پورو پتو پوي تہ هو ڪڏهن بہ ان کان محروم نہ رهي.

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ۭ وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ۭ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ۡ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾ وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّىْ فَاِنِّىْ قَرِيْبٌ ۭ اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ وَلْيُؤْمِنُوْا بِيْ لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿١٨٦﴾

رمضان جو مهينو اهو آهي، جنهن ۾ قرآن نازل ڪيو ويو. جنهن ۾ ماڻهن لاءِ

هدايت ۽ رهنمائي حاصل ڪندڙ ماڻهن ۽ حق ۽ باطل ۾ امتياز ڪندڙ انسانن لاءِ چٽيون نشانيون آهن. پوءِ اوهان مان جنهن ڪي بہ هي مهينو نصيب ٿئي، تہ هو ان جا روزا ضرور رکي. پر جيڪڏهن ڪو بيمار آهي يا مسافر آهي تہ پوءِ ٻين ڏينهن (مهينن) ۾ روزا رکي عدد پورو ڪري. الله اوهان لاءِ آسانيون چاهي ٿو، هو اوهان لاءِ ڏکيائي نٿو گهري، تہ جيئن اوهان هن رخصت جو فائدو وٺندي) بعد ۾ تعداد پورو ڪري ڇڏيو. الله جيڪا اهڙي هدايت اوهان کي بخشي آهي، ان تي سندس ڪبريائي (بزرگي) بيان ڪريو ۽ شڪر ادا ڪريو. (185) ۽ (منهنجا پيارا حبيب ﷺ!) جڏهن بہ منهنجا ٻانها توکان مون (الله) بابت تفتيش ڪن تہ ڪين ٻڌائي ڇڏ تہ مان نزديڪ آهيان. مان پڪاريندڙ جي هر پڪار جو جواب ڏيان ٿو، هو جڏهن بہ مون کي پڪاري ٿو. پوءِ ڪين گهرجي تہ منهنجي فرمانبرداري اختيار ڪن ۽ مون تي پڪو پختو ايمان رکن تہ جيئن هو مراد حاصل ڪري سگهن. (186)

رمضان جو اُهو بابرڪت مهينو آهي، جنهن ۾ قرآن جو نزول شروع ٿيو، جيڪو انسانن جي لاءِ سراپا هدايت، رهبري، رهنمائي ۽ حق ۽ باطل ۾ تميز ڪرڻ جو روشن مينار آهي. پوءِ اوهان مان جنهن کي بہ هي ماهہ مبارڪ نصيب ٿئي تہ پوءِ اهو ضرور هي پورو مهينو روزا رکي، پر جيڪڏهن ڪو مريض آهي يا مسافر آهي تہ پوءِ ان کي اجازت آهي تہ اهو پلي رمضان بعد ڇڏيل روزا پورا رکي. الله اوهان لاءِ آسانيون گهري ٿو ۽ اوهان لاءِ تنگي ۽ تڪليف نٿو چاهي. هي سهولت ۽ آساني ان ڪري بہ ڏني وئي آهي تہ اوهان روزن جو مقرر ڪيل انگ پورو ڪري روزن جي برڪت سان هدايت سان مالا مال ٿيو. (التوبه: 33/9) الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ رحمتن ۽ برڪتن حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا هيءَ آساني پيدا ڪئي آهي، ان لاءِ سندس بزرگي ۽ ڪبريائي ۾ رطب اللسان رهو ۽ انهيءَ لاءِ بہ تہ اوهان هن جا شڪر گذار ٻانها ٿيو. عبادتن ۾ هرويرو پاڻ لاءِ سختي يا تڪليف پيدا ڪرڻ سان وڏيڪ ثواب ڪو نہ ملندو ۽ نہ وري اهو پسنديده عمل آهي. الله جي رعايتن مان فائدو وٺڻ

الله جي نعمتن جي شڪرادائي آهي. رمضان ۾ قرآن جو نزول ٿيو گويا رمضان جا روزا، قيام الليل ۽ تراويح نزول قرآن جي نعمت جي يادآوري ۽ سالگرهہ آهي. هيءُ مهينو رب سان قربت حاصل ڪرڻ جو مهينو آهي. جيڪڏهن منهنجو ڪو ٻانهو مون بابت پڇڻ گهري تہ هو ڪيئن مون تائين پهچي سگهي ٿو تہ ڪيس ٻڌائي ڇڏ تہ آءٌ ڪيس تمام ويجهو آهيان. پوءِ هو جڏهن بہ پوري طرح متوجهہ ٿي مون کي پڪاري ٿو ۽ دعا گهري ٿو تہ آءٌ سندس سڏ ٻڌان ٿو ۽ قبول ڪيان ٿو. وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ (ق: 33/50) جيڪڏهن واقعي هو منهنجي طلب ۾ سچا آهن تہ پوءِ هو منهنجي سڏن (حڪمن) جو بہ دل جي قبوليت سان جواب ڏين. روزا رکڻ وقت اهو خيال نہ هجي تہ مادي لذتون ۽ جسماني ضرورتون ترڪ ڪرڻ سان انسان خدا جو مقرب ٻانهو ٿي وڃي ٿو، ان ڪري اي رسولِ خدا خاتم النبيين ﷺ! جيڪي ٻانها توکان مون بابت پڇا ڪن تہ تون کين چؤ تہ مان هنن جي نهايت قريب آهيان. جيڪو شخص بہ پنهنجي مشڪلڪشائي، حاجت روائي ۽ رهنمائيءَ لاءِ مون کي پڪاري ٿو تہ مان سندس پڪار جو هاڪاري جواب ڏيان ٿو. کين ٻڌاءِ تہ جيڪي ماڻهو بہ منهنجي قربت حاصل ڪرڻ ۽ منهنجي رحمت ۽ بخشش جا طلبگار آهن، اهي منهنجن حڪمن کي جيڪي هن قرآن جي صورت ۾ انهن آڏو آهن، تن کي دل و جان سان تسليم ڪري عمل پيرا ٿي توشه حيات حاصل ڪن.

ہم تو مائل بہ کرم ہیں، کوئی سائل ہی نہیں
راہ دکھلائیں کسے، راہ روی منزل ہی نہیں (علامہ اقبال)

انهن جي پوري پوري اطاعت ڪن ۽ پڪو پختو يقين وارو ايمان رکن تہ هو پنهنجي منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. (آل عمران: 195/3، الاعراف: 56/7، الانفال: 24/8، السجده: 32/16-15، الشوریٰ: 26/42، المؤمن: 60/40) معاش رزق حلال هجي، دل ۾ سوزو گداز هجي تہ رمضان ۾ دعا جي وڏي فضيلت آهي، خاص طرح افطاريءَ وقت جي دعا. (ترمذي- سنن ابن ماجه)

ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن جي نزول واري رات کي "ليلة القدر" جو درجو مليو، جيڪا هزارن مهينن جي برڪتن ۽ ڀلاين کان وڌيڪ شرف ۽ ڀلائيءَ واري آهي ۽ اهڙيءَ

طرح انهيءَ ماهہ مبارڪ کي برڪتن، رحمتن، بخشش ۽ نجات جو ذريعو بنايو ويو. يعني
الله جي ڪلام، ان رات ۽ ان جي گهڙين ۽ مهيني کي جيڪا فضيلت عطا ڪئي ۽ ان کي
مسلمانن لاءِ لازم قرار ڏنو، گويا اهو سارو عمل قرآن جي سالگرهہ ملهائڻ جو مبارڪ
موقعو آهي، جنهن جي ملهائڻ لاءِ روزن ۾ قيام و قعود، رڪوع و سجود ۽ عجز و نيزاري
واري عبادت ۽ اطاعت ۽ تلاوت قرآن لاءِ اجر عظيم جو وعدو ڪيو ويو آهي. روزن جي
هلندڙ ذڪر ۽ بيان جي درميان ٻانهي جي خدا کان دعا گهرڻ جي حڪمت اها آهي تہ روزن
۾ يا روزن بعد ماڻهن کي دعا جي ترغيب ڏني وئي آهي. دعا اعلىٰ درجي جي عبادت آهي.
حضور خاتم النبيين ﷺ جو فرمان آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجون حاجتون ۽ سوال خدا
آڏو نٿو رکي تہ الله ان سان ناراض ٿئي ٿو. يعني اهو الله، جنهن کان نہ گهريو وڃي تہ
ناراض ٿئي ٿو. انسان کان ڪو گهري ٿو تہ ناراض ٿيون ٿا. دعا رقتِ قلب، خشوع خضوع
سان اهڙيءَ طرح گهرجي تہ ڄڻ هو هڪ حاجتمند الله کي ڏسي رهيو آهي ۽ ان آڏو گڙگڙائي
رهيو آهي. دعا بابت وڌيڪ ڏسو سورة الفاتحه جو تفسير. (سچاروي)

اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَاَنْتُمْ لِبَاسٌ
لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَعَفَا عَنْكُمْ ۚ
فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۠ وَكُلُوْا وَاشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ
لَكُمُ الْخَيْطُ الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۠ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ اِلَى
الَّيْلِ ۚ وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِى الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ
فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۷﴾ وَلَا
تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَتُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا
مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ ع ۲۳ / ۷

اوهان لاءِ روزن واري رات ۾ پنهنجي زالن سان همبستري ڪرڻ حلال ڪئي

وئي آهي. هو اوهان جو پرده پوش آهن ۽ اوهان هنن جا پرده پوش آهيو. الله کي معلوم هيو تہ اوهان پاڻ بابت خيانت جا مرتکب ٿي رهيا هيا، ان ڪري ان (الله) اوهان جي حال تي رحم ڪيو ۽ اوهان کي معاف ڪرڻ فرمايو. سو هاڻي روزن واري راتين ۾ انهن سان يلي مباشرت (جماع) ڪريو ۽ جيڪو الله اوهان جي لاءِ مقرر ڪيو آهي، اهو حاصل ڪريو. (پوري رات) کائيندا پيئندا رهو، جيستائين صبح جي لڪير رات جي لڪير کان ظاهر ٿئي. پوءِ روزي ۾ رات جي آمد تائين رهو (يعني سج لهي وڃڻ تائين) (ياد رکو) جڏهن اوهان مسجدن ۾ اعتڪاف ۾ ويٺل هجو تہ پوءِ پنهنجن زالن سان جماع نہ ڪريو. هي الله جون ممنوع ٿيل، مقرر ڪيل حدون آهن، پوءِ اوهان انهن جي برخلاف سندن ويجهو بہ نہ وڃجو. اهڙيءَ طرح الله پنهنجون آيتون (حڪم) کولي بيان ڪري ٿو تہ اوهان ۾ تقويٰ پيدا ٿي وڃي. (187) ۽ اوهان هڪ ٻئي جو مال پاڻ ۾ ناجائز ۽ ناحق طريقي سان نہ کائو. ۽ نہ وري مال (رقم رشوت طور) حڪمرانن کي ڏئي ماڻهن جي ملڪيت جو ڪجهہ حصو ناجائز طريقي سان کائو، حالانڪہ اوهان کي معلوم آهي تہ اهو گناهہ آهي. (188)

احڪامِ روزه (صوم) متعلق هيءَ وڏي آيت آهي، جيڪا روزي بابت هڪ تفصيلي بيان آهي. يهودين وٽ شريعتِ موسوي موجب روزو شام سج لٿي کان ئي شروع ٿي ويندو هيو. رات ۽ ڏينهن ٻئي (يعني 24 ڪلاڪ) روزي ۾ شامل هوندا هيا. ان ڪري سحري وغيره جو تصور ڪونہ هيو ۽ نہ وري عورت (زال) سان مباشرت (جماع) جائز هوندو هيو. روزي کولڻ بعد جيئن ئي ننڊ ڪندا هيا تہ ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن جي شام تائين روزو هوندو هيو. هي ڪافي سختي هئي. مثال طور هڪ صحابي روزو کجور تي کوليو ۽ سندس گهر واري کاڌو هٿ ڪرڻ وئي، تيستائين سندس مڙس کي ننڊ اچي وئي. جڏهن هوءَ کاڌو کڻي آئي تہ سندس مڙس ننڊ ۾ هيو. ننڊ بعد هو کائڻ پيئڻ کان ممنوع هيو. اهڙي تڪليف کان بچڻ لاءِ الله عزّ وجلّ اسان تي مهرباني ڪري رعايت ڏني ۽ رات جو کائڻ

پيئڻ ۽ زال سان هم بستر ٿيڻ جي اجازت ڏني، جنهن جو ذڪر هت آيو آهي. روزن ۾ قرب الٰهيءَ جي حصول ۽ دلسوز دعا جي مقبوليت ۽ الله پاران آسانين ۽ سهولتن جي بيان بعد وڏيڪ رعايتن ۽ عنايتن جو ذڪر آهي ته اوهان کي جائز آهي ته روزن ۾ روزي کولڻ بعد رات جي وقت پنهنجي عورتن (نڪاح ۾ڏل زالن) سان همبستري (جماع) ڪريو. اهي اوهان جو ستر (ڍڪ پردو) آهن ته وري اوهان هنن جو ستر (پردو) آهيو. اوهان جي هڪ ٻئي کان دوري اوهان جي شرافت ۽ عصمت لاءِ نقصانده ٿي سگهي ٿي.

الله کي پوريءَ طرح علم آهي ته اوهان پنهنجي خيال ۾ روزن واري رات جو پنهنجن زالن سان همبستري ڪرڻ سان پنهنجي ضمير جي خيانت ڪري رهيا آهيو. حالانڪ شريعت ۾ برائي ڪا نه هئي، پر اوهان پنهنجي خيال ۾ ان کي برائي سمجهندي به همبستري ڪري رهيا هئا. جنهن سان هڪ مجرمانه ذهنيت جنم وٺي رهي هئي. اوهان جي ضمير خلاف ڪاررواين کي الله پنهنجي فضل و ڪرم سان معاف ڪيو ۽ قابل سزا نه بڻايو ۽ اوهان هاڻي بي فڪر ٿي پنهنجين زالن سان مباشرت (جماع) ڪريو. هن ازدواجي زندگيءَ ۾ الله جيڪي ڪجهه اوهان لاءِ مختص ڪيو آهي، حاصل ڪريو. قرآن جي بيان موجب مرد ۽ عورت هڪٻئي جو پردو، زينت ۽ راحت آهن. جنهن گهر ۾ زال مڙس جو اهو معيار قائم آهي، اهو گهر ۽ گهراڻو دنيا ۾ جنت جو منظر پيش ڪري ٿو. "خَيْرُ مَتَاعِ الدُّنْيَا الْمَرْاَةُ الصَّالِحَةُ" دنيا جي پلي مان پلي شيءِ نيڪ سيرت زال آهي.

اهڙيءَ طرح رات جي وقت کائڻ پيئڻ تي به ڪا بندش ناهي، خوب کائو پيئو، جيستائين رات جي انڌيري واري ڪاري پٽي مان صبح جي ٻاڪ واري سفيد لڪير ظاهر ٿئي. پوءِ صبح صادق جي ظاهر ٿيڻ کان رات جي ظاهر ٿيڻ تائين روزو پورو ڪريو. حديث شريف ۾ روزو جلد افطار ڪرڻ جي تاڪيد ٿيل آهي. اهڙي طرح وصال جو روزو يعني روزو کولڻ کانسواءِ وري روزو جاري رکڻ وارو روزو به منع ٿيل آهي. (صحيح بخاري)

پر جيڪڏهن مسجد ۾ اعتڪاف ۾ ويٺل آهيو ته پوءِ پنهنجن زال سان رات جو (گهر وڃي) مباشرت نه ڪريو. يعني روزن ۾ جيڪا رخصت آهي، اها اعتڪاف ۾ ناهي. هي الله طرف مقرر ڪيل قانونِ خداونديءَ جون حدون آهن. ان ڪري انهن کان پري پري رهو ۽ ان جي ويجهو به نه وڃو. نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جو ارشاد گرامي آهي: "لِكُلِّ مَلَكٍ حِمًى

وَ اِنَّ حِمَی اللّٰہِ مَحَارِمُہٗ فَمَنْ رَتَعَ حَوْلَ الْحِمٰی یُوْشِکُ اَنْ یَّقَعَ فِیْہِ" هر بادشاهہ جي هڪ چراگاهہ آهي، جتي عوام جو اچڻ ممنوع (Prohabited area) آهي. اهڙيءَ طرح الله پاران بہ چراگاهہ سندس مقرر ڪيل حدون ۽ ممنوعات آهن. جيڪڏهن ڪو جانور چراگاهہ جي آخري ڪنارن وٽ چارو چرندو تہ خطرو آهي تہ اهو پنهنجي حد ٽپي وڃي، ٻئي جي حد ۾ پوي، اهڙي طرح حلال ڪان حرام، جائز ڪان ناجائز ۽ حق ڪان ناحق جي حدن ۾ داخل ٿي وڃي. الله پنهنجن ٻانهن کي نہ رڳو محرمات ڪرڻ ڪان روڪي ٿو، پر انهن جي ويجهو وڃڻ ڪان بہ روڪي ٿو. الله اهڙيءَ طرح پنهنجن احڪامن ڪان اوهان کي آگاهہ ڪري ٿو تہ جيئن اوهان نافرماني ڪري قانون مڪافات جي شڪنجي ڪان بچي سگهو. يهودين جي عقيدي موجب ڪو رات جو سمهي پوندو هو ۽ بعد ۾ سجاڳ ٿيندو هو تہ هن کي کائڻ پيئڻ جي بندش هئي ۽ بنا سحريءَ جي ٻيو روزو رکندو هو. اهڙيءَ طرح روزن واري رات زال سان مباشرت بہ ممنوع هئي. مسلمان بہ ائين محسوس ڪندا هئا، ڇو تہ شريعت جو هن سلسلي ۾ واضح حڪم نہ آيو هو. ان ڪري هو رات جو زال سان جماع ڪرڻ کي غلط سمجهندي بہ ضمير جي خلاف مباشرت ڪندا هئا. اگرچہ ان جي ممانعت ڪا نہ هئي، پر پنهنجي ضمير جي آلودگيءَ جا مرتڪب ٿيندا هئا. ان ڪري آيو تہ الله اوهان جي هن خدشي ۽ خيانت کي ڄاڻي ٿو ۽ معاف ڪري ٿو. ياد رهي تہ مرد ۽ زال پنهنجي طبعي ضرورت ۽ حاجت ۾ هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن، جنهن کي قائم رکڻ بہ ضروري آهي، پر روزن ۾ ان ڪان ۽ حلال غذا ڪان بہ روڪڻ جو مقصد آهي تہ جڏهن ڪو شخص خدا جي حڪمن جي پابندي ڪندي جائز ۽ حلال شين ڪان بہ پرهيز ڪري ٿو تہ پوءِ اهو حرام ۽ ناجائز شين جي ويجهو ڪيئن ويندو.

هٽ باطل طريقي سان مال دولت ميڙڻ ڪان روڪيو ويو آهي، جنهن ۾ تمام ناجائز طريقن جو ذڪر اچي ٿو. ڪنهن جو مال غصب ڪرڻ، چوري، ڌاڙا، زبردستي قبضا ڪرڻ، سود، جوا، رشوت، ڪوڙ هٽي مال حاصل ڪرڻ، حرام شين جي خريد فروخت ڪرڻ، خيانت، دغا، فريب جهڙن ذريعن سان مال دولت هٽ ڪري کائڻ، پيئڻ ۽ استعمال ۾ آڻڻ، ان سان گهر، زمينون خريد ڪرڻ، ملڪيت ناهڻ سڀ حرام ۽ ناجائز ۽ غلط طريقا آهن. قسم کڻي ڪنهن جو مال ناحق حاصل ڪرڻ لاءِ سخت وعيد آهي. (آل عمران: 77/3)

ان ڪري ائين نہ ٿئي تہ اوهان هڪبئي جو مال ناجائز ۽ غلط طريقي سان کائو. (البقره: 188-172/2) "مَنْ اَخَذَ شِبْرًا مِّنَ الْاَرْضِ ظُلْمًا فَاِنَّهٗ يُطَوَّقُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ سَبْعِ اَرْضِيْنَ" (صحيح بخاري) جنهن بہ ماڻهوءَ ظلم ذريعي ٻئي جي زمين (مال) مان هڪ گراٺ ورتو تہ قيامت جي ڏينهن ست زمينون ان جي گلي جو طوق هونديون. نہ وري اهو پنهنجو مال حاڪمن يا عدالتن تائين رشوت طور پهچايو تہ جيئن اوهان ٻين جي مال مان ڪجهہ حصو اهو معلوم هوندي بہ تہ حرام آهي، ظلم ۽ گناهہ ذريعي کائو يا حاصل ڪريو ۽ پنهنجي من ۽ اندر ڪي غليظ ۽ پليت بڻايو.

روزن جي مشق اوهان ڪي اهڙي ضبط ۽ استقلال جي قوت عطا ڪندي، جو اوهان محرمات ۽ ممنوعات کان طبعي طور متنفر ۽ محفوظ رهندا ۽ خالص سون وانگر نکري نروار ٿيندا. دعوت دين جي هر مشڪلات جو مقابلو ڪرڻ لائق هوندا.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَالْحَجِّ ؕ وَلَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۠ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿١٨٩﴾

(اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم !) ماڻهو توکان چنڊ (جي گهٽجندڙ وڌندڙ صورتن) بابت پڇا ڪن ٿا (تہ ائين ڇو آهي) کين چئو تہ هي انسانن لاءِ ۽ حج جي مهيني مقرر ڪرڻ لاءِ وقت جون علامتون آهن. هن ۾ ڪا نيڪي ناهي تہ اوهان (احرام ۾) گهرن ۾ پٺئين پاسي کان داخل ٿيو، پر نيڪي ان ۾ آهي تہ (رسمون ڇڏي) پرهيزگاري اختيار ڪريو. گهرن ۾ دروازي کان داخل ٿيو. دل ۾ الله جو خوف رکو تہ فلاح پائي سگهو. (189)

رمضان جي روزن توڙي حج جي ادائگي ۽ فرضيت جو دارومدار چنڊ جي شب و روز ۽ مهيني سان جڙيل آهي. چنڊ جي صورت ۽ وقت بدلبو رهندو آهي، مگر سج هڪ

وقت ۾ هڪ حالت تي قائم آهي. اي نبي خَاتَمَ النَّبِيّن صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَسَلَّمَ ! هنن چنڊ جي باري ۾ سوال ڪيو آهي
ته هي گهٽجي وڌي ڇو ٿو؟ تون هنن کي ٻڌاءِ ته اهو ماڻهن لاءِ وقت جي تاريخ (جنتري) ۽
حج جي مهيني ٻڌائڻ جو ذريعو آهي. (يونس: 5/10) حج جا عربن وٽ مهينا مقرر هئا. ان
ڪري حج جو حوالو ڏنو ويو ۽ ڇيو ويو ته چنڊ جو اهو مختلف گهٽجڻ وڌڻ وارو منظر قدرت
جو مضبوط ۽ مربوط نظام آهي. هن نظام موجب هڪ مهيني ۾ چنڊ هڪ دفعو نڪري
ٿو، جنهن ڪري سال جا 12 مهينا مقرر ٿيا ۽ چنڊ جي نظام موجب روزا ۽ حج الڳ موسمن
۾ اچن ٿا. دنيا جي مختلف ملڪن جي مختلف موسمن ۾ سيني انسانن لاءِ گرمي سرديءَ
جو حصو برابر اچي ٿو. ان ڪري روزن ۽ حج کي چنڊ سان مقرر ڪيو ويو آهي. سج سان
ناهي، ڇوته سج هميشه مقرر وقت تي ٿيندو آهي. چنڊ جو نظام اهڙو آهي، جو ان کي سڀ
ماڻهو اکين سان ڏسي سگهن ٿا، ان مطابق تاريخ، مهينا، حج، روزا، چار مُحرَّم مهينا، شب
قدر سڀ چنڊ سان منسوب آهن، پر ڪجهه شيون شمسي نظام سان مقرر ڪرڻ ۾ به ڏوهه
ناهي، اجازت آهي. هن ۾ اوهان جي خود ساخته منحوس ۽ محبوب گهڙين جو ڪو به تعلق
ناهي ۽ نه وري هن ۾ اوهان جي رسمن ۽ وهمن جي ڪا اصليت آهي. اوهان جو اهو
سمجهڻ ته رمضان سعادت جو مهينو آهي، ته ڪو ٻيو مهينو نحوست جو هوندو، يا ٻيا وهم
۽ وسوسا رکو. هي خدا جي هڪ مضبوط ۽ مربوط نظام جو مظهر آهي، جيڪو انسانن
جي فائدي لاءِ آهي. ان ڪري پنهنجا غلط عقيدا ۽ گمراهه سوچون ڇڏي ڏيو ۽ اها نيڪي
نه آهي ته پنهنجن گهرن ۾ دروازن بدران پنئين پاسي کان داخل ٿيو، جيڪو ان وقت عربن
جو رواج هيو ته هو احرام ٻڌڻ کان پوءِ گهرن ۾ دروازي کان داخل ٿيڻ کي منحوس ۽
ممنوع سمجهندا هئا. هنن جو عقيدو هيو ته احرام ٻڌي گهر جي دروازي کان نڪتا
آهيون، اها سعادت ۽ تقويٰ آهي، وري ان دروازي کان گهر ۾ داخل ٿيڻ ان سعادت ۽ تقويٰ
جو خاتمو آهي. ان ڪري گهر جي پٺ کان داخل ٿيندا هيا. اهي هنن جون خودساخته
رسمون هيون، جن جو شريعت ۾ ڪو ذڪر نه آهي. اصل نيڪي ته تقويٰ ۽ پرهيزگاري
آهي، نه اهي جاهلن واريون ريتون رسمون. ان ڪري گهرن ۾ اچو ته دروازي جي رستي ئي
اچو. الله جي احڪامن جي انحرافي کان بچو ته جيئن اوهان ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ واري
راهه تي گامزن ٿي سگهو.

”هَلَال“ پهرين تاريخ جو چنڊ آهي. بعد ۾ ”قَمَرَ“. چوڏهينءَ جي چنڊ کي ”بدر“ چئبو آهي. ”اَهِلَّةٌ“، ”هَلَال“ جو جمع آهي. يعني چنڊ جون وري وري پهرين تاريخ اچڻ ۾ چا مصلحت آهي.

وَ قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ
الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَ اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ
وَ الْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَ لَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى
يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹۱﴾ فَاِنِ
انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۲﴾ وَ قٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّ يَكُوْنَ
الدِّيْنُ لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹۳﴾

۽ الله جي راهه ۾ انهن سان جنگ ڪريو، جيڪي اوهان سان جنگ ڪن ٿا، مگر حد کان اڳتي نه وڌو. بيشڪ الله حد کان تجاوز ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري (190) ۽ (جنگ دوران) انهن کي قتل ڪريو جتي جتي به هجن ۽ انهن کي اُتان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو، جتان هنن اوهان کي ڪڍيو هيو. فتنو پيدا ڪرڻ ته قتل کان به وڌيڪ ڏوهه آهي. هنن سان مسجد حرام (ڪعبة الله) وٽ جنگ نه ڪريو، جيستائين هو پاڻ اوهان سان ان ۾ جنگ نٿا ڪن. پوءِ جيڪڏهن هو اوهان سان قتال (جنگ) ڪرڻ گهرن ٿا ته پوءِ اوهان به هنن کي قتل ڪريو. اهڙن ڪافرن جي اهڙي سزا آهي. (191) پر جيڪڏهن هو (جنگ کان) باز اچن ته الله نهايت بخش ڪندڙ ۽ هميشه رحم ڪندڙ آهي. (192) هنن سان جنگ جاري رکو، جيستائين ڪوبه فتنو باقي نه رهي ۽ (هر طرف) رڳو الله جو دين هجي. پر

**جيڪڏهن هو (جنگ) کان باز اچن ته پوءِ ظالمن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان زيادتي جائز نه آهي. (193)**

پوين آيتن ۾ اسلامي احڪام: قصاص، وصيت، فرضيتِ رمضان، روزا رکڻ، اعتڪاف، حرام مال کان بچڻ ۽ حج جا مسائل بيان ٿي چڪا آهن. مڪي زندگيءَ ۾ هجرتِ حبشه ۽ هجرتِ مدينه جو حڪم هيو، اتي ڪافرن يا مشرڪن سان جنگ وغيره جو حڪم نه هيو، پر مدينه منوّره اچڻ بعد حج ۽ عمري لاءِ مڪه مڪرمه وڃڻ لاءِ ڪافرن جي انڪار ڪرڻ تي لڙائيءَ جو خطرو موجود هيو، جيڪو واقع ٿيندي ٿيندي، صلح حديبيه جي دوراندیش معاهدي سبب رڪجي ويو، پر بعد ۾ جنگ بدر، جنگ احد ۽ جنگ احزاب جهڙا واقعا پيش آيا، ان ڪري مديني جي اسلامي رياست کي هاڻي جهاد جي احڪام بابت آگاهه ڪيو ٿو وڃي، جنهن ۾ سڀ کان اول حج وارن مهينن جو ذڪر آهي. مُحرَّم مهينن ۾ قتال برابر سنگين واقعو آهي، پر فتنو ان کان به زياده سنگين آهي، جنهن ۾ ڪنهن کي بالجبر مذهب تبديل ڪرڻ (البقره: 256/2) ۽ فتنو ڪري ملڪ ۾ انتشار ۽ انتقام جو ماحول پيدا ڪرڻ، قتل ناحق کان به سنگين جرم آهي، ان ڪري جڏهن به اهڙو فتنو نظر اچي ته ان جي حڪومت طرفان سرڪوبي ڪرڻ لازم آهي، جنهن لاءِ قتال ۽ جنگ جي اجازت آهي، جنهن جو مقصد خدا جي دين کي دنيا اندر غالب ڪرڻ آهي. (التوبه: 14/9، الصّفّ: 9/61)

حرمت وارن چئن مهينن ۾ جنگ جي اجازت نه آهي. (البقره: 2/217-218، التوبه: 36/9) پر جيڪڏهن دشمن اوهان سان جنگ جوٽين ۽ اوهان لاءِ سواءِ جنگ ڪرڻ جي ڪو به چارو باقي نه رهي ته پوءِ الله جي راهه ۾ اوهان به انهن سان جنگ ڪريو پر ياد رکو ڪنهن به قسم جي زيادتي نه ڪريو. (الحج: 39/22) الله زيادتي ڪرڻ وارن کي پسند نٿو ڪري. اهل مڪه جي ظلم ۽ زيادتين جي ڪري مسلمانن لاءِ حج جا دروازا بند ٿي چڪا هئا، ان ڪري ظالمن کان ناجائز قبضو ڇڏائڻ لاءِ جنگ ڪرڻ ضروري هئي، پر جنگ جي حالت ۾ به مسلمانن کي عدل ۽ انصاف قائم رکڻ لازم هو. هاڻي جڏهن مڪي وارن جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته اوهان به انهن سان جنگ ڪريو ۽ جتي به هٿ اچن ته کين قتل ڪريو ۽

جتي اوهان کي اچڻ نٿا ڏين ۽ اوهان کي ڪڍي ڇڏيو اٿن تہ اوهان بہ انهن کي اتان نيڪالي ڏئي ڇڏيو. ڦهر ۽ جبر ڪري مسلمانن کي راهہ حق کان روڪڻ وارو فتنو قتل ۽ خون ريزي کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. باقي رهيو مسجد حرام ۾ لڙائي لڙڻ جو سوال، سو جيڪڏهن هو مسجد جي حرمت جي پامالي ڪندي اوهان سان لڙائي ڪن تہ پوءِ اوهان کي بہ انهن سان جوابي لڙائي لڙڻ جي اجازت آهي. بيت الله تہ امن ۽ سڪون جو مقام آهي. (البقره: 125/2-126) پر جڏهن هنن امن جي هنڌ جنگ جوٽي آهي تہ ان جي امن برقرار رکڻ ۽ هن فتني جو هميشه هميشه لاءِ در بند رکڻ لاءِ اوهان بہ ڪين جنگ جو جواب جنگ سان ڏيو. ڇو تہ ظالمن ۽ ڪافرن جي ظلمن جو اهو ئي بدلو آهي. حديث شريف ۾ آهي: أُمِرْتُ أَنْ أُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَشْهَدُوْا اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلَ اللّٰه (صحيح بخاري) پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جن فرمايو تہ مون کي الله جو حڪم آهي تہ مان (ڪافر) ماڻهن سان تيستائين لڙندو رهان، جيستائين اهي گواهي نٿا ڏين تہ الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي ۽ آءٌ محمد خاتم النبيين ﷺ الله جو رسول آهيان.

پر جيڪڏهن هو لڙائي کان باز اچن تہ الله غفور رحيم آهي، ان ڪري اوهان بہ بخشش ۽ امن جو رستو اختيار ڪريو. اوهان انهن سان ايستائين ضرور لڙندا رهو، جيستائين هنن جي فتني فساد، جبر، ڦهر ۽ ڪفر و شرڪ جو خاتمو نٿو ٿئي ۽ فقط الله جو دين ئي باقي رهي ٿو، جيڪڏهن هنن مان ڪو ٿورو پنهنجن زيادتين کان باز اچي ٿو تہ پوءِ ظالمن کان سواءِ ڪنهن بہ سان سختي هئڻ نہ گهرجي. (الانفال: 39/8) ڇوتہ دين ۾ زور زبردستي ۽ اڪراه نہ آهي. (البقره: 256/2) اهڙو قدم انهن خلاف ئي کڻبو، جيڪي پنهنجي ظلم و زيادتيءَ تي قائم رهن ٿا ۽ پنهنجي اصلاح نٿا ڪن.

اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَ الْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ
فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ
اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۹۴﴾ وَ اَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى
التَّهْلُكَةِ ۚۛ وَ اَحْسِنُوْا ۚۛ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۹۵﴾ ملع

**حرمت واري مهيني جو بدلو حرمت وارو مهينو آهي ۽ تمام حرمت واريون شيون هڪ ٻئي جو (حرمت ۾) بدل آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اوهان سان زيادتي ڪري ٿو، ته اوهان به ان خلاف ڪارروائي (زيادتيءَ جو جواب) ڪريو، پر زيادتي اوتري، جيتري هن اوهان سان ڪئي آهي. (هميشه) خوف خدا دل ۾ رکو ۽ ياد رکو ته الله متقي (خدا جي حڪمن جي فرمانبردارن) کي ئي پسند ڪندو آهي. (194) ۽ الله جي راهه ۾ خرچ ڪريو ۽ (انفاق في سبيل الله نه ڪري) پنهنجي تباهيءَ جو پاڻ سامان پيدا نه ڪريو. نيڪي اختيار ڪريو. الله نيڪي ڪندڙن سان محبت ڪري ٿو. (195)**

جنگ کي مسلسل جاري رکڻ کان روڪڻ لاءِ محترم مهينن جو وقفو مثبت قدم آهي، جنهن سان صلح ۽ امن جا ڪافي امڪان پيدا ٿي وڃن ٿا، پر ان هوندي به ڪو حرمت وارن مهينن جو احترام نه ٿو ڪري ۽ قتل و غارت يا جنگ و جدل شروع ڪري ڇڏي ٿو ته پوءِ اوهان کي به اجازت آهي ته ان سان جنگ ڪريو، پر جيڪڏهن ٻي ڌر محترم مهينن جي احترام ۾ جنگ وجدل کان پرهيز ڪري ته اوهان به بلڪل دور رهو. گويا حرمت وارن مهينن ۾ بدلو برابر برابر آهي. پر جيڪڏهن ڪو اوهان سان زيادتي ڪري ٿو ته اوهان به موٽ ۾ بلڪل ساڳي طرح اوتري زيادتي ڪريو. هر حال ۾ دل اندر خوفِ خدا رکي ان جي حڪمن جي نگهداري ڪريو. (التوبه: 9/ 36) ياد رکو ته الله به انهن جو ساٿي آهي، جيڪي خدا جي حڪمن جي پاسداري ڪن ٿا. دين اسلام دراصل امن ۽ سلامتيءَ جو دين آهي، جنهن ۾ جنگ جدال جو تصور نه آهي، پر جيڪڏهن ڪافرن ۽ مشرڪن طرفان مسلمانن سان بيجا ظلم ٿئي يا ڪو دين حق جي تبليغ کي طاقت جي زور سان روڪڻ گهري يا ملڪ کي فتني فساد جي باهه ۾ وجهي ڇڏي ته پوءِ دفاعي جنگ ڪرڻ ظلم ۽ زيادتي کي روڪڻ لاءِ دشمنن جو مقابلو ڪرڻ فرض ٿيو وڃي، ان لاءِ جان جي قرباني ڏيڻ لازم آهي. يعني:

کشتہ گانِ خنجرِ تسلیم را
هر زماں از غیب جان دیگر است

* * *

شهادت ہے مطلوب و مقصودِ مؤمن — نہ مالِ غنیمت نہ کشور کشائی

جهاد في سبيل الله جنهن ۾ جان جي قرباني مطلوب آهي، ان لاءِ مال جي قرباني به اوتروئي مرغوب آهي، (آل عمران: 134/3، الانفال: 60/8) ورنه جاني قربانيءَ جا نتيجا بي سود ثابت ٿيندا. ان ڪري راهه حق ۾ دل کولي مال خرچ ڪريو ۽ پنهنجو پاڻ ڪي هلاڪت حوالي نه ڪيو. نيڪي ڪندا رهو ۽ يقين ڪريو ته الله نيڪوڪارن سان محبت ڪري ٿو. (البقره: 195/2، الانفال: 72/8، التوبه: 20/9)

وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ۗ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَلَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ۗ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖۤ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ ۟ فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِى الْحَجِّ وَسَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ۗ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ۗ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِى الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٩٦﴾ ع

رکوع ٢٤ / ٨

۽ حج ۽ عمري جا مناسڪ الله لاءِ پورا ڪريو، پر جيڪڏهن اوهان کي رستي ۾ روڪيو وڃي، ته جيڪا به قرباني ملي وڃي، اها پيش ڪريو ۽ تيستائين مٿي جا وار نه ڪوڙايو، جيستائين اهو قربانيءَ جو جانور پنهنجي مقام تي نه پهچي وڃي (ذبح ٿي وڃي) پر جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار آهي يا سندس مٿي ۾ تڪليف آهي ۽ اهو (جانور جي ذبح ٿيڻ تائين به) انتظار نه ڪري سگهي ته پلي مٿي جا وار لهرائي ڇڏيو ته پوءِ هن جي عوض (الڳ) روزي، صدقي يا قربانيءَ سان فديو ڏئي. ان بعد جڏهن (رڪاوٽ دور ٿئي) ۽ اطمينان ٿي وڃي ته پوءِ

**جيڪو حج سان عمري کي ملائي (حج تمتع) جو فائدو وٺي ته ته پوءِ جيڪا به قرباني ملي، ڪري ڇڏي. پر جنهن کي قربانيءَ جو جانور نه ملي، ته پوءِ اهو حج دوران ٽي روزا (7، 8 ۽ 9 ذوالحج) تي رکي ۽ ست روزا (گهر) واپس پهچي رکي. اها رعايت انهن لاءِ آهي، جنهن جو اهل و عيال مسجد حرام وٽ (يعني مکه مڪرمه) نه رهي ۽ هميشه الله (جي عذاب) کان ڊڄندا رهو. الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. (196)**

هت حج ۽ عمري جو گڏ ذڪر آيل آهي، پر حج فرض آهي.(آل عمران: 97/3) عمره سنت آهي، پر شروع ڪرڻ کان پوءِ پورو ڪرڻ واجب آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو عمرو ڪري ته ڪيس "مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا" حاصل ٿي وئي. ڇا ان عمرو ڪندڙ مسڪين تي هاڻي حج فرض ٿي ويو يا نه، منهنجي خيال ۾ ته ان تي حج فرض ٿئي ٿو، وڌيڪ صاحبِ اجتهاد تشريح ڪن.

جان ۽ مال جي قربانيءَ لاءِ به ضروري آهي ته اها خالص الله جي رضا لاءِ هجي. انسان کي اهڙي عظيم مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ديني ۽ روحاني تربيت جي ضرورت آهي. ان لاءِ حڪم آهي ته جڏهن به حج ۽ عمري جي نيت ڪريو ته اهو محض الله جي خوشنودي ۽ رضا حاصل ڪرڻ لاءِ سمورن ارڪان ۽ شرطن جي ادائگي سان پوري طرح دل جي خلوص سان ڪيو، جيڪڏهن رستي ۾ ڪا رڪاوٽ اچي وڃي، سخت بيماري هجي، دشمن رستا روڪ ڪري، جنگ يا ڪو به ٻيو خطرو يا مجبوري لاحق ٿي پوي ۽ حج جي ڏينهن ۾ اتي پهچي نه سگهو ته پوءِ جيڪو به قرباني جو جانور ٻڪري ڳئون يا اُٺ وغيره مان هٿ اچي ته ان جي قرباني ڪريو. ياد رهي ته صلح حديبيه دوران حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ۽ سندس 14 سؤ اصحاب کي عمرو ادا ڪرڻ کان مڪي جي ڪافرن روڪيو هيو. مسلمان عمري جي احرام ۾ هيا ۽ عمري جي اجازت نه هئي ته مسلمانن اتي ئي قرباني ڪري وار ڪٽرايا ۽ احرام کان آزاد ٿيا. اهڙي حالت رونما ٿئي يا بيماري ۽ نهايت لاچاري هجي ته پوءِ عمري بدران رڳو قرباني ڪرڻي آهي. حنفي قرباني لاءِ حرم مکه منىٰ ۽ مالڪي ۽ شافعي انهيءَ هنڌ ئي قربانيءَ جو اختيار ڏين ٿا. حنفي مسلڪ ۾ جيڪڏهن قربانيءَ جو جانور

مڪه مڪرمه پهچڻ جو ذريعو هجي ته پوءِ منىٰ روانو ڪجي، پر جيڪڏهن بالڪل ممڪن نه آهي، ته پوءِ اتي قرباني ڪرڻ مناسب آهي، جنهن ۾ قرباني ڪندڙ شخص امام شافعي ۽ امام مالڪ جي اجتهاد مطابق هوندو. تيستائين پنهنجي مٿي جا وار نه ڪوڙايو، جيستائين قربانيءَ جو جانور پنهنجي ماڳ تي نه پهچي وڃي، يعني ذبح ٿي وڃي. وار ڪوڙائڻ احرام کان آجو ٿيڻ کان اڳ جو عمل آهي.

پر جيڪڏهن ڪو بيمار آهي، يا ڪيس مٿي ۾ ڪا تڪليف هجي ۽ هو قرباني ڪرڻ کان اڳ وار ڪوڙائي ٿو ته هن کي فديو ڏيڻو پوندو، جيڪو حديث شريف موجب ٽن ڏينهن جا روزا رکڻ ۽ ڇهن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻڪري ذبح ڪرڻ جو حڪم آهي، پر جيڪڏهن امن نصيب ٿي وڃي ۽ اوهان حج کان اڳ مڪي مڪرمه پهچي ويو ته جيڪو شخص حج ڪرڻ کان اڳ عمرو ادا ڪرڻ گهري ٿو ته پوءِ اهو پنهنجي استطاعت مطابق قرباني ڪري. پر جيڪڏهن قرباني ممڪن نه آهي ته پوءِ ٽي روزا حج دوران ۽ ست روزا پنهنجي گهر پهچي رکي. اهڙيءَ طرح ڏهه روزا پورا ڪري. اها رعايت رڳو انهن ماڻهن لاءِ آهي، جن جا گهر ٻار مسجد حرام جي حدن ۾ نه آهن ۽ ميقات کان ٻاهر رهندڙ آهن. پر ميقات اندر رهندڙ ڏهه روزا حج دوران حرم جي حدن ۾ ئي رکندا. اها ڳالهه ذهن نشين ڪريو ته هر حال ۾ الله جي حڪمن جي پيروي ڪريو ۽ سندس نافرمانيءَ کان بچو ۽ يقين ڪريو ته هو نافرمانن کي سخت سزا ڏيڻ وارو آهي.

ياد رهي ته حج جا ٽي قسم آهن: پهريون حج اِفراد يعني رڳو اڪيلي حج جي نيت سان احرام ٻڌي ۽ حج ڪري. ٻيو حج قِران، جنهن ۾ حج ۽ عمري ٻنهي جي گڏ نيت ڪري ۽ احرام ٻڌي. هنن ٻنهي يعني حج افراد ۽ حج قِران ۾ سمورا مناسڪ حج ادا ڪرڻ کان اڳ احرام نٿو کولي سگهي. ٽيون حج تَمتُّع آهي، جنهن ۾ به حج ۽ عمره ٻنهي جي گڏ نيت ڪبي آهي، پر پهريان رڳو عمري جي نيت سان احرام ۾ داخل ٿيندو ۽ عمرو ادا ڪرڻ بعد احرام کولڻو آهي ۽ پوءِ 8 ذوالحج تي حج جو احرام مڪي ۾ ئي ٻڌي، حج جا شرط ۽ ارڪان پورا ڪري احرام کان آجو ٿبو آهي. تَمتُّع جي معنىٰ آهي فائدو حاصل ڪرڻ. هن ۾ به عمري جي احرام کولڻ بعد ٻيهر حج جو احرام ٻڌڻ تائين احرام کان آجي هجڻ جو فائدو حاصل ڪرڻ آهي. حج قِران ۽ حج تمتع ۾ (هدي) قرباني ڏيڻي آهي، ٽي روزا يوم

عرفات 9 ذوالحج کان اڳ يا ايام تشريق ۾ رکٹا آهن. الله جي ٻڌايل احڪامن جو پوري طرح خيال رکو ۽ هميشه الله جي گرفت کان پاڻ کي بچائي رکو. الله نافرمانن لاءِ نهايت شديد عذاب ڏيڻ وارو آهي.

اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ
وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؔؕ وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ
خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَاتَّقُوْنِ يٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿١٩٧﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ
تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَآ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ عِنْدَ
الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۠ وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَاِنْ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ
الضَّآلِّيْنَ ﴿١٩٨﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٩﴾

حج جا چند معلوم مهينا آهن (شوال، ذوالقعده ۽ ذوالحج جوعشره اول) تہ جيڪو بہ شخص انهن مهينن ۾ نيت ڪري، پاڻ تي حج لازم (فرض) ڪري تہ پوءِ ان حج جي عرصي دوران نہ جماع ڪرڻ جائز آهي، نہ گار ۽ نہ جهيڙو. اوهان جيڪو بہ ڀلائيءَ جو ڪم ڪندا تہ الله کي ان جي پوري خبر آهي ۽ ثمر ساٿ رکو. سڀ کان بهترين ثمر (زادِ راهہ) تقوىٰ آهي. ۽ اي عقلمندؤ! منهنجي تقوىٰ اختيار ڪريو (منهنجي حڪمن موجب هلو). (197) ۽ اوهان تي ڪوبہ گناهہ نہ آهي جيڪڏهن حج دوران محنت مزدوري (تجارت وغيره) ذريعي الله جو فضل حاصل ڪريو. پوءِ جڏهن اوهان عرفات کان واپس اچو تہ مشعرالحرام (مزدلفه) ۾ الله کي ياد ڪريو ۽ ان جو ذڪر اهڙيءَ طرح ڪريو، جهڙيءَ طرح هن اوهان کي ٻڌايو آهي. بيشڪ هن کان اڳ اڻ ڄاڻ هيو.(198) پوءِ اوهان بہ ان هنڌ کان

وقف النبی صلی اللہ علیہ وسلم

**واپس موٽو، جتان ٻيا ماڻهو به واپس ٿين ٿا ۽ الله کان بخشش طلب ڪندا رهو. بيشڪ الله وڏو بخشيندڙ ۽ هميشه رحم ڪندڙ آهي. (199)**

حج به نماز، روزن ۽ زڪواة وانگر فرض عين آهي، جيڪو هر استطاعت رکندڙ مسلمان، عاقل، بالغ، آزاد تي زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو ڪرڻو آهي. حج محض الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۽ نفس جي تربيت ڪرڻ لاءِ آهي. هن فريضي جي ڪماحقه ادائگيءَ لاءِ خود قرآن ۾ حڪم آهي. "فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوقَ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ" احرام جي ٻن چادرن ۾ بادشاهه ۽ مسڪين "لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ" جون صدائون هڻندا، خدا جي بارگاهه ۾ عاجز ۽ فقير تي پيش ٿين ٿا. سندن سمورو ڌيان الله جي رضا حاصل ڪرڻ آهي ۽ هر دنياوي خواهشن کان منهن موڙڻو آهي. حضوراڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جن فرمايو ته اهڙو وقت ايندو، جو سرمائيدار حج سير و تفريح لاءِ، متوسط طبقو تجارت لاءِ ۽ فقيرَ سوال ڪرڻ (پنڻ) لاءِ ايندا. ان ڪري هڪ دفعو موقعو ملڻ واري نعمت کي صرف الله جي رضا ۽ ذات جي تربيت لاءِ خاص ڪجي ته ان شاءَ الله تعالىٰ حج جي برڪت سان گناهن کان معافي ملندي ۽ جنت جون نعمتون نصيب ٿينديون. تڏهن ته حڪم آيو آهي: "وَاَتِمُّوا الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ لِلّٰهِ" قرآن مجيد ۾ اهو به آيو آهي ته "لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ" ان مان مراد مقصود بالذات حج ۽ الله جي رضامندي ۽ خوشنودي هجي، باقي ضرورت لاءِ فضل ربي حلال ۽ باوقار روزي حاصل ڪرڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. يعني نه گناهه ناهي، پر اجتناب ڪرڻ بهتر آهي. غير استطاعت واري شخص تي حج فرض ناهي، استطاعت جو خرچ پڪو ساڻ هجي، پر مزدوري ۽ تجارت کان منع نه آهي. جيڪڏهن ارڪان حج ۾ خلل يا ڪوتاهي نٿي ٿئي.

حج جي تياري ۽ نيت ڪرڻ لاءِ ڪجهه معلوم مهينا شوال، ذوالقعد ۽ ذوالحج جا پهريان ڏهه ڏينهن آهن. پوءِ جنهن به انهن مهينن يا ڏينهن ۾ پاڻ تي حج لازم ڪيو، يعني حج جي نيت ڪري احرام ۾ داخل ٿيو ته هن حج جي حالت ۾ نه عورت سان جنسي ميلاپ ڪرڻو آهي، نه گناهه جو ڪوئي ڪم ڪرڻو آهي ۽ نه ڪنهن سان لڙائي جهيڙو ڪرڻو آهي، پر تمام اختلافات وساري نوع انسان جي بهبود، ڀلائي لاءِ منفعت بخش تجويزون سوچڻ ۽ رائج ڪرڻ لاءِ آهي. اوهان جيڪو به نيڪي ۽ خير خواهي جو ڪم ڪيو ٿا، ان جو الله

ڪي پورو پورو علم آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”مَنْ حَجَّ هٰذَا الْبَيْتَ وَلَمْ يَرْفُثْ وَلَمْ يَفْسُقْ رَجَعَ كَيَوْمٍ وَّلَدَتْهُ اُمُّهٗ“ (صحيح بخاري) جنهن حج ڪيو ۽ حج دوران شهوتي خواهش، فسق و فجور کان بچيو ته اهو گناهن کان ائين پاڪ ٿي ويجي ٿو، جيئن ماءُ پيٽان ڄمڻ مهل هو. هن سفر دوران خرچ پکي جو سامان گڏ ڪٿو ته جيئن ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگڻا نه پون. سڀ کان سٺو زاد راهه تقويٰ آهي. سياڻا ۽ عقلمند ٿيو ۽ منهنجي حڪمن جي انحرافي ڪري عذاب الٰهي کان بچندا رهو. جيڪڏهن اوهان حج جي ادائگيءَ دوران الله جو فضل يعني رزق روزي ڪمائڻ گهرو ته ان ۾ ڪو به حرج يا ڏوهه نه آهي. (الحج: 28/22)

پوءِ جڏهن عرفات کان موٽو ته مزدلفه ۾ الله جي ذڪر ڪي جاري رکو ۽ الله جو ذڪر اهڙيءَ طرح ڪريو، جهڙيءَ طرح هن اوهان کي ذڪر ڪرڻ جي طريقي جي رهنمائي ڪئي آهي. جو ته اوهان هن کان اڳ گمراهه هيو. جنهن هنڌ کان ٻيا ماڻهو وڃي موٽن ٿا اوهان به اتان وڃي پوءِ موٽو، پر ائين نه ڪجو جيئن قريش مزدلفه کان ئي واپس اچن ٿا ۽ عرفات ڏانهن نٿا وڃن، ته جيئن هو پاڻ کي عوام کان الڳ ۽ اعليٰ رکي سگهن. ياد رهي ته عرفات حرم کان ٻاهر آهي ۽ مزدلفه حرم جي حدن ۾ آهي. قريش جو ڪعبة الله جا ڪنجي بردار هئڻ سبب معاشري ۾ وڏو مرتبو ۽ مانُ هيو. پاڻ کي عوام الناس کان الڳ ۽ برتر ڏيکارڻ لاءِ حرم جي حدود مزدلفه تائين ايندا هيا، حالانڪ عرفات رڪن اعظم آهي، جنهن کان سواءِ حج نه ٿيندو. الله کان پنهنجين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي لاءِ بخشش گهرو، بلاشڪ الله گناهه بخشڻ وارو ۽ پنهنجن ٻانهن تي رحم ڪرڻ وارو ۽ انهن کي سندن حد ڪمال تائين رسائڻ وارو آهي. 9 ذوالحج تي سج جي زوال بعد سج لهڻ تائين ڪجهه وقت لاءِ وقوف عرفات حج جو سڀ کان وڏو ۽ اهم رڪن آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”اَلْحَجُّ عَرَفَةٌ“ عرفات جو وقوف ئي حج آهي. عرفات ۾ نماز مغرب ناهي پڙهڻي، پر سج لهڻ شرط مزدلفه اچي اتي هڪ اذان هڪ تڪبير سان مغرب جا 3 رڪعت فرض ۽ عشا جا ٻه رڪعت فرض ادا ڪيو. مزدلفه ئي مشعر الحرام آهي. عرفات حدود حرم کان ٻاهر ۽ مزدلفه حدود حرم ۾ آهي. جيڪڏهن ڪو شخص 9 ذوالحج يوم عرفه تي زوال کان مغرب اندر وقوف ڪيو ته حج ٿي ويندو، پر اهڙو حاجي مسافر جيڪو راهه ۾ ڪنهن اٽڪر سبب ڪري رڪجي ويو ۽ عرفات ۾ 10 ذوالحج جو فجر جي نماز تائين پهچي عرفات ڪيو ته ان جي اهڙي

مجبوري (اضطراري) حالت ۾ عرفات جو رڪن ٿي ويندو. باقي جيڪي شيون رهجي ويون، انهن جو ڪفارو ادا ٿيندو. پر جيڪڏهن يوم عرفه تي عرفات ۾ عقل، هوش هواس سان وقوف نہ ٿئي تہ حج ڪونہ ٿيندو، پلي ڀيا سمورا ارڪان ادا ڪري. عصر نماز بعد مزدلفه وڃبو،جتي مغرب ۽ عشاء 2 رڪعت هڪ اذان، هڪ تڪبير سان ادا ڪبا. عرفات ۾ نوافل وغيره نہ، پر دعا ۾ مشغول رهڻو آهي. هي مقام اجابت ۽ دعا جو آهي، ان ڪري حضور دل ۽ خشوع ۽ خضوع سان الله کان دعا گهري.

فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ
فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ
خَلَاقٍ ﴿٢٠٠﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ
حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ
سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٢٠٢﴾ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِيْٓ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِيْ
يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَمَنْ تَاَخَّرَ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ؕ وَاتَّقُوا
اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾

النصف

پوءِ جڏهن اوهان حج جا مناسڪ (ارڪان) پورا ڪريو تہ پوءِ (منىٰ ۾) الله جو خوب ذڪر (بيان) ڪريو، جهڙيءَ طرح اوهان پنهنجن ابن ڏاڏن جو بيان (وڏي شوق سان) ڪندا هيا يا ان کان بہ زياده شدت سان الله جو ذڪر ڪريو. پوءِ ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ آهن، جيڪي چون ٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ ئي (اجر) عطا ڪر. اهڙي ماڻهوءَ جو آخرت ۾ ڪو حصو ناهي. ۽ انهن مان اهڙا بہ (ماڻهو) آهن، جيڪي عرض ڪن ٿا تہ اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ بہ نيڪي نصيب ڪر ۽ آخرت ۾ بہ نوازشن سان نواز ۽ اسان کي دوزخ جي

عذاب کان محفوظ رک. (201) ھي اھي (ڀلارا) انسان آھن، جن لاءِ سندن نيک ڪمائيءَ مان حصو آھي ۽ الله جلد حساب ڪرڻ وارو آھي. (202) ۽ الله کي انھن چند عدد ڏينھن ۾ خوب ياد ڪريو. پوءِ جنھن شخص بہ (منیٰ کان واپسيءَ جي) ٻن ڏينھن ۾ جلدي ڪئي تہ ان تي بہ ڪو گناھ نہ آھي ۽ جنھن ان ۾ (ٻن ڏينھن کان) وڌيک تاخير ڪئي تہ ان ۾ بہ ڪو گناھ نہ آھي. ھي (خوشخبري) ان لاءِ آھي، جيڪو تقویٰ اختيار ڪري ان ڪري الله جي قانون شڪني کان ڊڄندا رھو. ياد رکو تہ اوھان سمورن کي ان وٽ گڏ ڪيو ويندو. (203)

وقوف عرفات کان بعد رات مزدلفه ۾ گذارڻ نماز فجر اول وقت ۾ پڙھي سج اڀرڻ کان اڳ منیٰ لاءِ مزدلفو ڇڏڻ، 10 ذوالحج تي شيطان کي پٿريون ھڻڻ، قرباني ڪرڻ ۽ وار ڪترائڻ، طواف ڪعبه ۽ صفا مروه ڪرڻ بعد جڏھن اوھان حج جا سمورا احڪام پورا ڪري ڇڏيا تہ پوءِ اوھان منیٰ ۾ 12 ذوالحج يا 13 ذوالحج تائين رھڻ دوران الله جي ذڪر و فڪر ۽ حڪمن جي بجا آوري ۾ اھڙيءَ طرح مشغول رھو، جھڙي طرح ھن کان اڳ دور جاھليت ۾ اوھان پنھنجي وڏڙن جي رسم و رواج ۽ تعريف و توصيف ۾ شعلا بياني ڪندا ھئا. بلڪ ان کان بہ اجان وڌيڪ الله جي ذڪر و فڪر ۾ رڌل رھو. (البقره: 203/2، ھود: 3،4/11) حج جو اصل مقصد بہ خدا جو راضپو حاصل ڪرڻ آھي. ڪجھ ماڻھو اھڙا بہ آھن، جيڪي دنيا جي عيش و عشرت جا طالب آھن، آخرت جا قائل نہ آھن، جن جي مدعا اھا ئي ھوندي آھي يا خدا اسان کي جو ڪجھ ڏيڻو اٿئي، اھو ھن دنيا ۾ ئي ڏئي ڇڏ. آخرت جي زندگيءَ ۾ اھڙن ماڻھن جو ڪو بہ حصو نہ آھي. (بني اسرائيل: 17/17 کان 21، الشوریٰ: 20/42) ٻر وري ٻيا اھڙا بہ انسان آھن، جيڪي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ فلاح گھرن ٿا ۽ سندن اھا ئي صدا ۽ دعا آھي تہ يا الله اسان کي دنيا ۾ بہ نيڪي ۽ ڀلائي عطا ڪر ۽ آخرت ۾ بہ نيڪي ۽ ڪاميابي سان نوازي ڇڏ ۽ اسان کي بداعمالين کان بچائي دوزخ جي باھ واري عذاب کان محفوظ رک. (بني اسرائيل: 18/17) يقين ڪريو تہ ھي اھي ئي ڪامياب انسان آھن، جن کي سندن نيک عملن جي ڪمائي ۽ اجورو دنيا توڙي آخرت ۾ ملي وجي ٿو. (الانبياءِ: 94/21)

ياد رکو تہ الله وٽ حساب ڪتاب ۾ ڪا دير ڪانهي، پر هر هڪ جو سندس اعمال موجب جلد کان جلد ليکو چڪتايو ويندو. حج جي انهن مقرر ٿيل چند ڏينهن ۾ جيڪي 13 ذوالحج تائين آهن، الله جي حڪمن جي دل و جان سان پابندي ڪندي سندس ذڪر و فڪر ۾ گذاريو، پر جيڪڏهن ڪو جلدي ڪري 12 ذوالحج ۾ ئي تقوىٰ ۽ پرهيزگاري سان احڪام ادا ڪري بعد فارغ ٿيڻ گهري تہ بہ ان ۾ ڪو بہ حرج يا گناهہ ناهي. هميشه الله جي حڪمن جي انحرافي جو خوف دل ۾ رکو. يقين ڪريو تہ هڪ ڏينهن اوهان کي هڪ جوابده جي حيثيت ۾ ان جي آڏو پيش ٿيڻو آهي. ياد رهي تہ حج جي رسومات پوريون ڪرڻ بعد دور جهالت ۾ عرب منىٰ ۽ حرم وٽ ميلا مچائيندا هئا ۽ سندن شاعر ۽ دانشور فصاحت ۽ بلاغت جا جوهر ڏيکاريندا هئا، جنهن ۾ پنهنجن وڏڙن جو حسب نسب جنگي ۽ قبائلي ڪارناما وڏي فخر سان بيان ڪندا هئا. جنهن کان اسلام روڪي الله جي يادگيري جو حڪم ڪري ٿو، جنهن لاءِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ جو ورد جاري رکي. حج غرور ۽ تڪبر جي رسمن کان روڪي، عجز ۽ انڪساريءَ جي دعوت ڏئي ٿو.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيْ قَلْبِهٖ ۙ وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ۝٢٠٤ وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِي الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَيُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ ۝٢٠٥ وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ؕ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ۝٢٠٦ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ۝٢٠٧

هنن ماڻهن مان ڪو شخص اهڙو بہ آهي، جنهن جي گفتگو دنياوي زندگيءَ ۾ توکي وڻندي هجي ۽ هو پنهنجي دل جي گفتگوءَ تي الله کي گواهہ بہ بنائي ٿو، حالانڪ هو شديد ترين دشمن (جهڳڙالو) آهي. (204) هو جڏهن پٺي ڏئي هليو وڃي تہ هو زمين (ملڪ اندر) وڏي ڪوشش ڪري فساد ڦهلائي ٿو ۽ ڪيت ۽ نسل تباهہ ڪري ٿو. الله فساد پسند نٿو ڪري. (205) ۽ جڏهن هن کي چيو وڃي

ٿو تہ هن (ظلم ۽ فساد) جي ڪري الله (جي پڪڙ) جو خوف ڪر تہ هن جو غرور هن کي اجان وڌيڪ گناهہ تي آماده ڪري ٿو. پوءِ اهڙي شخص لاءِ جهنم ڪافي آهي ۽ يقينًا اهو بڇڙو ٺڪاڻو آهي. (206) ۽ (ان جي برعڪس) انهن ۾ ڪو اهڙو ماڻهو بہ آهي، جيڪو الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان بہ وڪرو (قربان) ڪري ٿو. ۽ الله پنهنجن ٻانهن تي ڏاڍو مهربان آهي. (207)

دنيا ۽ آخرت جي طلبگارن ۽ رڳو دنياوي مفاد پرستن جي بيان بعد ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڪجهہ ماڻهو اهڙا چاپلوس ۽ چرب زبان آهن، جن جي دنياوي زندگيءَ بابت سندن ڳالهيون ڏاڍيون وڻندڙ لڳن ٿيون. ائين محسوس ٿئي ٿو تہ هو نهايت مخلص ۽ وفادار آهن، جو ڪجهہ چون ٿا، نيڪ نيتي ۽ خيرسگاليءَ تي مبني آهي ۽ هو پنهنجي من جي صاف سٺري هجڻ جي ثبوت لاءِ الله کي گواهہ ناهي ٿو، حالانڪ هو سخت عداوت ۽ دشمنيءَ ۾ مبتلا آهي. اهڙن ماڻهن کي جڏهن اقتدار ملي وڃي ٿو تہ سندن سموريون سرگرميون ۽ تگ و دو انهيءَ لاءِ هونديون آهن تہ هو زمين تي فتنو ۽ فساد برپا ڪن ۽ انساني محنت سان آباد ڪيت ۽ آباديون ۽ انساني نسل کي تباهہ ۽ برباد ڪن. حالانڪ الله اهڙي فتني ۽ فساد کي پسند نٿو ڪري، جن سان انساني زندگي خوشحالي ۽ آسودگي جي جڳه تي خون خرابي ۽ ويراني جو راڄ هجي. جڏهن اهڙن ماڻهن کي خبردار ڪجي ٿو تہ پنهنجي بداعمالي جي نتيجن ۾ عذاب الٰهي جو خوف ڪريو تہ انهن جو هٺ ۽ غرور انهن کي اجان وڌيڪ گناهہ تي آمادو ڪري ٿو پوءِ جن ماڻهن جو اهڙو حال هوندو، جو نصيحت قبول ڪرڻ بدران وڌيڪ آڪرا، هٺيلا ۽ ضدي ٿي ويندا ۽ پنهنجي ڪوڙي عزت، انا ڪين گناهہ طرف وڌيڪ آماده ڪري ٿي، سو انهن لاءِ جهنم ئي مناسب مقام آهي. جهنم ڪان وڌيڪ خراب ڪهڙو هنڌ هوندو، جتي هنن جو ٺڪاڻو ڪجي. پر هنن برن ۽ بداعمال انسانن جي ابتڙ ڪجهہ اهڙا بہ نيڪو ڪار انسان آهن، جيڪي ذاتي نفساني مفادن بدران روحاني رحمتن جا طلبگار رهوندا آهن، جيڪي الله جي خوشنودي ۽ رضا خاطر پنهنجي جان جو سودو بہ سستو سمجهندا آهن. الله اهڙن نيڪ ٻانهن لاءِ نهايت مهربان ۽ شفقت وارو آهي.

جان دی، دی ہوئی اسی کی تھی
حق تو یہ ہے کہ حق ادا نہ ہوا (غالب)

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
اِدھر بھی ہے عید اور اُدھر بھی ہے عید (مشتاق سجاروی)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِى السِّلْمِ كَآفَّةً ۖ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ
اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿۲۰۸﴾ فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ
فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۰۹﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِىْ
ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَقُضِىَ الْاَمْرُ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۲۱۰﴾ ع ۲۵/۹

اي مؤمنؤ! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو (ياد رکو تہ) بيشڪ هو اوهان جو کلم کلا دشمن آهي. (208) پوءِ جيڪڏهن هنن واضح آيتن جي اچڻ بعد بہ اوهان گمراهہ ٿي وڃو تہ معلوم هجي تہ الله هر شيءِ تي غالب ۽ حڪمت وارو آهي. (209) ڇا هو ان موقعي جي انتظار ۾ آهن تہ بادلن جي صورت ۾ الله جو عذاب اچي وڃي ۽ فرشتا بہ (عذاب سان اچن) ۽ پورو معاملو ختم ٿي وڃي. سمورا معاملا الله طرف ئي واپس ڪيا ويندا.(210)

يعني عقائد کان اعمال تائين، عبادت کان اخلاق ۽ معاملات تائين، ظاهر ۽ باطن هر طرح سان خدا جي فرمانبرداري ڪيو. اسلامي حڪمن کي دل و جان سان اکين تي رکي، دل جي گهراين سان قبول ڪريو. اسلام جي دائري کان ٻاهر قدم نہ رکو. هنن شرائط جي پابندي جيتري قدر ضروري آهي، اوتري غير اسلامي ريتن، رسمن، اعتقادن، عملن کان بچڻ ۽ احتياط ڪرڻ لازمي آهي. اسلام جي واضح احڪام اچڻ بعد ڪجهہ موسوي

شريعت تي عمل پيرا رهن ٿا ۽ ذاتي خواهشن جي تڪميل ۾ شريعت محمدي کان دوري رکڻ يعني 'اڌ تِتر، اڌ ٻٽير' "لَآ اِلٰی هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ اِلٰی هٰٓؤُلَآءِ" قبول ناهي. (البقره: 85/2)

ياد رهي ته اسلام مسجد ۽ عبادت تائين محدود ناهي، پر معاملات، معاشرت يعني زندگيءَ جا شب و روز، حڪومت، تجارت، صنعت، حرفت وغيرها سڀ ۾ اسلام جو روح نظر اچي، ان ڪري حڪم آيو آهي ته اي مومنؤ! بلڪل پوري جا پورا اسلام ۾ داخل ٿي وڃو، اوهان جي زندگي جي هر جهلڪ، هر گوشي ۾ ايمان ۽ عمل جو روح پرور نظارو نمايان نظر اچي. آيت 85 ۾ بني اسرائيل جي طرزِ عمل کان پاڻ کي بچايو ۽ شيطان جي پيروي ڪري حيواني سطح جي زندگي اختيار نه ڪريو. هي(شيطان) اوهان جو چٽو پٽو دشمن آهي. روشن دليل اچڻ کان پوءِ به جيڪڏهن اوهان جا پير ترڪي ويا ۽ اوهان ڀٽڪي ويا ۽ حق جي راهه کان مڙي ناحق جو رستو اختيار ڪيو ته گمراهه ٿي ويندا. ياد رکو ته الله جي گرفت کان بچي ڪونه سگهندا، هو هر شيءِ تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

ڇا هي يهودي هاڻي انهيءَ ڳالهه جا منتظر آهن ته قرآن ۽ رسول خدا خاتم النبيين ﷺ جي هدايت ۽ رهبري باوجود خود الله فرشتن سان گڏ بادلن جي پاڇي ۾ هنن جي سامهون اچي ته پوءِ هو ايمان آڻيندا يعني اهڙو ايمان آڻڻ قبول نه آهي پر يقيناً هو عذاب الٰهي جو انتظار ڪن ٿا ته سندس تباهي ۽ بربادي جو فيصلو ٿي وڃي ۽ عذاب الاهي سان سندن شهر بستيون برباد ٿي وڃن. "كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ﴿٢١﴾ وَّجَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ﴿٢٢﴾" (الفجر: 89/ 21-20) جنهن ڏينهن زمين تي پهاڙ ريزه ريزه ٿي ويندا. زمين برابر ڪئي ويندي ۽ توهان جي رب طرفان فرشتا اچي ويندا ۽ الله تعالىٰ پنهنجي جلال ۾ اچي پنهنجن قهري فرشتن ذريعي سندن حساب چڪتو ڪري ڇڏي (معاذالله) پر هو پاڻ کي ڪوڙيون تسليون ڏيندا رهندا آهن ته اجان گهڻو وقت پيو آهي، في الحال ته پنهنجا منصوبا پورا ڪيون، پوءِ آخر عمر ۾ توبه ڪري وٺنداسون. ڪين خبر ناهي ته ڪهڙي وقت موت جو فرشتو اچي ۽ سندن ساهه ضبط ڪري. حديث شريف ۾ آهي: "مَنْ مَاتَ فَقَدْ قَامَتْ قِيَامَتُهٗ" مرڻ سان ئي قيامت شروع ٿي وڃي ٿي. ياد رکو، اوهان جا سمورا ڪارناما مڪافات عمل طرف روان دوان آهن، جن جا هولناڪ نتيجا ضرور ظاهر ٿيڻ وارا آهن. (البقره: 210/2، الفرقان: 25/25)

رب رسي مت ڪسي هٽي ڪو نہ هٿيار
ڪجي اهڙي ڪار جنهن ۾ جوکو جان جو. (شاهہ)

سَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۢ بَيِّنَةٍ ۭ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ
مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا
الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَيَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ وقف لازم
يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَاۗءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾

بني اسرائيل کان پڇو تہ اسان کين ڪيتريون روشن نشانيون ڏنيون هيون ۽ جيڪو بہ ماڻهو الله جي نعمت پاڻ وٽ اچڻ کان پوءِ ان کي تبديل ڪري ڇڏي تہ يقينًا الله سخت عذاب ڏيڻ وارو آهي. (211) ڪافرن جي لاءِ دنياوي زندگي تمام خوبصورت ڪئي وئي آهي ۽ هو ايمان وارن تي ٺٺوڪون ڪن ٿا، پر جن تقويٰ اختيار ڪئي، اهي قيامت جي ڏينهن انهن کان اعليٰ (مقام تي) هوندا. الله جنهن کي گهري، بغير حساب جي نوازي ٿو. (212)

فرمانبرداريءَ جي ثمر ۽ نافرمانيءَ جي نتيجن بابت اوهان جي آسپاس موجود بني اسرائيل کان پڇو ۽ درس عبرت حاصل ڪيو، تہ انهن کي قومن جي موت و حيات بابت علم و بصيرت سان لبريز ڪيتريون روشن نشانيون ۽ ضابطهٔ حيات جون نصيحتون ڏنيون هيون. هدايت لاءِ تورات نازل ڪئي. طورسينا کي مُعلّق ڪري عهد ورتو. الله سان ڪيل ڪلام گفتگو ٻڌي. فرعون جي ظلم کان نجات ڏياري. فرعون کي غرقِ آب ڪيو ۽ هنن کي صحيح سلامت پار ڪيو. منّ و سلويٰ ڏنا، بادل سايهٔ فگن ڪيو، پاڻيءَ جا 12 چشما جاري ڪيا، پر هنن ناقدري ۽ ناشڪري ڪئي، تڏهن تہ حضور خاتم النبيين ﷺ مسلمانن کي خبردار ڪندي فرمايو: ”لَتَتَّبِعُنَّ سُنَنَ مَنْ قَبْلَكُمْ شِبْرًا بِشِبْرٍ وَ ذِرَاعًا بِذِرَاعٍ حَتّٰى لَوْ سَلَكُوْا

جُحْرَ ضَبٍّ لَسَلَكْتُمُوْهُ قُلْنَا يَا رَسُوْلَ اللهِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصَارٰى قَالَ فَمَنْ"(صحيح بخاري) توهان يقينًا اڳين جي پيروي ڪندا گراٺ گراٺ برابر، هٿ هٿ برابر. جيڪڏهن هو گوهه جي ٻر ۾ داخل ٿيندا ته اوهان به داخل ٿي ويندا. اسان عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! ان مان مراد يهود ۽ نصاریٰ آهن. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته ٻيو ڪير؟ يعني يهود ۽ نصاریٰ. هنن جيستائين انهن نعمتن جي قدرشناسي ڪئي، ته هنن تي رحمت الٰهيءَ جا دروازا کوليا ويا، پر جڏهن هنن انهن نعمتن ۽ حڪمن جي انحرافي ڪئي، انبياء کي قتل ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيو، خدائي حڪمن جي کلم کلا خلاف ورزي ڪئي، فساد ۽ فتني جي فضا بنائي ته ڪين سخت سزا جو منهن ڏسڻو پيو ۽ جيڪو به خدا جي عطا ڪيل نعمتن ۽ احسان کي بدبختي ۽ بداعمالي ۾ تبديل ڪري ٿو (البقره: 49/2) ته پوءِ اهڙن ناشڪر گذار انسانن لاءِ الله جو قانون مڪافات به نهايت سخت آهي. (البقره: 61/2) حق جي انڪارين ۽ ڪافرن لاءِ هيءَ دنيا جي طبعي زندگي نهايت خوبصورت، خوشنما ۽ دلربا بڻائي وئي آهي، (آل عمران: 14/3) هو انهي عيش و عشرت ۽ لهو ولعب واري زندگي جائي خواهشمند آهن.

بابر بعيش کوش کہ عالم دوبارہ نیست

بابر! عيش عشرت ڪري وٺ، ڇو ته وري ٻيهر عالَم اچڻ وارو ناهي.

هو مسلمانن جي موجوده بي سرو ساماني ۽ ڪم مائگي جو مذاق ڪن ٿا. چون ٿا ته جيڪڏهن الله اسان جي روش کان ناراض هجي ته پوءِ هو اسان کي خوشحالي ڇو ٿو ڏئي. جيڪڏهن مسلمان حق تي هجن ها ته پوءِ خدا ڪين محتاج ۽ مسڪين ڇو بنايو آهي. هي هتي جي فاني زندگيءَ کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا. (آل عمران: 14/3) ڪين معلوم هئڻ گهرجي ته متقي ۽ پرهيزگار مؤمن مسلمان قيامت جي ڏينهن هنن کان بلند بالا مقام تي هوندا ۽ هنن عقل جي انڌن کي اها به خبر ناهي ته هو اڄ جن کي سڃو ۽ تنگ دست ڏسي رهيا آهن، سي الله جي فضل و ڪرم سان خوشحال ۽ مالا مال ٿي سگهن ٿا ۽ الله تعالیٰ ڪين انهن نعمتن سان بهره ور ڪري سگهي ٿو ۽ دنيا جي زينت ۽ خوشحالي عنايت ڪري سگهي ٿو. (الاعراف: : 32/7) ڇو ته رزق جا خزانا الله وٽ ئي آهن ۽ هو جنهن کي پنهنجي مشيت سان چاهي ته بي حساب مال و دولت عطا ڪري. (آل عمران: : 27/3)

كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۫ فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۪
وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ
وَمَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ
بَغْيًا بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ
وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۱۳﴾

شروع ۾ سمورا انسان هڪ امت (دين) تي هيا. پوءِ جڏهن هنن ۾ اختلاف ٿي ويا) تہ الله (چڱن ڪمن جي) بشارت ڏيندڙ ۽ (برن ڪمن جي نتيجن کان) ڊيڄاريندڙ پيغمبرن کي موڪليو ۽ انهن سان گڏ حق تي موجود ڪتاب نازل ڪيو تہ جيئن ماڻهن ۾ انهن معاملن جو فيصلو ڪن، جن ۾ هو پاڻ ۾ اختلاف رکن ٿا ۽ هنن ۾ اختلاف بہ انهن ماڻهن ئي ڪيو، جن کي اهو ڪتاب عطا ڪيو ويو هو، حالانڪ هنن وٽ چٽيون نشانيون اچي چڪيون هيون، پر (هنن هي اختلاف بہ) هڪ ٻئي سان بغض ۽ حسد سبب ڪيو. پوءِ الله ايمان وارن کي پنهنجي حڪم سان حق واري راهہ ڏيکاري، جنهن ۾ هو اختلاف ڪندا هيا ۽ الله جنهن کي گهري ٿو، سڌي رستي تي هلائي ٿو. (213)

قومن جي هدايت ۽ گمراهي عروج ۽ زوال جو داستان بني اسرائيل تائين محدود ناهي، پر پوري تاريخ انساني جو هر باب انهي ڪارگذاري جو آئينه دار آهي. انساني زندگيءَ جو ابتدائي دور تمدني زندگيءَ کان ناآشنا هيو. قدرتي پيداوار تي گذر سفر ڪندو هيو، جيڪو فراوانيءَ سان ميسر هيو ۽ باهمي مفادات ۾ ڪو ٽڪراءُ نہ هيو. (البقره: 36/2) پر بعد ۾ اختلاف جنم وٺڻ لڳا. (يونس: 19/10) جيڪي انسانن جا پاڻ ۾ حل ڪرڻ مشڪل هئا، ان ڪري الله تعالىٰ انبياء کي وحي ڏئي موڪليو تہ قومن کي حق ۽ سچ جي راهہ

ڏيکارين. انساني هدايت جو سلسلو بہ اوترو ئي قديم آهي، جيتري انسان ذات جي تاريخ آهي. ابتدا ۾ ائين هيو تہ سمورا ماڻهو هڪ امت يا جماعت هئا ۽ مختلف خيالن گروهن ۽ مفادن ۾ ونڊيل ڪو نہ هئا پر پوءِ باهمي اختلاف ڪري جدا جدا گروهن ۽ ٽولن ۾ تقسيم ٿي ويا. (البقره: 36/2، يونس: 19/10، النحل: 92/16، الحديد: 25/57) پوءِ الله هڪ ٻئي پٺيان انبياء عليهم السلام ڪي موڪليو، جيڪي چڱن ڪمن جي سٺن نتيجن جي خوشخبري ۽ برن ڪمن جي برن نتيجن جو انتباهہ ڪندا رهيا ۽ انهن تي ڪتاب الٰهي بہ نازل ڪيا ويا تہ جيئن انهن ماڻهن ۾ پيدا ٿيل اختلافن جو فيصلو ڪن ۽ انهن مختلف گروهن کي اتحاد ۽ اتفاق جي مالها ۾ پوئي ڇڏين. (فاطر: 25/35) اهڙن واضح احڪامن جي موجودگي ۾ جيڪي کين خدائي ڪتابن ذريعي ڏنا ويا، هو انهن هدايتن باوجود پنهنجن ذاتي عناد ۽ بغض سبب ڇروڇڙ ٿي ويا. پوءِ بہ الله پنهنجي فضل و ڪرم سان ايمان وارن کي انهيءَ گروهي اختلافن کان بچائي حق ۽ هدايت جي راهہ جي رهنمائي ڪئي. الله جو قانون مشيت جنهن کي گهري تہ ان طالب حق کي دين ۽ ايمان جي سڌي رستي تي هلائي ڇڏي ٿو. هتان معلوم ٿيو تہ ابتدا ۾ انسان متحد، هم جماعت ۽ هم خيال هئا. پر جڏهن قبيلن ۽ قومن ۾ ورهائجي ذاتي مفادن جو شڪار ٿي اختلافن جي ور چڙهي ويا تہ پوءِ سندن هدايت لاءِ الله پنهنجن رسولن، نبين ۽ ڪتابن موڪلڻ جو سلسلو جاري رکيو جو خاتم الانبياء خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي اچي پورو ٿيو.

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَ لَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿٢١٤﴾

ڇا اوهان ائين سمجهو ٿا تہ (بنا آزمائڻ جي) اوهان جنتي زندگيءَ ۾ داخل ٿي ويندؤ، حالانڪہ اوهان تي اهي حالتون ۽ واقعا نہ گذريا آهن، جيڪي اوهان کان اڳ وارن تي آيا، انهن کي هر طرح جون سختيون ۽ تڪليفون پهتيون ۽ کين

**ايترو تہ لوڏيو ويو، جو خود پيغمبر ۽ ان جا ساٿي پڪارڻ لڳا تہ الله جي مدد ڪڏهن ايندي؟ اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ بيشڪ الله جي مدد قريب آهي. (214) (انهن آزمائشن سان گڏ مال جي قرباني بہ ڏيڻي پوندي).**

خدائي تعليم تہ نوع انسان کي انساني وحدت جي مضبوط اتحاد ۾ ڏسڻ گهري ٿي، مگر هن چڙواڳ ۽ شتر بي مهار قوم کي جيڪا پنهنجي ذاتي مفادن، عقيدن ۽ ريتن رسمن جي ڪري ٽولا ٽولا ٿي قبيلن ۾ تقسيم ٿي چڪي آهي، ان کي وحدت انساني جي پليٽ فارم تي يڪجاءِ ڪرڻ ڪو آسان عمل نہ آهي. ڇا اوهان ائين سمجهي رهيا آهيو تہ بس ايمان آڻڻ جي زباني اقرار ڪرڻ سان جنت ۾ داخل ٿي ويندا، اوهان تي تہ اجان اهي آزمائشون ئي نہ آيون آهن، جيڪي اوهان کان اڳ جي ماڻهن تي اچي چڪيون آهن. (آل عمران: 3/179-156-142) هنن کي سخت تڪليفن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو. هن آيت جو مفهوم آهي تہ دنيا ۾ فتني فساد کان بچڻ معاشري کي ظلم زيادتيءَ کان پاڪ ڪرڻ ۽ آخرت جي ڪامل فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي مشڪلاتن، مصيبتن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. هو انهن هولناڪ آزمائش جي ڪري متزلزل ٿي ويا، ايتريقدر جو الله جو رسول ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارا پڪارڻ لڳا تہ الله جي نصرت ۽ مدد ڪڏهن اچڻ واري آهي؟ تہ ان آزمائش جي گهڙين دوران خدا جي نصرت، تائيد ۽ توفيق ڪين دستڪ ڏيندي وڏي واڪ چيو تہ گهبرائڻ جي گهرج ناهي الله جي نصرت اوهان جي بلڪل قريب ۽ ساٿ آهي. ابتداءِ اسلام ۾ مسلمانن کي بہ جڏهن سخت کان سخت ترين امتحانن ۽ آزمائش مان گذرڻو پيو تہ مسلمانن کي تسلي ۽ تشفي ڏيڻ لاءِ الله پاران هن آيت ڪريمہ جو نزول ٿيو ۽ خود نبي اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ ڪين ٻڌايو تہ اوهان کان اڳ (حق پرست) ماڻهن کي مٽي کان پيرن تائين آريءَ سان چيريو ويو ۽ لوهہ جي ڦڻي سان سندن گوشت پوست کي اديڙيو ويو، پر پوءِ بہ اهي ظلم و ستم انهن کي دين کان ڦيرائي نہ سگهيا ۽ وڌيڪ فرمايو تہ الله جو قسم! خداوند ڪريم هن دين جي معاملي کي مڪمل ۽ غالب ڪندو، ايتري قدر جو هڪ سوار صنعاء کان حضر موت تائين اڪيلو سفر ڪندو ۽ هن کي الله کانسواءِ ڪنهن جو ڊپ ڊاءُ نہ هوندو هو. (صحيح بخاري) (آل عمران: 3/ 186-179-142، التوبه: 16/9، العنڪبوت: 29/4-2، الاحزاب: 10/33)

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ
وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ
عَلِيْمٌ ﴿۲۱۵﴾ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ
خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ
لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۱۶﴾ ع ۲۶ ع ۱۰

(ان ڪري) توڪان معلوم ڪن ٿا تہ ڀلا الله جي راھہ ۾ ڇا خرچ ڪريون؟ ڪين چؤ تہ جيترو بہ مال خرچ ڪيو تہ اھو (سڀ کان اول) پنھنجي والدين تي ۽ قريبي رشتيدارن تي ۽ يتيمن تي ۽ ضرورتمندن تي ۽ مسافرن تي (خرچ ڪريو) ۽ جيڪا بہ نيڪي اوھان ڪيو ٿا تہ الله ان کان واقف آھي. (مال سان گڏ جان جا نذرانا بہ ڏيڻا پوندا) (215) (فتني فساد کي ختم ڪرڻ ۽ جنتي زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ) اوھان تي قتال (جھادِ جنگ) فرض ڪئي وئي آھي، جيڪا شايد اوھان کي مشڪل لڳي، حالانڪ اوھان جنھن شيءِ کي پاڻ لاءِ برو سمجھو، اھا اوھان لاءِ بھتر ھجي ۽ اھو بہ ممڪن آھي تہ جنھن شيءِ کي اوھان پسند ڪريو ۽ اھا (حقيقت ۾) اوھان لاءِ خراب ھجي (ان ڪري الله جي فيصلي کي دل و جان سان قبول ڪريو) الله کي ھر شيءِ جو علم آھي ۽ اوھان بي خبر آھيو.(216)

راھہ حق ۾ ثابت قدم رھڻ، مشڪلاتن ۽ مصيبتن جو مردانہ وار مقابلو ڪرڻ سان گڏ مالي قرباني جو بہ حڪم آھي. اي رسول خَاتَمَ النَّبِيِّيْنَ ﷺ! تنھنجا ساٿي توکان پڇن ٿا تہ راھہ خدا ۾ خيرات لاءِ ڇا خرچ ڪري سگھون ٿا، انھن کي ٻڌاءِ تہ اوھان خيرات ۾ جو ڪجھہ خرچ ڪرڻ گھرو ٿا اھو پنھنجي معاشري جي قريبي دائري ۾ شروع ڪيو، جنھن ۾ سڀ

ڪان وڌيڪ حقدار اوهان جا والدين آهن، قريبي رشتيدار آهن، يتيم ۽ بيوه اهم آهن، مسڪين ۽ حاجتمند مسافر آهن. ياد رکو ته اوهان جيڪو ڪجهه نيڪ نيتيءَ سان خيرات ۽ ڀلائي جو ڪم ڪندا ته اهو الله عليم کان ڳجهو رهي نه سگهندو جو بي سود ۽ بيڪار وڃي. الله اوهان جي هر عمل کان پوري طرح آگاهه آهي. هتي ان غلط فهمي جو ازالو ڪيو ويو آهي، جنهن موجب ماڻهو سمجهندا هئا ته نفلي خيرات قريبي رشتيدارن کي نٿي ڏئي سگهجي ۽ اها رڳو غيرن لاءِ مخصوص آهي. پر اسلام ڇوي ٿو پهريائين پنهنجو گهر، عزيز اقربا، پاڙيسريءَ جو خيال ڪريو ۽ بعد ۾ ان جي دائري کي وسيع ڪري قوم، ملڪ ۽ رياست تائين پهچايو، جنهن جي آخري حد اها آهي ته "يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ قُلِ الْعَفْوَ" تنهنجا ساٿي توکا پڇن ٿا ته خدا جي راهه ۾ ڪيترو ڪيترو مال خيرات ڪريون، تون انهن کي ٻڌاءِ ته جيڪو به اوهان جي ضرورت کان زياده آهي، اهو الله جي راهه ۾ قربان ڪري ڇڏيو. (البقره: 177/2، آل عمران:3/133-134، 117، النساءِ: 8/4)

مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي مقابلي ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪرڻ ۾ مالي قرباني ڏيڻ جي ترغيب بعد جان جي قربانيءَ جو بيان آهي ته مسلمانو! اوهان تي جهاد فرض ڪيو ويو آهي ۽ اهو اوهان کي ڇڱو نٿو لڳي، پر ائين به آهي ته جنهن شيءِ بابت اوهان سوچيو ٿا ته بري آهي، پر حقيقت ۾ اها اوهان جي لاءِ خيرو برڪت واري هجي، جنهن جا نتيجا اوهان جي لاءِ فائديمند هجن ۽ ائين به ممڪن آهي ته ڪا شيءِ بظاهر اوهان کي پسند هجي، پر دراصل اها اوهان لاءِ بري هجي جيڪا اوهان جي آزار ۽ تڪيلف جو باعث بڻجي. جڏهن اوهان پنهنجو ڀلو سمجهي نٿا سگهو ته پوءِ ان جو فيصلو الله تي ڇڏي ڏيو، ڇو ته هو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ اوهان کي ڪا خبر ناهي.

ڪارسازِ ما بفکرِ کار ما
کار ما در فکر ما آزار ما

اسان جو ڪارساز (الله) اسان جي فڪر ۾ آهي ۽ اسان جو فڪر اسان جي لاءِ آزار آهي.

جهاد ۾ بظاهر جان جو جوکو نظر اچي ٿو، پر حقيقت ۾ توحيد ۽ وحدت انساني کي شرڪ، فتني، فساد ۽ جنگ و جدل کان پاڪ ڪرڻ لاءِ اهڙو اقدام ضروري آهي، جهڙو جسم جي ڪنهن ناقص ۽ نقصان ڏيندڙ حصي يا عضوي لاءِ سرجري جي ضرورت هوندي

آهي. جيڪڏهن ان ناقص عضوي جو آپريشن نه ڪبو ته پوءِ سارو جسم عذاب ۾ هوندو. اهڙيءَ طرح نوع انساني کي فتني، فساد، شر ۽ ايذاءَ کان بچائڻ لاءِ جهاد جي ضرورت آهي. پاڪ ڪريم خاتم النبيين ﷺ جن جو ارشاد آهي: ”اَلْجِهَادُ مَاضٍ اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ“ قيامت تائين اهڙي جماعت جو هجڻ ضروري آهي، جيڪا جهاد جاري رکي. جنگ کان پنتي ويهندڙ ۽ مجاهد برابر نه آهن، الله مجاهدن کي انهن تي فضيلت ڏني آهي. (النساء: 95/4)

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو. (شاهه لطيف رحمة الله عليه)

***

سپردم بتو مايهٔ خويش را
تو داني حساب کم و بيش را (سعدي رحمة الله عليه)

مون پنهنجو سڀ ڪجهه تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، ڇو ته توکي ئي هر شيءِ جي نفعي نقصان جي ڄاڻ آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ؕ وَلَا يَزَالُوْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢١٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢١٨﴾

(جنگ فرض آهي تہ پوءِ) توکان پڇن ٿا تہ حرمت واري مهيني ۾ جنگ لاءِ
ڪهڙو حڪم آهي؟ ڪين چئو ان (حرمت واري مهيني) ۾ قتال (جنگ) وڏو
گناهہ آهي، پر الله جي رستي تان روڪڻ ۽ ان سان ڪفر ڪرڻ ۽ مسجد حرام
(بيت الله) کان روڪڻ ۽ اتان جي رهائش پذير ماڻهن کي اتان نيڪالي ڏيڻ الله
وٽ ان کان بہ وڏو ڏوهہ آهي ۽ هي فتنہ انگيزي قتل ۽ خون کان بہ وڌيڪ(خراب)
آهي. هي ڪافر توسان هميشه جنگ جاري رکندا جيستائين ڪين ايتري طاقت
(غلبو) حاصل ٿي وڃي، جو هو اوهان کي پنهنجي سچي دين تان ڦيري سگهن،
پوءِ جيڪڏهن (خدانخواستہ) اوهان مان ڪوبہ ماڻهو پنهنجي (سچي) دين کان
ڦري وڃي ۽ ڪافر جو موت مري وڃي تہ اهڙن (بدبخت) ماڻهن جا اعمال دنيا ۽
آخرت ۾ برباد ٿي وڃن ٿا. اهي ماڻهو ئي جهنمي آهن ۽ ان ۾ هميشہ رهندا.
(217) بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جن الله جي (دين) لاءِ وطن ڇڏيو ۽ الله
جي راهہ ۾ جهاد ڪيو، اهي ماڻهو ئي الله جي رحمت جا اميدوار آهن ۽ الله وڏو
بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشه مهربان آهي. (218)

---

(اي پيارا حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم) هي ڪافر ماڻهو توکان پڇن ٿا تہ حرمت واري مهيني ۾ لڙائي ڪرڻ بابت ڇا حڪم آهي، تون هنن کي ٻڌاءِ تہ حرمت واري مهيني ۾ جنگ ڪرڻ وڏو گناهہ آهي، پر ياد رکو تہ ڪنهن کي الله جي رستي تي هلڻ کان روڪڻ ۽ ان لاءِ الله جي عبادت جا دروازا بند ڪرڻ ۽ الله تي ايمان رکڻ جو انڪاري هجڻ ۽ مسجد حرام ۾ اچڻ نہ ڏيڻ ۽ مڪي وارن کي اتان نيڪالي ڏيڻ الله وٽ ان کان وڌيڪ برائيءَ وارو ڪم آهي ۽ امن جي شهر ۾ فتنو فساد پيدا ڪرڻ الله وٽ خون ريزي کان بہ وڏو ڏوهہ آهي. هي ڪافر هنن سڀني برن ڪمن جا مرتڪب آهن، جيڪي حرمت واري مهيني ۾ جنگ کان بہ وڌيڪ برا ۽ بڇڙا ڪم آهن. اهي ڪافر اوهان مؤمن مسلمانن سان هميشه وڙهندا رهندا، جيستائين اوهان کي اوهان جي سچي دين اسلام کان مرتد نہ ڪن. ياد رکو تہ اسلام قبول

ڪرڻ کان پوءِ جيڪو بہ اسلام کان ڦري مرتد ٿي ويو ۽ انهي مرتد جي حالت ۾ مري ويو تہ هن جا ڪيل سمورا چڱا عمل بہ دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ناس ٿي ويندا. (المائده: 54/5، 53) هو دوزخي ٿولو آهي ۽ دوزخ ئي هنن جو هميشه لاءِ ٺڪاڻو آهي. ياد رهي تہ جهڙي طرح اسلام قبول ڪرڻ سان اڳيان سمورا ڏوهہ معاف ٿي وڃن ٿا تہ اهڙي طرح اسلام کان ڦري وڃڻ ۽ مرتد ٿيڻ سان اسلام ۾ ڪيل سڀ چڱا عمل بہ ضايع ٿي وڃن ٿا. حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ بَدَّلَ دِيۡنًا فَاقۡتُلُوۡهُ" (صحيح بخاري) جيڪو دين اسلام کان ڦري مرتد ٿي وڃي تہ ان کي قتل ڪيو وڃي. (النحل: 106/16) پر جيڪڏهن وري توبه تائب ٿي دل جي صداقت سان ايمان آڻي ٿو ۽ اسلام جي راهہ اختيار ڪري ٿو تہ الله مهربان آهي. اڳئين ڪيل ڪمائي جو اجر بہ ان کي عطا ڪري ٿو ۽ ڪيس سندس ننڍين وڏن گناهن جي تباهہ ڪُن اثر کان محفوظ رکي ٿو. (النجم: 32/53) بشرطيڪ هو ايمان تي قائم رهي ۽ هن جو ايمان تي خاتمو ٿئي. (البقره: 2/ 132، الانفال: 75/8)

هن آيت ڪريمہ جي پس منظر ۾ تفسيرن ۾ آيو آهي تہ رجب مهيني جي شروع يا آخر ۾ نخله جي مقام تي قريش جي نقل و حرڪت تي نظر رکڻ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن 8 سپاهين جو هڪ دستو مقرر ڪيو هو. ڪين سختيءَ سان جنگ ڪرڻ کان بہ روڪيو هو. اتفاق سان هنن جو هڪ تجارتي قافلي سان مقابلو ٿي پيو ۽ ان ۾ هڪ ڪافر مري ويو ۽ ڪجهہ قيدي ٿيا ۽ سندن مال، مال غنيمت بڻيو، جنهن کي حضور ﷺ پسند نہ ڪيو ۽ مال بہ موٽائي ڏنو ۽ قيدي بہ آزاد ڪيا ۽ رجب جو احترام نہ ڪرڻ ۾ ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو، پر جيئن تہ مسلمان دستي کي رجب جو پڪو پتو نہ هيو، ان ڪري سندن اجتماعي غلطي کي معاف ڪيو ويو ۽ ڪافرن هن واقعي تي واويلا ڪرڻ شروع ڪيو ۽ نبي ڪريم ﷺ کان سوال ڪيو تہ مسلمانن جو اهو فعل ڇا سمجهجي، جنهن جو جواب مذڪوره آيت ۾ آيو آهي. پر معلوم هئڻ گهرجي تہ جيڪي مؤمن ايمان جي دولت سان مشرف ٿيا آهن ۽ جن الله جي دين خاطر پنهنجا گهر بار ڇڏيا آهن ۽ جهاد ڪيو آهي اهي الله جي رحمت جا جائز اميدوار ۽ حقدار آهن. الله انهن جي خطائن کي معاف ڪرڻ وارو ۽ پنهنجي رحمت سان مالا مال ڪرڻ وارو آهي. (النجم: 32/53) جهاد ۽ قتال ۾ اهو فرق آهي تہ قتال جنگ يا لڙائي کي چئبو آهي پر جهاد ۾ هر قسم جي جدوجهد شامل آهي،

جهاد اڪبر پنهنجي نفس اماره سان جنگ ۽ جهاد اصغر دين خاطر جان قربان ڪرڻ جو نالو آهي. برائين خلاف جدوجهد بہ جهاد آهي تہ چڱن ڪمن ڪي اجاگر ڪرڻ بہ جهاد آهي. "جَاهِدُوْا اَهْوَآئَكُمْ كَمَا تُجَاهِدُوْنَ اَعْوَآئَكُمْ" پنهنجي نفساني خواهشن خلاف اهڙيءَ طرح لڙو، جهڙيءَ طرح پنهنجن دشمنن سان لڙو ٿا. حضور ﷺ فرمايو: "اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَشْهَدُوْا اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ فَاِذَا قَالُوْهَا عَصَمُوْا مِنِّيْ دِمَآءَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ اِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَى اللّٰهِ" (صحيح بخاري) مون ڪي الله جو حڪم آهي تہ آءٌ تيستائين ڪافرن سان جنگ ڪيان جيستائين هو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ نٿا چون، پر جڏهن ائين چون تہ پوءِ هنن پنهنجي جان مال بچائي ورتي "اِذَا قَالُوْهَا بِحَقِّهَا" وڌيڪ حساب الله وٽ آهي. وري توبه تائب ٿي جي دل جي صداقت سان ايمان آڻي ٿو ۽ اسلام جي راهہ اختيار ڪري ٿو تہ الله مهربان آهي. (الانفال: 75/8)

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ۙ﴿۲۱۹﴾ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۲۰﴾

(وطن ڇڏڻ ۽ جهاد ڪرڻ جهڙن حڪمن بعد انساني عقل ڪي ناڪاره ڪرڻ، يا تن آساني ۽ سستيءَ تي مائل ڪرڻ، ان ڪان روڪڻ لاءِ) هو توکان شراب ۽ جوا بابت پڇن ٿا. ڪين چؤ تہ انهن ٻنهي ۾ وڏو گناهہ آهي، ماڻهن لاءِ ڪجهہ دنياوي فائدا بہ آهن، پر انهن ٻنهي جو گناهہ سندن فائدي ڪان وڏو آهي ۽ هو پڇن ٿا تہ

**ڇا خرچ ڪريون؟ ڪين چئو ته ضرورت کان زياده (خرچ ڪريو) اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجا احڪام کولي کولي بيان ڪري ٿو ته جيئن اوهان غور و فڪر ڪريو. (219) (اوهان جو اهو غور و فڪر) دنيا ۽ آخرت جي معاملن تي هجي. دنياوي معاملن ۾ هو توکان يتيمن (سان سلوڪ) ڪرڻ جي باري ۾ معلوم ڪن ٿا. ڪين چئو ته انهن جي اصلاح ڪارِ خير آهي، پر جيڪڏهن انهن (يتيمن جو نان نفقه ۽ ڪاروبار) پاڻ سان گڏائي رکو ته به هو اوهان جا ڀائر آهن. الله ڀلائي ڪرڻ واري کي ۽ برائي ڪرڻ واري کان ڄاڻ رکي ٿو. الله گهري ها ته اوهان کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏي ها، بيشڪ الله هر شيءِ تي غالب ۽ حڪمت وارو آهي. (220)**

جهاد ۽ جنگ دوران تي سوال خاص اهميت ڪري ويا ته شراب پيئڻ سان سپاهيءَ ۾ وڏيڪ قوت ۽ حوصلو پيدا ٿئي ٿو، جوا ۾ به وڏيڪ مال ملي وڃي ٿو ۽ يتيمن جي مال ملڪيت جي سار سنڀال ۽ خرچ پڪي جو ڇا ڪجي. ان لاءِ نصيحت آئي ته اي پيغمبر ﷺ هي توکان شراب ۽ جوا جي باري ۾ پڇن ٿا، ڪين ٻڌاءِ ته انهن ٻنهي ۾ نقصان تمام گهڻو آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”لَا يَزْنِي الزَّانِيْ حِيْنَ يَزْنِيْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ وَلَا يَشْرِبُ الْخَمْرَ حِيْنَ يَشْرِبُهَا وَهُوَ مُؤْمِنٌ وَلَا يَسْرِقُ السَّارِقُ حِيْنَ سَرِقَ وَهُوَ مُؤْمِنٌ“ جيڪو ماڻهو زنا ڪري ٿو شراب پئي ٿو چوري ڪري ٿو ته ان وقت اهو مؤمن نٿو رهي. انهن مان ڪجهه فائدو به ملي ٿو، پر انهن جو نقصان سندن فائدي کان تمام گهڻو آهي. (النساء: 43/4، المائده: 5/91-90) شراب ۽ جوا جي ممانعت هنن ٽن آيتن ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪئي وئي آهي.

سورة البقره ۾ ٻڌايو ويو آهي ته شراب ۾ نقصان زياده، فائدو گهٽ آهي. سورة النساءِ ۾ چيو ويو ته جڏهن ”سُڪارا“ يعني نشي جي حالت ۾ هجو ته نماز نه پڙهو. ان ڪري ماڻهو نماز جي وقت کان گهڻو اڳ يا پوءِ شراب پيئندا هيا، پر جڏهن سورة المائده ۾ شراب جي حرمت جو حڪم آيو، ته پوءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو ته هاڻي شراب نه ته پاڻ پي سگهو ٿا، نه ئي ورِي ٻئي کي ڏئي سگهو ٿا. اهو حڪم ٻڌي مسلمانن شراب گهٽين ۾

هاري ڇڏيو، ايتريقدر جو گهٽيون شراب سان وهڻ لڳيون. حديث ۾ آهي تہ جيڪو شخص الله ۽ آخرت تي ايمان رکي ٿو، اهو ان دعوت ۾ نہ وڃي، جتي شراب هجي. حضوراڪرم ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو روڪڻ جي باوجود شراب پيئي، تہ ان سان جنگ ڪريو. هڪ حديث شريف ۾ نبي اڪرم ﷺ جو فرمان مبارڪ آهي: "لَعَنَ اللّٰهُ الْخَمْرَ وَ شَارِبَهَا وَ سَاقِيَهَا وَ بَائِعَهَا وَ مُبْتَاعَهَا وَ عَاصِرَهَا وَ مُعْتَصِرَهَا وَ حَامِلَهَا وَالْمَحْمُوْلَةُ اِلَيْهِ" (بروايت ابن عمر رضي الله عنه) الله لعنت ڪئي آهي شراب تي، پيئڻ واري تي، پيارڻ واري تي، وڪڻڻ واري تي، خريد ڪرڻ واري تي، ناهڻ واري تي، نهرائڻ واري تي، ڪڍي ويندڙ تي ۽ جنهن لاءِ ڪڍي وڃي ٿو. "كُلُّ مُسْكِرٍ خَمْرٌ وَ كُلُّ خَمْرٍ حَرَامٌ" هر شيءِ، جيڪا نشو ڏئي، اها خمر آهي ۽ حرام آهي. (وڌيڪ ڏسو: تفهيم القرآن، سيد ابوالاعلىٰ مودودي رحمه الله، سورة المائده: 5/90-91) انسان دين ۽ دنيا جي فائدن ۽ نقصان ۾ صحيح توازن رکڻ ۾ غفلت ڪن ٿا. يا تہ دين ۾ رهبانيت طرف هليا ٿا وڃن ۽ جهاد ۽ جنگ کي خلافِ تقوىٰ سمجهن ٿا، يا ٿورا فائدا يا ٿورو منافعو ڏسي، شراب ۽ جوا کي بہ غيرضرر سمجهن ٿا. قرآن فڪر انساني جي تربيت ڪري، ڪيس ٻنهي ۾ توازن اختيار ڪرڻ گهري ٿو تہ معمولي نفعن ڏي وڃي، وڏو خسارو نہ ڪري ۽ نہ وري جائز ۽ لازم شين کان بہ احتراز ڪري.

هي تنهنجا ساٿي توکان پڇن ٿا تہ الله جي راهہ ۾ ڪيترو خرچ ڪرڻ گهرجي. هنن کي ٻڌاءِ تہ جيڪو ڪجهہ اوهان جي معاشي ضرورتن کان زياده هجي. عام حالتن ۾ هي تاديبي حڪم آهي پر حالت جنگ ۾ رياست جي شديد ضرورتن کي پورو ڪرڻ يا معاشي ڏڪار ۽ بدحالي ۾ عوام الناس لاءِ خرچ ڪرڻ ضروري حڪم هوندو. ياد رکو تہ الله اهڙا حڪم صادر فرمائي اوهان تي پنهنجن حڪمت ڀريل نشانين کي واضح ڪري ٿو تاڪہ اوهان دنيا ۽ آخرت جي اجتماعي پلاين تي غور و فڪر ڪري صحيح راهہ اختيار ڪريو. انهي جنگ و جدال يا جهاد في سبيل الله جي نتيجي ۾ بي يارومددگار ۽ يتيم بہ اچي وڃن ٿا.

ماڻهو توکان انهن يتيمن ۽ بيواهہ جي سلسلي بابت معلوم ڪن ٿا. ڪين ٻڌائي ڇڏ تہ جنهن بہ شيءِ ۾ انهن جي اصلاح ۽ بهتري هجي، اها ئي بهتر آهي. جيڪڏهن اوهان هنن سان گڏجي رهو ۽ پنهنجن ڪٽنب ۾ شامل ڪريو تہ هي بہ اوهان جا ڀائر آهن ۽ ڌاريا نہ آهن. الله کي پوري پوري ڄاڻ آهي تہ ڪير اصلاح ۽ نيڪ نيتي جي ارادي سان ڪري رهيو

آهي ۽ ڪير خرابي جي خيال سان ڪري ٿو. جيڪڏهن اوهان جي نيت صاف آهي ۽ يتيم جي اصلاح ۽ ڀلائي مطلوب آهي تہ اوهان ڪي يتيمن جي مال ۽ حال جي ذميداري قبول ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي. جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي تہ اوهان ڪي يتيمن جي باري ۾ سخت احڪام ڏئي مشڪلات ۾ وجهي ڇڏي ها، پر هن اوهان لاءِ آساني پيدا ڪئي. (البقره: 2/ 185) ڇو تہ يتيمن جو معاملو نهايت نازڪ مسئلو آهي. بلاشڪ الله سخت حڪمن جي طاقت رکندڙ ۽ نرم ۽ مناسب حڪمن جي حڪمت ۽ نتيجن کان خبر رکڻ وارو آهي.(البقره: 2/ 220-90-16-15-14، النساءِ: 36/4 ڪان 39، 10-6، بني اسرائيل: 34/17، الدهر: 9/76-8، الفجر: 89/19-18-17، البلد: 90/16-15-14، الماعون: 107/3-2)

وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ۭ وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ۭ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ۭ اُولٰۗىِٕكَ يَدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ښ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ۝٢٢١ ع

٢٧ ع ٥ ١١

(دنيا ۽ آخرت جي غور و فڪر ۾ جنتي زندگيءَ لاءِ معاشرتي زندگيءَ جو هم خيالي هجڻ لازم آهي، ان ڪري) اوهان مشرڪ عورتن سان تيستائين نڪاح نہ ڪريو، جيستائين اهي مسلمان نٿيون ٿين ۽ هڪ مؤمن ٻانهي، آزاد مشرڪ عورت کان بهتر آهي توڙي ڪٿي اها (مشرڪ عورت) توکي وڻندي هجي (اهڙيءَ طرح) هڪ مؤمن غلام بهتر آهي آزاد مشرڪ کان، توڙي ڪٿي اهو توکي پسند هجي (ڇوتہ اهي مشرڪ) دوزخ جي باهہ ڏانهن سڏين ٿا ۽ الله پنهنجي حڪم سان جنت ۽ مغفرت ڏانهن سڏي ٿو ۽ پنهنجون آيتون ماڻهن لاءِ کولي بيان ڪري ٿو تہ جيئن اهي (ان مان) نصيحت حاصل ڪن. (221)

زال مڙس جو نڪاح ڪري ازدواجي زندگي گڏجي گذارڻ ۾ رڳو جنسي تعلقات قائم ڪرڻ مقصود نہ آهي، پر گهرو تمدني، اخلاقي ۽ قلبي تعلق بہ آهي، ان ڪري گهر اسلامي معاشري جي بنيادي تربيت گاهہ جي اڪائي آهي، جتي ٻنهي جو هم عقيده ۽ هم خيال هجڻ، گهر جي سڪون ۽ ايندڙ نسل جي صحيح تربيت ۽ نشونما لاءِ نهايت ضروري آهي. ان ڪري اسلام عربن ۾ ان وقت موجود مروجه روايت جنهن ۾ ڪافر مسلمان عورتن ۽ مسلمان ڪافر عورتن سان شاديون ڪندا هئا ڪان روڪڻ لاءِ چيو تہ مشرڪ عورتن سان نڪاح نہ ڪريو، جيستائين هو ايمان نٿيون آڻين. ان ڪان تہ غلام ٻانهي عورت ڀلي آهي توڙي ڪٽي مشرڪ عورت مال دولت حسن جمال يا اعلىٰ نسب ۽ خاندان جي ڪري وڌيڪ سٺي لڳندي هجي. اهڙي طرح مسلمان عورتن جو مشرڪ مردن سان نڪاح نہ ڪريو، جيستائين هو مشرڪ بہ مسلمان نٿا ٿين. هڪ مسلمان غلام ان مشرڪ ڪان گهٽو سٺو آهي توڙي جو مشرڪ اوهان کي وڌيڪ وڻندڙ لڳي. ڇو تہ مسلمان ۽ مشرڪ جي وچ ۾ عقيدي ۽ ايمان جو وڏو فرق آهي. سو بتن جي پوڄاري ۽ موحد جو هڪ گهر ۾ هم خيال ٿي رهڻ ممڪن ناهي. هي مشرڪ ۽ ڪافر پنهنجن غلط عقيدن ۽ خيالن سبب دوزخ طرف وٺي وڃڻ وارا آهن ۽ مؤمنن کي الله پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان جنت ۽ مغفرت جي دعوت ڏئي ٿو.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور

الفاظ و معانی میں تفاوت نہیں لیکن
مُلّا کی اذاں اور مجاہد کی اذاں اور (علامہ اقبال)

الله انسانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ پنهنجن حڪمن ۽ آيتن کي چٽيءَ طرح بيان ڪري ٿو تہ اوهان ان مان نصيحت حاصل ڪري پنهنجي زندگي، گهر ۽ معاشري کي امن ۽ سڪون جو مرڪز بڻائي سگهو. قرآن اهل ڪتاب عورت سان شادي جي اجازت ڏني آهي. (المائده: 5/5) پر اهل ڪتاب مشرڪ يا بت پرست نہ هجي ۽ توريت ۽ انجيل جي

تعليم موجب توحيد رسالت ۽ قيامت تي ايمان رکندڙ هجي. حضرت عمربن الخطاب ﷺ پنهنجي خداداد فراست ۽ بصيرت کان کم وٺندي اهل ڪتاب سان شادي ڪرڻ کان روڪيو ٿي، پر مک اصحاب حضرات جي مخالفت سبب تہ قرآن اجازت ڏني آهي، هن پنهنجو فيصلو معطّل رکيو، توڙي ڪٿي سندس سوچ حڪمت سان لبريز هئي.

سن 1971 ع ۾ الجزائر ۾ مسلمان عالمن هڪ ڪانفرنس ۾ قرارداد پاس ڪئي تہ ڪنهن بہ يهودي يا عيسائي اهل ڪتاب عورت سان مسلمان جي شادي ناجائز ۽ حرام آهي. ڪا بہ مسلمان عورت اهل ڪتاب مرد سان شادي ڪري نٿي سگهي. اڄ ڪلهہ جا يهودي ۽ عيسائي وحدانيت جاقائل نہ آهن. جيڪو شخص توحيد، آخرت، رسالت ۽ (وحي) قرآن جو مخالف هجي، اهو ڪافر آهي، توڙي ڪٿي پاڻ کي اهل ڪتاب سڏائي. حديث شريف ۾ آهي: "خَيْرُ مَتَاعِ الدُّنْيَا الْمَرْاَةُ الصَّالِحَةُ" دنيا جي بهترين موڙي صالح عورت (زال) آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ ماڻهو عورت سان چار شين جي ڪري شادي ڪندا آهن، مال، دولت، حسب نسب، حسن جمال، اوهان ديندار عورت جو انتخاب ڪريو. (صحيح بخاري)

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ؕ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِي الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾ نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ۪ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۫ وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۲۲۳﴾

(اهڙيءَ طرح ازدواجي زندگيءَ بابت) هو توکان عورتن جي ايامِ ماهواري بابت معلوم ڪن ٿا. ڪين چؤ تہ اها ناپاڪي (نجاست) آهي، سو اوهان حيض جي ڏينهن ۾ عورتن کان ڪناره ڪش رهو، جيستائين هو (حيض کان) پاڪ نٿيون ٿي وڃن، تيستائين هنن سان جنسي ميلاپ نہ ڪريو، پر جڏهن هو خوب پاڪ

ٿي وڃن تہ پوءِ جنهن رستي کان الله اوهان کي اجازت ڏني آهي، انهيءَ رستي کان هنن وٽ وڃو. بيشڪ الله توبه ڪندڙن ۽ پاڪيزگي اختيار ڪندڙن سان محبت رکي ٿو. (222) اوهان جون زالون اوهان لاءِ هڪ کيتي مثال آهن، پوءِ اوهان پنهنجي کيتيءَ ۾ جيئن دل گهري، اچو ۽ اڳتي جو سامان ڪيو. الله جو تقوىٰ اختيار ڪريو ۽ معلوم هجي تہ اوهان کي ان جي حضور ۾ پيش ٿيڻو آهي ۽ (اي حبيب خاتم النبيين ﷺ!) تو مؤمنن کي الله وٽ سندن سٺي پيشي جي خوشخبري ڏي.(223)

عورت سان نڪاح ڪرڻ بعد زال مڙس ۾ همبستري ۽ مجامعت جو مرحلو شروع ٿئي ٿو ان ڪري ماڻهو توکان حيض يا ماهواريءَ جي حالت ۾ عورت سان مجامعت (جماع) بابت معلوم ڪرڻ گهرن ٿا. انهن کي ٻڌاءِ تہ اهو گندگي ، ناپاڪي ۽ اذيت واري حالت يا وقت آهي. ان ڪري انهن ڏينهن ۾ عورتن سان همبستري يا مجامعت ڪرڻ کان الڳ رهو ۽ جنسي شهوت راني کان پرهيز ڪريو، جيستائين هو ماهواري کان آزاد ٿي پاڪ صاف نٿيون ٿين. تيستائين انهن جي همبستري (جماع) لاءِ ويجها بہ نہ وڃو. پر جڏهن هو ماهواريءَ مان نڪري پاڪ صاف ٿي وڃن تہ پوءِ جهڙي طرح الله اوهان کي فطري طرح عورت سان قربت ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي. اهڙي طرح انهن سان ميلاپ ڪيو. پر اهڙو ڪو بہ ڪم نہ ڪريو جو فطرت خلاف هجي. حديث شريف ۾ آهي: ”مَلْعُوْنٌ مَنْ اَتٰى اِمْرَاَةً فِيْ دُبُرِهَا“ عورت سان فرج (اڳ) بدران دبر (پٺ) واري طرف جماع ڪندڙ شخص لعنتي آهي. هر حالت ۾ فرج استعمال ڪريو. اهوئي انساني فطرت جو طريقو آهي ۽ هڪ امر طبعي آهي، جيڪو حيوانن ۽ هر ذي جاندار کي جبلي طور معلوم آهي. جيڪڏهن انسان اشرف المخلوقات ٿي ڪري، جانورن کان بہ هيٺ ڪري، غلط رستو اختيار ڪري ۽ فطرت سان منهن موڙي تہ اهو يقينًا قومِ لوط وانگر عذاب الاهي جو نشانو بڻبو. ماهواريءَ وارن ڏينهن ۾ عورت رڳو جماع لاءِ ناپاڪ آهي، باقي ان سان بوسہ پيار ڪرڻ، گڏ رهڻ کاڌو پيتو کائڻ منع نہ آهي. جهڙي طرح يهودين وٽ ماهواريءَ ۾ عورت کي نجس (پليت) چئي ان سان کائڻ پيئڻ، گهر ۾ گڏ رهڻ، چمي پاڪر ڪرڻ حرام هو. حديث شريف ۾ آهي: ”اَلْمُسْلِمُ

لَا يَنْجُسُ حَيًّا وَّ مَيِّتًا " (بخاري و مسلم) مسلمان نجس(پليت) نہ ٿيندو آهي. زندهہ هجي يا مئل.

الله انهن ماڻهن سان محبت ڪري ٿو، جيڪي بچڙن ڪمن کان توبه ڪندڙ يعني هن کان اڳ ڪا غلطي ٿي بہ آهي تہ ان کان باز ايندڙ ۽ پاڻ کي پليتي ۽ غلط ڪاري کان پاڪ صاف رکندڙ آهن. ازدواجي زندگي ۾ زال مڙس جو جسماني ميلاپ رڳو لذت ۽ عيش عشرت لاءِ نہ آهي پر اوهان جون زالون اوهان لاءِ زمين جي پوک وانگر آهن، پوءِ اوهان جهڙيءَ طرح بہ گهرو (آساني سمجهو) پنهنجي پوک لاءِ اچو. هت مرد ۽ عورت جو ڪيت ۽ آبادگار جو محاورو استعمال ڪري ٻڌايو ويو تہ سٺي فصل لاءِ سٺي زمين ۽ صحيح نموني جي ڪاشتڪاري، جنهن سان سٺي اپت حاصل ڪجي، ضروري آهي. ان لاءِ نيڪ ۽ صالح عورت ۽ زوجيت جي ادائگي وقت فطري طريقا اختيار ڪرڻ ئي لازم آهن ۽ پنهنجي نسل انساني جي افزائش جو اهتمام ڪريو، جنهن جي پيدائش لاءِ فقط هڪ ئي فطري طريقو آهي. خدا جي ٻڌايل طريقي کي ڇڏي غلط ڪاري ڪري پاڻ کي الله جي عذاب ۽ گرفت کان بچايو. قرآن ڪريم طبعي قانون جي فطري طريقي کي اختيار ڪرڻ بہ خدا جي حڪمت ڀري تعليمات جو درجو ڏنو آهي. (البقره: 282/2، المائده: 5/5-4، العلق: 5/96) اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ هڪ ڏينهن اوهان کي الله جي آڏو (حساب ڪتاب لاءِ) پيش ٿيڻو آهي. جيڪو ماڻهو پڪو پختو ايمان رکن ٿا، انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جي خوشخبري ۽ بشارت هجي.

ياد رهي تہ قرآن حڪيم شريعت جي هر حڪم لاءِ تقوىٰ اختيار ڪرڻ جو چيو آهي، چوتہ ڪنهن بہ قانون جي لک ڀيرا پيروي ڪئي وڃي، مگر ان ۾ تقوىٰ يعني نهايت خلوص، يقين ۽ الله جي رضا ۽ ناراضگيءَ جو پورو پورو ڌيان نہ هجي، تہ اهو قانون يا حڪم هڪ مذاق بڻجي ويندو.

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْا وَتَتَّقُوْا وَتُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٤﴾ لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَلٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿٢٢٥﴾

(ماڻهن سان نيڪي ڪرڻ، تقوىٰ اختيار ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ صلح ڪرائڻ، پنهنجن الله جي نانءَ تي ڪنيل قسمن ڪي) آڙ (بهانو) نہ بنايو. الله خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي. (224) الله اوهان جي لغو ۽ بي معنىٰ قسمن جو مواخذو ڪونہ ڪندو، پر اهڙن قسمن تي ضرور پڪڙ ڪندو، جيڪي دل جي ارادي سان ڪيل آهن. الله وڏو بخش ڪرڻ وارو ۽ نهايت بردبار آهي. (225)

ياد رکو تہ الله جي پاڪ نالي کي نيڪي جي ڪم ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي رکڻ جو بهانو نہ بڻايو. ائين نہ ٿئي تہ ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ، پرهيزگاري جي راهہ اختيار ڪرڻ يا ماڻهن جي درميان صلح صفائي ڪرائڻ لاءِ پنهنجي ڪنيل قسمن جي آڙ وني چڱا ڪم بہ نہ ڪريو ۽ اهو عذر پيش ڪيو تہ اسان انهن ڪمن نہ ڪرڻ جو قسم ڪنيو آهي. سو ڪو نہ ڪنداسون. اهڙا ڪوڙا قسم کڻي زالن کي طلاق جهڙي عذاب ۾ گرفتار ڪرڻ يا معاشري ۾ چڱائيءَ جا ڪم نہ ڪرڻ لاءِ حيلا بهانا بنائڻ جو مڪروه عمل نہ ڪريو، الله اوهان جي دلين جا ڳجها راز ڄاڻندڙ ۽ اوهان جي حيلن بهانن جي آڙ ۾ عذرن جي هر حرف کي ٻڌندڙ آهي. خدا اهڙن لغو ۽ بغير سوچي سمجهي قسم کڻڻ تي گرفت نٿو ڪري، پر انهن قسمن تي ضرور گرفت ڪري ٿو جيڪي سوچي سمجهي دل جي ارادي سان ڪيو. (المائده: 89/5) الله ذري ذري تي اظهار ناراضگي نٿو ڪري پر هو نهايت برد بار ۽ بخشش ڪرڻ وارو آهي. گهڻن ماڻهن جي عادت آهي تہ ذري ذري تي قسم کڻندا آهن، جيڪا ناپسند عادت آهي. اهڙن بي مطلب ۽ لغو قسمن جي ڪا وقعت نہ آهي. اهڙي عظمت ۽ جلال واري اسم گرامي ۽ صفت سڳوري جي بي تعظيمي ۽ بي ادبي شامل آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪو ڪم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان قسم ڪنيو آهي تہ ان کي پورو ڪري، خلاف ورزي درست ناهي. خلاف ورزيءَ ۾ ڪفارو ڏيڻو آهي. ڏهہ مسڪينن کي بہ وقت کاڌو کارائڻو آهي يا ڏهہ ماڻهن کي ڪپڙا پارائي. ايتري وسعت نہ هجي تہ پوءِ ٽي روزا رکي. ڪپڙو يا کاڌو ان مسڪين کي ڏجي، جيڪي زڪواة جا حقدار آهن. بي خبري واري قسم ۾ بہ گرفت نہ آهي. خير ۽ ڀلائيءَ جي ڪم نہ ڪرڻ لاءِ قسم کڻڻ جائز نہ آهي، پر جيڪڏهن اهڙو قسم ڪنيو آهي تہ ان کي ختم ڪبو ۽ ڪفارو ڏبو.

لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآىِٕهِمْ تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ
اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٢٦﴾ وَاِنْ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٢٧﴾
وَالْمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا
خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَبُعُوْلَتُهُنَّ
اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ؕ وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ
ع ٢٨/١٢ بِالْمَعْرُوْفِ ۠ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٢٨﴾ ع

اهي ماڻهو، جيڪي پنهنجين زالن سان (جنسي) تعلق نہ رکڻ جو قسم کڻن ٿا، انهن لاءِ چار مهينن جي مهلت آهي. پوءِ جيڪڏهن هو انهيءَ مدت ۾ رجوع ڪن ٿا تہ (ڪري سگهن ٿا) الله وڏو بخشڻهار آهي (226) پر جيڪڏهن هنن طلاق جو فيصلو ڪيو آهي تہ بيشڪ الله هر حقيقت کي ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو. (227) طلاق ورتل عورتون پاڻ کي ٽن ماهوارين (حيض) تائين (ٻئي نڪاح کان) روڪي رکن ۽ هنن لاءِ جائز نہ آهي تہ الله جيڪو سندن رِحم ۾ پيدا ڪيو آهي، ان کي مخفي رکن، جيڪڏهن هو الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون. انهيءَ عدت دوران سندن مڙسن کي پنهنجي زوجيت ۾ واپس وٺڻ جو وڏيڪ حق آهي، بشرطيڪ ارادو اصلاح جو هجي. دستور موجب عورتن کي بہ مردن تي اهڙا ئي حق آهن، جهڙا مردن کي عورتن تي. البتہ مردن کي عورتن تي مرتبو آهي. الله وڏي قوت وارو غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (228)

جيڪي مرد پنهنجن زالن سان ازدواجي تعلق نہ رکڻ جو قسم کڻن تہ انهن کي چئن مهينن جي مهلت آهي. عورت کي غير معينه مدت تائين معلّق (لٽڪيل) نہ ڇڏيو ويندو. جيڪڏهن هو انهيءَ عرصي دوران وري تعلقات قائم ڪرڻ گهري تہ الله رحمت

ڪرڻ وارو ۽ بخش ڪرڻ وارو آهي. ايلاءِ جي معنىٰ آهي قسم کڻڻ. جيڪڏهن ڪو مڙس قسم کڻي تہ هو پنهنجي زال وٽ هڪ مهينو بہ يا ٽي مهينا نہ ويندو، پر انهي مدت پوري ٿيڻ کان پوءِ تعلقات قائم ڪري ٿو تہ ڪفاري بنا رجوع ڪري سگهي ٿو، پر جي قسم واري مدت اندر رجوع ڪندو تہ هن کي قسم جو ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو. پر جيڪڏهن قسم ۾ چار مهينا يا ان کان مٿي جي حد مقرر ڪري ٿو يا ڪا بہ مدت مقرر نٿو ڪري تہ پوءِ هن آيت ڪريمہ جي روشني ۾ قسم کي چار مهينا گذرڻ بعد يا تہ رجوع ڪري يا طلاق ڏئي عورت کي چار مهينن کان وڌيڪ لٽڪائڻ يا گومگو جي حالت ۾ رکڻ جائز نہ آهي. جيڪڏهن چار مهينن بعد رجوع ڪندو ۽ زال مڙس وارا تعلق قائم ڪندو تہ ڪري سگهندو پر ڪيس قسم جو ڪفارو ادا ڪرڻو پوندو. وري نڪاح ڪونہ ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن طلاق ڏيندو تہ طلاق جاري ٿي ويندي، پر جي طلاق بہ نہ ڏيندو تہ پوءِ عدالت ڪيس رجوع ڪرڻ يا طلاق ڏيڻ لاءِ حڪم جاري ڪندي. (البقره: 229/2، المائده: 89/5، الاحزاب: 4/33، المجادله: 3/58، الطلاق: 10/65-9) پر جيڪڏهن پاڻ عقد نڪاح کي ختم ڪرڻ ۽ طلاق ڏيڻ جو فيصلو ڪريو تہ (هڪ طلاق يا ٻن طلاق ڏيڻ بعد) اهو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اها الله طرفان اجازت آهي جيڪو هر ڳالهہ ٻڌڻ وارو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو آهي. خدا کي معلوم آهي تہ جيڪڏهن تعلقات چڱي نموني نٿا رهي سگهن تہ پوءِ عليحدگي اختيار ڪرڻ ۾ ئي ڀلائي آهي.

طلاق ورتل عورتن لاءِ ضروري آهي تہ هو ٻئي نڪاح ڪرڻ کان اڳ ايترو عرصو انتظار ڪن جنهن ۾ ٽي ماهواريون گذري وڃن. ياد هجي تہ موجوده دور ۾ DNA ٽيسٽ ثابت ڪيو آهي تہ عورت مرد جي ميلاپ بعد جرثومہ ٽي مهينا رهي سگهن ٿا، پر جن کي حيض يا ماهواري نہ ايندي هجي تہ ان جي عدت ٽي مهينا آهي. (الطلاق: 4/65) پر جنهن جي طلاق همبستري (جماع) ٿيڻ کان اڳ ۾ ٿي هجي تہ ان جي ڪا بہ عدت نہ آهي. (الاحزاب: 49/33) جيڪڏهن ڪا عورت طلاق وقت حمل سان آهي تہ هن کي اهو ٻڌائڻ گهرجي. هنن لاءِ هرگز جائز نہ آهي تہ هو پنهنجي حاملہ هجڻ کي پردي يا راز ۾ رکن، جيڪڏهن هو الله تي پڪو ايمان رکڻ واريون ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃڻ واريون آهن تہ هنن هدايتن تي عمل پيرا ٿيڻ ۽ هن جي ذري ذري جي پابندي ڪرڻ لازم آهي. حمل جي

صورت ۾ عورت جي عدت ٻار جي پيدا ٿيڻ تائين آهي. (الطلاق: 6-7/65) انهيءَ عدت جي مدت دوران عورت ڪنهن سان نڪاح نٿي ڪري سگهي، پر سندس مڙس معاملي کي سلجهائڻ ۽ اصلاح ڪرڻ جي نيت سان انهيءَ ٻن طلاقن جي عدت واري مدت اندر ڪيس وري زال ڪري رکڻ ۾ وڌيڪ حقدار آهي. جو ته اصل مقصد ميلاپ آهي. عورت کي انڪار ڪرڻ جو حق ناهي، پر عدت گذرڻ بعد ٽين طلاق کان اڳ مڙس عورت سان وري نڪاح ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ عورت به راضي هجي. (النساء: 19/4)

ياد رکو ته عورتن جا مردن تي به اوترا ئي حق آهن، جيترا حق مردن جا عورتن تي آهن. عورتن لاءِ عدت جي پابندي آهي، پر مرد ان پابندي کان آزاد آهن ان ڪانسواءِ ٻي ڪا فوقيت ناهي. الله هر معاملي جي حڪمت کان پوري طرح واقف ۽ ان کي رائج ڪرڻ جي پوري قدرت رکي ٿو. يهودي، عيسائي ۽ رومي قانون ۾ ته عورت کي انسان ئي نه سمجهيو ويندو هو. هو مرد جي جائداد تصور ڪئي ويندي هئي ۽ خانداني زندگيءَ ۾ ان جي ڪا به حثيت نه هئي. هوءَ ماءُ، ڌيءَ ڀيڻ ۽ زال واري معزز حيثيت کان محروم هئي. پر اسلام ۾ "وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ" (البقره: 2/ 228) زالن جا به مردن تي اوترائي حق آهن جيترا مردن جا حق عورتن تي آهن. قرآن ۾ جتي ڪٿي "اَلْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ، اَلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ"(التوبه: 72/9، 71، الاحزاب: 35/33) جهڙا انساني مساوات جا منظر موجود آهن. "وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ" (البقره: 2/ 228) مردن کي عورتن تي مرتبو آهي. جسماني فرق ۽ عدت جو لازم نه هجڻ مراد ٿي سگهي ٿو. "اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ وَّبِمَآ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ" (النساءِ: 34/4) "مردن کي عورتن تي مرتبو آهي" ۾ به "قَوّٰمُ"مان مراد بندوبست ڪرڻ وارو يا نگراني ڪرڻ وارو منتظم مراد آهي. باقي "يٰاَيُّهَا النَّاسُ ، يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا "۽ " وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ" ۾ تمام نوع انسان مرد ۽ عورت يڪسان مراد آهن ۽ مساوات ۾ برابر آهن. "لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ۭ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ" (النساءِ: 325/4) مردن جي ڪمائي مردن جي هوندي ۽ عورتن جي ڪمائي عورتن جي ملڪيت آهي. عورت پنهنجي ڪمائي جي خود مالڪياڻي آهي، ڪيس وراثت ۾ حق آهي ۽ سمورا انساني حق حاصل آهن. معاشي، معاشرتي، اقتصادي، انتظامي، تعليم و

تدريس ۾ عورت لاءِ برابر جا موقعا موجود آهن، نہ هوءَ ٻئي درجي جي شهري آهي، پر فطري ۽ پيدائشي صلاحيتن ۾ فرق آهي. عورت تي مرد کي درجو ڏنو ويو آهي ۽ سندس معاملات جو نگران ۽ ذميدار بنايو ويو آهي. مرد ۽ عورت ٻئي انساني نسل جي بقا ۽ پيدائش جا هڪ جيترا اهم عناصر آهن.

اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۠ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ؕ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْـًٔا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۚ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٢٩﴾

طلاق ٻہ ڀيرا آهي (جنهن ۾ مڙس رجوع ڪري سگهي ٿو) يا سٺي نموني (زوجيت ۾ واپس) روڪي رکڻو آهي يا سهڻي طريقي سان رخصت ڪرڻو آهي ۽ اهو اوهان لاءِ هرگز جائز ناهي تہ جو ڪجهہ (مال، زر) انهن کي ڏنو هيو، ان مان ڪجهہ بہ واپس وٺو. ها! جيڪڏهن ٻنهي کي اهو خطرو هجي تہ هو الله جون (مقرر ڪيل) حدون قائم رکي ڪونہ سگهندا، تہ پوءِ هن ۾ ڪوبہ گناهہ ناهي تہ عورت پاڻ ڪجهہ فديو (بدلو) ڏئي (پاڻ کي آزاد ڪري) هي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن، پوءِ اوهان هنن (حدن) کان اڳتي نہ وڃو، پر جيڪي بہ ماڻهو الله جي حدن کان تجاوز ڪن ٿا تہ اهي ئي ظالم آهن. (229)

طلاق جنهن کان بعد رجوع ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي طلاق رجعي بہ چئجي ٿو، اها رجعي طلاق رڳو ٻن مهينن ۾ ٻہ دفعا طلاقون آهن، يعني هڪ مهيني ۾ هڪ طلاق ۽ ٻئي مهيني ۾ ٻي طلاق ڏيڻ. پوءِ انهن ٻنهي طلاقن جي عدت دوران يا تہ سٺي نموني

سان طلاق کي روڪي يعني رجوع ڪري يا وري عدت گذرڻ بعد عورت جي رضامنديءَ سان نڪاح ڪري واپس حلقهِ زوجيت ۾ آڻي نڪاح ڪري يا سٺي نموني سان طلاق رهڻ ڏئي. اهي طلاقون ماهواري ختم ٿيڻ بعد طهر ۽ پاڪيزگي وقت ڏيڻيون آهن. حيض يا ماهواريءَ ۾ طلاق نه ڏبي، پر جي ٽئين مهيني ۾ ٽين طلاق به ٿي وئي ته پوءِ رجوع ڪرڻ جي اجازت نه آهي. (البقره: 230/2) جيڪڏهن ٻن رجعي طلاقن کان پوءِ نڪاح ۾ آڻي ٿو ۽ ان کان بعد ڪڏهن به هڪ دفعو طلاق ڏئي ٿو ته اها ٽين طلاق ٿي ويندي ۽ ان جو حڪم جاري ٿيندو. (البقره: 230/2) هتي "اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ" چئي به طلاقون نه پر به دفعا طلاقون ڏيڻ آهي. يعني به ڀيرا الڳ الڳ وقت ۾ جنهن لاءِ هر مهيني جي طهر يا پاڪيزگيءَ وارو وقت شامل آهي. جيڪڏهن به طلاقون گڏ ڏيڻ جو حڪم هجي ها ته "طلاقان" اچي ها، پوءِ ان ۾ الڳ الڳ وقت جو هجڻ ضروري نه هو.

اوهان لاءِ بلڪل جائز نه آهي ته طلاق ڏيڻ کان اڳ زال کي مهر يا جو ڪجهه به ڏئي چڪا آهيو، ان مان ڪجهه به واپس وٺو. پر جيڪڏهن زال ۽ مڙس کي اهو انديشو لاحق ٿئي ته هو گڏ رهي، انهي ڪشيدگي جي حالت ۾ الله جا مقرر ڪيل مرد ۽ زال وارا حق ادا ڪري ڪو نه سگهندا ۽ علحدگي ٿيڻ ۾ به رڪاوٽ ٿي رهي آهي ته پوءِ اهڙي ناگزير حالت ۾ جنهن ۾ ڏريون پاڻ يا عدالت طئه ڪري ته مرد کي عورت جي مال (مهر) مان ڪجهه ڏئي عورت کي نڪاح جي بند کان آزاد ڪجي ته ان ۾ ڪو به حرج ناهي، ته جيئن عورت پنهنجي حق مان مڙس کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏئي معاملو خير خوبي سان طئي ڪرائي ۽ نڪاح جي ٻنڌڻ کان آزاد ٿي وڃي. ياد رکو هي قانون الله پاران اوهان جي سٺي معاشري جي لاءِ حدون مقرر ڪيل آهن، ان ڪري اوهان انهن حدن اندر رهو ۽ انهن کان ٻاهر قدم نه رکو. پر جيڪو به الله جي انهن مقرر ڪيل حدن کي پار ڪندو، اهو ماڻهو ظالم ۽ قانون شڪن هوندو، جنهن جي سخت سزا آهي. حديث شريف ۾ آهي: "اَبۡغَضُ الۡحَلَالِ اِلَى اللّٰهِ اَلطَّلَاقُ" الله وٽ حلال شين ۾ طلاق سڀ کان وڌيڪ خراب آهي.

ياد رهي ته اسلام کان اڳ عرب پنهنجن زالن کي بار بار طلاق ڏيندا هئا ۽ وري رجوع ڪندا هئا. ان جي ڪا به حد مقرر نه هئي. گويا سڄي عمر عورت انهيءَ اذيت ۾

رهندي هئي، عورت تي انهي ظلم جو دروازو قرآن جي هن آيت سان بند ڪيو ويو. عرب پنهجن زالن ڪي اهو به چوندا هئا. ”لَا اُقْرِبُكَ وَلَا تَحِلِّيْنَ“ نه توکي ويجهو ٿيندس ۽ نه توکي آزاد ڪندس. عورت کي انهن سمورين زيادتين کان محفوظ رکڻ لاءِ اسلام ڪيس مرد سان برابريءَ جو درجو ڏنو آهي. هو قول ۽ فعل ۾، عذاب ۽ ثواب ۾ مساوات جي مقام تي فائز آهي. عدت جي پوري مدت دوران عورت جو خرچ پکو، رهائش ۽ نان نفقه سابقه خاوند جي ذمي هوندو. (الطلاق: 6/65) جيستائين هو ٻار کي ولادت ڏئي. ان بعد ٻار کي ٿڃ پيارڻ لاءِ به عورت کي ساڳيو نان نفقه جاري رهندو، پر جيڪڏهن ڪنهن ٻيءَ عورت جو کير پيارڻ جو فيصلو ٿئي، ته پوءِ ان تي رضاعي ماءُ کي خرچ مقرر ڪري ڏنو ويندو، جيڪو پيءُ ادا ڪندو.

فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ حَتّٰى تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهٗ ؕ فَاِنْ طَلَّقَهَا
فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يَّتَرَاجَعَآ اِنْ ظَنَّآ اَنْ يُّقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ؕ وَ تِلْكَ
حُدُوْدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٠﴾ وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ
فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۠ وَّلَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا
لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ
هُزُوًا ز وَّاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَالْحِكْمَةِ
يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٣١﴾ ع الثلثة ٢٩ ٣ ١٣

پوءِ جيڪڏهن هن ٽئي دفعا به طلاق ڏني ته ان کان پوءِ اها (عورت) هن لاءِ (نڪاح ۾) حلال نه هوندي، جيستائين هو ڪنهن ٻئي شخص سان نڪاح ڪري (حق زوجيت ادا ڪن) ۽ پوءِ جيڪڏهن اهو ٻيو مڙس به (رضا خوشيءَ سان) طلاق ڏئي ته پوءِ هنن ٻنهي (عورت ۽ پهرئين مڙس) تي ڪو گناهه نه

ٿيندو تہ هو وري (زال مڙس واري حالت ۾) موٽي اچن، بشرطيڪ ٻنهي کي يقين هجي تہ هاڻي هو خدا جي حدن (مقرر حدن) کي قائم رکي سگهندا. هي الله جون حدون آهن، جن کي اصحاب علم لاءِ بيان ڪيو وڃي ٿو (تہ هو ان جي پابنديءَ جو خيال ڪن). (230) ۽ جڏهن اوهان عورتن کي طلاق ڏيو ۽ هو پنهنجي عدت (پوري ڪرڻ) جي ويجهو هجن تہ (ان وقت) انهن کي سٺي طريقي سان (زوجيت ۾) روڪي رکو (رجوع ڪريو) يا سهڻي نموني سان انهن کي رخصت ڪريو، پر انهن کي محض تڪليف پهچائڻ لاءِ نہ روڪي رکو تہ انهن تي زيادتي ڪندا رهو. جيڪو بہ ائين ڪندو تہ سمجهو ان پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو. (ياد رکو) الله جي حڪمن کي مذاق چرچو نہ بڻايو. الله جي هن نعمت کي ياد ڪريو ۽ هن ڪتاب (جي نعمت) جيڪو اوهان تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ دانائي ۽ حڪمت جي ڳالهين جي، جن جي اوهان کي نصيحت ڪئي وئي آهي ۽ الله سان تقويٰ اختيار ڪريو، بيشڪ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو آهي. (231)

جيڪڏهن مڙس پنهنجي زال کي پوين ٻن طلاقن بعد ٽين طلاق بہ ڏئي ٿو تہ پوءِ اها عورت پنهنجي هن مڙس لاءِ نڪاح ڪرڻ واسطي حلال نہ آهي. ٽين طلاق بعد هنن ۾ قطعي جدائي ٿي وئي. هاڻي جيستائين اها مطلقه عورت ٻئي مڙس سان بلڪل سندس زال ٿي رهڻ جي نيت سان شادي نہ ڪري ۽ انهن ۾ همبستري ۽ جماع وارو عمل ٿي نہ وڃي ۽ پوءِ ان مرد جي وفات يا طلاق کان سواءِ پهرين مڙس سان نڪاح ڪري نٿي سگهي. هتي ٻئي مڙس سان نڪاح مان مراد ٿئي سچ پچ جو نڪاح ۽ ان جي لازمي عمل جماع جو عمل ٿي نٿو گذري ۽ بعد ۾ عورت کي هن ٻئي مڙس کان بہ رضا خوشي آزادي نٿي ملي تہ پهرئين مڙس سان وري شادي نٿي ٿي سگهي. هي مرد لاءِ درس عبرت آهي تہ هو طلاق جهڙي هولناڪ عمل کان گريز ڪري. هن عبرت آميز حڪم جي اٽڪل بازي يا هيراڦيريءَ سان جعلي نڪاح جنهن کي "حلاله" چون ٿا، ڪري وري نڪاح ڪرڻ جائز نہ آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد گرامي آهي: "لَعَنَ اللهُ الْمُحَلِّلَ وَالْمُحَلَّلَ لَهٗ" حلاله ڪندڙ

شخص تي بہ الله جي لعنت هجي تہ جنهن بي ضمير شخص لاءِ حلاله ڪيو ٿو وجي ان تي بہ الله جي لعنت هجي. پر جيڪڏهن صحيح طرح نڪاح ۽ شرعي حڪمن جي بجاآوري بعد عورت کي هن ٻئي مڙس جي نڪاح کان آزادي ملي ٿي ۽ پوءِ ٻئي مطمئن آهن تہ هاڻي هو الله جي حڪمن جو خيال رکندي شرعي حدن اندر رهي سگهن ٿا تہ پوءِ ڪين ورِي نڪاح جي عقد ۾ اچڻ ۾ ڪو بہ شرعي اخلاقي حرج نہ آهي. ياد رکو اوهان جي معاشرتي يا سماجي زندگيءَ جون هي الله پاران مقرر ڪيل حدون آهن، جن کي ڪولي ڪولي صاف صاف طور الله پاران ان قوم لاءِ جاري ڪيو ويو آهي، جيڪا عقل و دانش کان ڪم وٺي ٿي.

ٻن طلاقن تائين طلاق رجعي آهي. ٽن طلاقن کان پوءِ طلاق مُغلّظه سڏبي آهي. هڪ مجلس ۾ هڪ ئي وقت ٽي طلاقون ڏيڻ قرآن ۽ سنت نبوي جي حقيقي مفهوم ۽ مقصد جي خلاف عمل آهي، پر جهڙيءَ طرح خود طلاق کي الله وٽ "اَبۡغَضُ الۡحَلَالِ" يعني اهڙو حلال جيڪو غليظ ۽ خراب سڏيو ويو آهي، اهڙي طرح فقه جي امامن وٽ اهڙي صورت واري طلاق بہ "طلاق مُغلّظه" ٿي ويندي، جيڪو ناپسنديده عمل آهي. باقي ٽن مهينن ۾ هر طهر وارين ٽن طلاقن کي "طلاق بائن" سڏبو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ طلاق کي ناپسنديده عمل سمجهندي بہ ان کي انسانن جي بهتري ۽ بهبود لاءِ جائز رکيو ويو آهي. جيڪڏهن مرد عورت سان زيادتيون ڪري ٿو، ان کي تڪليفون ۽ عذاب ڏئي ٿو، جيڪي عورت لاءِ ناقابل برداشت آهن ۽ عورت جي گهر ڪرڻ تي ڪيس طلاق بہ نٿو ڏئي تہ پوءِ عورت مجاز عدالت طرفان خلع لاءِ وڃي سگهي ٿي. عدالت انهن ۾ صلح ۽ ناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي. ٻي صورت ۾ ڪورٽ مرد کي طلاق جو چوندي ۽ مرد جي انڪار ڪرڻ تي خلع جو حڪم صادر ڪندي، جيڪو طلاق بائن جو درجو رکي ٿو. عدت دوران طلاق ڏنل عورت جو نان نفقه ڪاڏو خوراڪ رهائش سابقه شوهر کي ڏيڻي آهي. (الطلاق: 6/45)

جميله بنت عبدالله جيڪا ثابت بن قيس جي زال هئي، سا پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم وٽ عرض گذار ٿي "لَا اَنَا وَلَا ثَابِتٌ لَا يَجۡمَعُ رَاۡسِيۡ وَ رَاۡسَهٗ شَيۡئًا" يعني مان ۽ ثابت گڏ رهي نٿا سگهون. اسان مٿو (بدن) (مٿي) بدن سان ملائي نٿا سگهون تہ ڪيس حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم چيو تہ تون ثابت کان مهر ۾ ورتل باغ ڪيس واپس ڪرڻ لاءِ تيار آهين؟ جميله جي هاڪار

(اثبات) تي نبي اڪرم ﷺ باغ ثابت کي ڏياريو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ عليحدگي ڪرائي ڇڏي. هيءُ عمل ان وقت آهي، جڏهن عورت خود طلاق گهري ٿي، پر جيڪڏهن ڪيس مرد طلاق ڏئي ٿو ته پوءِ عورت کي ڏنل مال مان واپس وٺڻ نه گهرجي.

جڏهن اوهان پنهنجن زالن کي هڪ يا ٻه دفعا طلاق ڏئي چڪا آهيو ۽ هنن جي عدت جي مدت پوري ٿيڻ واري هجي ته پوءِ يا ته انهن کي مدت اندر رجوع ڪري وري زوجيت ۾ آڻي سٺي نموني پاڻ وٽ روڪي رکو، جنهن ۾ عورت کي انڪار ڪرڻ جي اجازت ناهي. يا آخري طلاق ڏئي. يعني ٻن رجعي طلاقن جي مدت گذرڻ بعد عورت جي رضامنديءَ سان ڪيس نڪاح ۾ آڻيو يا سهڻي نموني سان ڪيس رخصت ڪريو، پر ائين هرگز نه ڪجو جو انهن کي نقصان پهچائڻ لاءِ پاڻ وٽ روڪي رکو ته جيئن هنن سان ظلم زيادتي ڪري سگهو، يعني نه نڪاح ثاني لاءِ رجوع ڪري ۽ نه وري هن کي آزاد ڪري وڃڻ ڏيو. ۽ وچ ۾ لٽڪائي رکو، جيڪو به مرد اهڙو ڪندو ۽ ناجائز ڪم ڪندو ته اهو پاڻ لاءِ ئي نقصان جو سودو ڪندو. ياد رکو الله جي هنن اهم حڪمن ۽ هدايتن کي کيل يوڳ نه سمجهو. شريعت جي حڪمن تي ان جي روح مطابق عمل ڪيو وڃي. مذاق ۽ يوڳ ۾ ڏنل طلاق به واقع ٿي ويندي. (جامع ترمذي، ابوداؤد) اوهان جي مهربان الله جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت جي ذريعي اوهان تي احسان ۽ نوازشون ڪيون آهن، انهن کي ذهن نشين ڪريو ۽ انهن کي دل جي گهراين سان قبول ڪريو ۽ نصيحت حاصل ڪريو. خدا جي حڪمن جي انحرافيءَ کان پاڻ کي بچائي رکو ۽ خلاف ورزيءَ جي صورت ۾ الله جي عذاب کان ڊڄو. يقين ڪريو ته الله اوهان جي هر ڪار گذاري، عمل ۽ سوچ کان پوري طرح واقف آهي.

وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۲﴾

۽ جڏهن اوهان پنهنجين زالن کي طلاق ڏيو پوءِ اهي پنهنجي (ٻن طلاقن

واري) عدت پوري ڪري وٺن تہ پوءِ ڪين (پراڻي يا نئين) مڙس سان نڪاح ڪرڻ ڪان نہ روڪيو (ياد رهي تہ عدت دوران مرد رجوع ڪري سگهي ٿو ۽ عورت انڪار نہ ڪندي، پر ٻن طلاقن جي عدت پوري ٿيڻ ڪان پوءِ عورت کي اختيار آهي تہ پهرين مڙس سان يا ڪنهن ٻئي شخص سان نڪاح ڪري) هن حڪم جو ان شخص کي پابند ڪيو ويو آهي، جيڪو الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو. هي اوهان لاءِ نهايت صاف پاڪ ڳالهہ آهي. الله کي ان جو علم آهي، پر اوهان اڻ ڄاڻ آهيو. (232)

جڏهن اوهان پنهنجين زالن کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي ۽ هنن عدت واري مدت پوري ڪئي آهي تہ پوءِ عورت جي رشتيدارن کي ڪين پنهنجي پسند جي مطابق اڳوڻي مڙس يا نئين شخص سان باهمي رضامندي، خوشي ۽ مروج طريقي سان شادي ڪرڻ ڪان نہ روڪڻ گهرجي. ليڪن عورت کي گهرجي تہ اها شادي شرعي قاعدن، معروف طريقي سان هئڻ گهرجي. (1) اهو نڪاح لڪي ڇپي يا مخفي طرح سان نہ هئڻ گهرجي. (2) ايامِ عدت دوران نہ هجي. (3) عورت ڪفو ۽ مناسب مهر جو خيال رکي ۽ وارثن جي رضامندي هئڻ گهرجي. (4) جيڪڏهن پهرين مڙس سان شادي ڪري ٿي تہ طلاق بائنہ يعني ٽن طلاقن واري نہ هجي، ڇوتہ ان ۾ حلالہ آهي. هن حڪم ذريعي انهيءَ ماڻهو کي نصيحت ڪجي ٿي، جيڪو الله ۽ حساب ڪتاب واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ۽ هنن حڪمن جي نافرمانيءَ ڪان بچڻ گهري ٿو. انهي ڳالهہ ۾ اوهان جي لاءِ گهڻي خيرو برڪت ۽ پاڪيزگي آهي. الله تمام حڪمتن ۽ مصلحتن ڪان باخبر آهي پر اوهان کي ان جو پورو پتو ناهي. ياد رهي تہ عورت جي عدت جو مدو پورو ٿيڻ بعد ان جا رشتيدار ڪيس اڳئين مڙس سان شادي ڪرڻ ڪان روڪيندا هئا. يا اڳيون مڙس ۽ ان جا رشتيدار عورت کي سندس پسند موجب ڪنهن ٻئي شخص سان شادي رچائڻ ڪان روڪيندا هئا ۽ عورت کي پنهنجي اختياري حق ادا ڪرڻ ڪان روڪيندا هيا، جنهن جو سدِ باب ڪيو ويو آهي.

وَالْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ
الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ
نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۗ
وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ
فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَاِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ
اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا
تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٣﴾

۽ مائرون پنهنجي اولاد کي پورن ٻن سالن تائين کير پيارين. هي ان لاءِ آهي، جيڪو ٻچ پيارڻ جي مدت پوري ڪرڻ گهرن ٿا ۽ کير پيارڻ وارين طلاق يافته مائرن جو کاڌو پيتو اوڇڻ دستور موجب پيءُ تي لازم آهي. ڪنهن کي به ان جي قوت برداشت کان وڌيڪ تڪليف نه ڏني ويندي ۽ نه وري ماءُ کي سندس اولاد جي ڪري تڪليف ڏني ويندي ۽ نه وري والد کي سندس اولاد جي ڪري تڪليف ڏبي ۽ وارث تي به ساڳي طرح ذميداري آهي. پوءِ جيڪڏهن ماءُ پيءُ رضامندي ۽ مشوري سان (ٻن سالن کان اڳ ئي) ٻچ ڇڏرائڻ گهرن ٿا ته به انهن تي ڪو گناهه نه آهي. اوهان ٻار جي ماءُ کي دستور موجب اهو سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيو جيڪو اوهان معاهدو ڪيو هو. الله سان تقوىٰ جو طريقو اختيار ڪريو ۽ معلوم هجي ته اوهان جو ڪجهه ڪيو ٿا، الله کي معلوم آهي. (233)

طلاق يافته عورتون جيڪڏهن پنهنجن پيٽ ڄاون اولاد کي کير (ٻچ) پيارڻ گهرن ته پوءِ پورا ٻه سال ٻچ ڏينديون رهن. (لقمان: 14/31، الاحقاف: 15/46) ۽ ٻار جي پيءُ تي انهي پوري عرصي دوران ٻچ پياريندڙ ماءُ کي ماني، خرچ پکو ۽ رهائش زماني جي دستور ۽

مالي حالت(استطاعت) مطابق ڏيڻو آهي. هن حڪم جي ذريعي ڪنهن کي بيجا تڪليف ڏيڻ مقصود ناهي. نه انهيءَ ٻار جي ٿڃ پيارڻ سبب ڪا ماءُ (عورت) کي تڪليف ڏني ويندي ۽ نه وري ٻار جي پيءُ کي ڪو اهنج پهچايو ويندو. جيڪڏهن ٻار جو پيءُ وفات ڪري ته وچي ته پوءِ وارثن تي به ساڳيو قانون لاڳو ٿيندو. پر جيڪڏهن پيءُ ۽ ماءُ يا وارث ۽ ماءُ باهمي رضامنديءَ ۽ مشوري سان ٻن سالن کان اڳ ئي ٻار کي ٿڃ پيارڻ بند ڪن ته ان ۾ به ڪو حرج يا گناهه ناهي. پاڻ ڪريم ﷺ مُتبنّىٰ پُٽ جي سلسلي ۾ حضرت ابوحذيفه رضي الله تعالىٰ عنه جي زال کي چيو ته تون هن کي پنهنجي ٿڃ پياري، پنهنجو رضاعي پُٽ ڪر. اهڙيءَ طرح تون هن تي حرام ٿي ويندينءَ. پوءِ هن ائين ڪيو. (صحيح مسلم- سنن ابوداؤد) جيڪڏهن ماءُ ٿڃ پيارڻ لاءِ رضامند آهي ته پوءِ ڪنهن ٻي عورت کان ٿڃ نه ونبي، پر عورت پنهنجي ٻار بابت مڙس کي بليڪ ميل نه ڪري ته ٻي ڪا عورت موجود ناهي. مڙس تي وڏيڪ ٻار وجهي يا گهڻو معاوضو گهري. عدت ۾ نڪاح دوران ٻار کي ٿڃ ڏيڻ وقت عورت کي معاوضوناهي وٺڻو، پر عدت بعد مناسب طريقي سان معاوضو وٺي سگهي ٿي. جيڪڏهن ساڳئي معاوضي تي ماءُ به راضي آهي ۽ ٻي عورت به راضي آهي ته پوءِ ماءُ جو وڏيڪ حق آهي، پر جي ٻي عورت معاوضو نٿي وٺي يا گهٽو گهٽ وٺي ته پوءِ ان عورت کي ترجيح ملندي. ٻار مرد جو نسل آهي، ان ڪري ان جي پرورش به ان جو فرض آهي، پر جيڪڏهن ماءُ پالڻ گهري ته مڙس جي رضامنديءَ سان ڪري، پر ٻئي مرد سان نڪاح ڪرڻ بعد ان جو اهو استحقاق به ختم ٿي ويندو.

جيڪڏهن اوهان گهرو ته پنهنجي اولاد کي ڪنهن ڌاريءَ عورت جو کير پياريو ته به ان ۾ ڪو به ڏوهه ناهي، بشرطيڪ ان عورت کي ٿڃ پيارڻ جو رواج ۽ دستور موجب معاوضو ادا ڪريو ۽ ڪنهن قسم جي حق تلفي نه ڪريو. هر حال ۾ الله جي حڪمن جي پوري پوري پيروي ڪندا رهو ۽ انحرافي ڪري الله جي عذاب کان بچو. ياد رکو ته اوهان جي هر عمل تي الله جي پوري پوري نگاهه آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”يُحَرِّمُ مِنَ الرِّضَاعِ مَا يُحَرِّمُ مِنَ النَّسَبِ“ (صحيح بخاري) رضاعت ٿڃ پيئڻ سان به اهي سڀ رشتا حرام ٿي وڃن ٿا، جيڪي نسب جي ڪري حرام آهن. ”لَا يُؤَمُّ مِنَ الرِّضَاعِ اِلَّا مَا فَتَقَ الْاَمْعَاءُ فِي الثَّدْيِ وَكَانَ قَبْلَ الْعِظَامِ“ (جامع ترمذي) اهو رضاع ٿڃ پيارڻ حرمت ڪري ٿو،

جيڪا ٿڃ ڇاتي مان نڪري آنڊن کي ڇيري ٻاهر اچي ۽ اها ڪير پيارڻ واري مدت ۾ سال جي اندر هجي.

حمل ۽ ٿڃ پيارڻ جو مدو ٽيهه مهينا آهي، جنهن ۾ چوويهه مهينا (2 سال) ٿڃ جو مدو آهي، باقي ڇهه مهينا حمل آهي. يعني عورت ڇهن مهينن ۾ ٻار کي جنم ڏئي سگهي ٿي. ”وَحَمۡلُهٗ وَفِصٰلُهٗ ثَلٰثُوۡنَ شَهۡرًا ؕ“ (لقمان: 14/31، الاحقاف: 15/46)

وَالَّذِيۡنَ يُتَوَفَّوۡنَ مِنۡكُمۡ وَيَذَرُوۡنَ اَزۡوَاجًا يَّتَرَبَّصۡنَ بِاَنۡفُسِهِنَّ اَرۡبَعَةَ اَشۡهُرٍ وَّعَشۡرًا ۚ فَاِذَا بَلَغۡنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ فِيۡمَا فَعَلۡنَ فِىۡۤ اَنۡفُسِهِنَّ بِالۡمَعۡرُوۡفِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ خَبِيۡرٌ ﴿۲۳۴﴾ وَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ فِيۡمَا عَرَّضۡتُمۡ بِهٖ مِنۡ خِطۡبَةِ النِّسَآءِ اَوۡ اَكۡنَنۡتُمۡ فِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمۡ سَتَذۡكُرُوۡنَهُنَّ وَلٰـكِنۡ لَّا تُوَاعِدُوۡهُنَّ سِرًّا اِلَّاۤ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا قَوۡلًا مَّعۡرُوۡفًا ۚ وَلَا تَعۡزِمُوۡا عُقۡدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبۡلُغَ الۡكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ
ع ۱٤ يَعۡلَمُ مَا فِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُ ۚ وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿۲۳۵﴾

۽ جيڪو به اوهان مان وفات ڪري وڃي ۽ پنهنجون زالون ڇڏي (مري) وڃن ته پوءِ اهي (رنڙ) عورتون پاڻ کي چار مهينا ڏهه ڏينهن تائين (شاديءَ کان) روڪي رکن. پوءِ جڏهن پنهنجي هن مدت پوري ٿيڻ تي پهچن ته پوءِ هو پنهنجي بابت جو ڪجهه دستور مطابق ڪن، ان ۾ اوهان تي ڪوبه گناهه نه آهي. اوهان جيڪي ڪجهه (ڳجهو يا ظاهر ۾) ڪيو ٿا، سڀ الله کي معلوم آهي. (234) ۽ اوهان تي ان ڳالهه جو به ڪو ڏوهه نه آهي ته (عدت دوران) انهن عورتن سان اشاري ۾ نڪاح جو پيغام موڪليو يا دل ۾ ئي خيال رکو. الله کي خبر آهي ته عنقريب اوهان هنن سان ان جو ذڪر ڪندؤ، پر انهن سان ڳجهه ڳوهه ۾ ڪوبه اهڃو وعدو

نہ ونو، رڳو اشاري ڪنايي سان دستور موجب ڳالهہ ڪريو، پر انهيءَ دوران عقد نڪاح جو پڪو پختو وعدو يا ارادو نہ ڪريو، جيستائين مقرره مدت پوري ٿئي. معلوم هجي تہ الله اوهان جي دلين جي ڳالهہ بہ ڄاڻي ٿو ان ڪري هميشه (ان جي خلاف ورزي) ڪان ڊڄندا رهو، پر اهو بہ ياد رکو تہ الله وڏو غفور رحيم ۽ بردبار آهي. (235)

---

هيٺئر تائين طلاق سان تعلق رکندڙ احڪام ۽ عدت جو ذڪر هيو. پر جيڪڏهن اوهان مان ڪي مرد مري وڃن ۽ پنهنجي پٺيان بيوه ڇڏي وڃن تہ انهن بيوه عورتن کي چار مهينا ڏهہ ڏينهن مدتِ عدت ۾ رهي. نڪاح ثاني ڪرڻ کان انتظار ڪرڻو پوندو ۽ پاڻ کي روڪي رکڻو آهي. هي وفات واري عدت هر عورت لاءِ لازم آهي. ان سان جماع ٿيل هجي يا جماع ٿيل نہ هجي. جوان هجي يا پوڙهي هجي، هر عورت کي اها مدت پوري ڪرڻي آهي. پر حامله عورت جي مدتِ عدت ٻار جي پيدا ٿيڻ تائين آهي. (الطلاق: 4/65) جنهن وقت بہ حامله عورت جي ٻار جي پيدائش ٿي وئي تہ عدت ختم ٿي وئي. ڀلي اجان ميت جو جنازو گهر ۾ ئي هجي، يا چار مهينا ڏهہ ڏينهن کان اڳ ٻار پيدا ٿيو تہ بہ عدت ختم ٿي وئي، پر جي ٻار چار مهينا ڏهہ ڏينهن کان بعد پيدا ٿئي تہ ان ۾ ٻار جي پيدا ٿيڻ بعد عدت پوري سمجهي ويندي. (الطلاق: 4/65) باقي طلاق جي عدت ٽي قروءَ (ٽي حيض) آهي. آيت نمبر 228 ۾ سال ڀر ڪاڏو پيتو ڏيڻ واري عام رواج کي روڪيو ويو آهي ۽ حق وراثت جو قانون لاڳو ٿيو آهي.

پوءِ جڏهن اهي پنهنجي عدت جي مدت پوري ڪري وٺن تہ پوءِ انهن کي پنهنجي معاملي بابت اختيار آهي تہ جائز ۽ معروف طريقي سان هو جيڪي چاهين تہ ڀلي ڪن، يعني ٻئي نڪاح لاءِ ڪوشش ڪن. اوهان تي ڪنهن بہ قسم جو الزام ناهي تہ اوهان هنن کي ٻئي نڪاح ڪرڻ کان روڪي رکو يا هن کي وڌيڪ مدت لاءِ سوڳ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪريو. چار مهينن ڏهن ڏينهن واري هن عرصي دوران عورت کي هار سينگار ڪرڻ ۽ اهڙن نفيس ۽ ڀڙڪيلا وڳا ۽ خوشبو، مهندي جهڙين خوشين ۽ رسمن کان پري رهڻ گهرجي، جن سان مرحوم جي موت سبب ڏک وارين گهڙين ۾ سندس اڳڻ تي خراب تاثر پيدا ٿئي.

مرد جي وفات بعد عورت کي انهيءَ گهر ۾ عدت گذارڻي آهي يا ٻئي هنڌ به وڃي سگهي ٿي. حضرت عمر، حضرت عثمان ۽ ڪجهه اصحاب سڳورن رضي الله عنهم جو خيال آهي ته انهيءَ گهر ۾ قيام رکي، جتي مرحوم جي وفات ٿي آهي، پر حضرت عائشه، حضرت علي، ابن عباس ۽ ڪجهه اصحاب رضي الله عنهم جو چوڻ آهي ته سهولت واري گهر ۾ رهي ۽ سفر به ڪري سگهي ٿي. هي قول موجوده حالتن ۾ زياده موزون ۽ موافق محسوس ٿئي ٿو. پر جن اهڙين بيوهه عورتن سان اوهان نڪاح ڪرڻ جو ارادو رکو ٿا ته ان ۾ ڪو ڏوهه ناهي ته اوهان اشاري ڪنايي سان انهن تائين پنهنجو خيال پهچائي ڇڏيو يا پنهنجي دل ۾ پنهنجو ارادو پوشيده رکو. مسلمانن کي هدايت ڪئي ٿي وڃي ته بيوهه عورت جي عدت دوران جنهن گهر ۾ مرحوم جي وڇوڙي سان ماتم متل آهي، اتي شاديءَ جا جشن ڪرڻ يا شاديءَ جا پيغام موڪلڻ ۽ کلم کلا شاديءَ جو ماحول پيدا ڪرڻ ڪيترو نه معيوب ۽ خراب محسوس ٿيندو. ان ڪري جيستائين عدت جي مدت پوري ٿئي، صبر ۽ حوصلي کان ڪم وٺو. ياد رکو، جيڪي اوهان جي دلين ۾ خيال گذرن ٿا، الله انهن کان به پوري طرح واقف آهي. ان ڪري هميشه هن جي حڪمن جي خلاف ورزي جي نتيجن کان ڊڄندا رهو. ياد رکو ته الله جي ذات نهايت بردباري واري ۽ ٻانهن جي پرده پوشي ڪرڻ ۽ بخشڻ واري آهي.

لَاجُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَالَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚۖ
وَّمَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ
حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣٦﴾ وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَ قَدْ
فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا
الَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ۭ وَ اَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ۭ وَلَا تَنْسَوُا
الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٧﴾

اوهان تي ڪو گناهه ناهي جيڪڏهن زالن کي طلاق ڏئي ڇڏيو جن سان اوهان اڃان نه مجامعت ڪئي آهي ۽ نه وري سندن مهر مقرر ڪيو آهي. انهن

ڪي ان جو مناسب مال متاع ڏيو. شاهوڪار تي ان جي حيثيت مطابق ۽ سڄي تي ان جي حيثيت مطابق. بهرحال هي خرچ پڪو مناسب طور ڏنو وڃي، جيڪو احسان ڪندڙن لاءِ لازم آهي. (236) پر جيڪڏهن مهر مقرر ڪرڻ ڪان پوءِ هنن کي ڇهڻ بغير طلاق ڏيو ته پوءِ مقرر مهر جو اڌ ڏيو. ها! اگر عورت معاف ڪري ڇڏي، يا جنهن جي اختيار ۾ نڪاح آهي (مڙس) عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺي (وڌيڪ ڏئي) جيڪڏهن اوهان مرد عفو ۽ درگذر جو رستو اختيار ڪيو ته اهو تقويٰ جي قريب آهي ۽ پاڻ ۾ احسان ڪرڻ کي نه ڀلايو. يقينًا جيڪو ڪجهه اوهان ڪريو ٿا، الله اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي. (237)

اهڙي صورتحال ۾ جڏهن اوهان نڪاح ڪرڻ وقت نه مهر مقرر ڪيو آهي ۽ نه وري نڪاح بعد زال سان حق زوجيت ادا ڪيو آهي ۽ ڪيس طلاق ڏيو ٿا ته ان ۾ ڪو به حرج يا ڏوهه ناهي. ڇو ته نڪاح جي گرهه ٽوڙڻ ۽ طلاق ڏيڻ جو اوهان کي مڪمل اختيار آهي ۽ مهر جي مقرر ڪرڻ ڪانسواءِ به نڪاح ٿي وڃي ٿو ۽ اهڙي طلاق ۾ مهر به واجب نٿو ٿئي. پر ان هوندي به دستور موجب کين مناسب "متعه نڪاح" يعني نڪاح جي بدلي ۾ سازو سامان يا مال متاع ڏيڻ ضروري آهي. صاحب حيثيت ۽ استطاعت پنهنجي حيثيت ۽ مرتبي مطابق ۽ تنگ دست يا درمياني حيثيت وارو پنهنجي حيثيت مطابق ڏئي. ائين ڪرڻ احسان ڪندڙن تي لازم آهي ته اهي عورت جي محرومي ۽ جو مناسب حال ازالو ڪن. پر جيڪڏهن اهڙي صورتحال هجي، جو نڪاح ڪرڻ وقت مهر ته مقرر ڪيو ويو هيو، پر زال مڙس جي همبستريءَ (جماع) جو حق ادا نه ٿيو آهي ۽ اوهان ڪيس طلاق ڏيڻ گهرو ٿا ته پوءِ مقرر ڪيل مهر جو اڌ حصو ادا ڪرڻ ضروري آهي، پر جيڪڏهن عورتون پنهنجو پاڻ طلاق جو مطالبو ڪن ته حق مهر وٺڻ ۽ درگذر جو فيصلو ڪن ۽ مهر وٺڻ معاف ڪري ڇڏين. يا اهو مرد جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جي گرهه يعني طلاق ڏيڻ جو اختيار آهي، اهو پاڻ طلاق ڏئي ٿو ۽ اڌ حق مهر کان به وڌيڪ پورو مهر يا جو ڪجهه وڌيڪ مناسب سمجهي

ڏئي ٿو تہ نهايت مناسب آهي، جيڪڏهن اوهان مرد درگذر ۽ ڀلائيءَ جو معاملو ڪريو، تہ اهو تقوي ۽ پرهيزگاريءَ جو عمل آهي. اهڙي طرح هڪٻئي سان خدا طرفان ڏنل فضيلت ۽ ڀلائيءَ جي ڪم ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪريو. جيڪڏهن مڙس جنسي ميلاپ کان اڳ عورت کي طلاق ڏني آهي ۽ نڪاح وقت مهر مقرر هيو يا مقرر نہ هيو يا عورت خلع لاءِ چوي ٿي ۽ هن کي اجازت آهي تہ پنهنجي ڪجهہ حق تان دستبردار ٿئي، پر هر حالت ۾ مڙس کي هڪ ذميدار مڙس ۽ مردانگيءَ جو ثبوت ڏيڻ گهرجي، ان ڪري مرد کي ترغيب ڏني وئي آهي تہ هو پنهنجي بلند حوصلي ۽ مرتبي جو مانُ رکندي عورت کان مهر گهٽ ڪرڻ جو تقاضا نہ ڪري، پر پاڻ اڳتي وڌي جرئت ۽ ايثار جو مظاهرو ڪري. الله مرد ۽ عورت کي انساني فضيلت ۽ بحيثيت انسان جي برابري ڏني آهي، پر نڪاح رکڻ يا نڪاح جي عقد کي ٽوڙڻ جو حق رڳو مرد کي آهي، عورت نڪاح ختم ڪري نٿي سگهي، طلاق نٿي ڏئي سگهي، ڪيس رڳو عدالت يا برادريءَ ۾ خلع جي اجازت آهي. ٻيو ايثار ۽ قربانيءَ جو زياده تقاضا مرد کان آهي، هو نگران آهي ۽ ٿيون هي تہ الله مرد کي عورتن تي فضيلت جو درجو ڏنو ۽ نگران قائم ڪيو آهي. هنن فضيلتن جو مانُ رکندي، مرد کي دل ڪشاده رکڻ ۽ ايثار ڪرڻ لاءِ همٿايو ويو آهي. اوهان جو ڪجهہ ڪري رهيا آهيو، اهو ظاهر هجي يا پوشيده، خوشيءَ سان هجي يا بي دليءَ سان، الله جي ان تي نگاهہ آهي. هو اوهان جي هر عمل کي ڏسي رهيو آهي. البقره آيت 229 ۾ معاملو هن کان الڳ آهي، جيڪو هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي. پر جيڪڏهن نڪاح وقت مهر مقرر هيو ۽ عورت سان جنسي ميلاپ بہ ٿي ويو آهي، تہ اهڙي طلاق ۾ مقرر ٿيل مهر ڏيڻو آهي، پر جيڪڏهن نڪاح وقت مهر مقرر نہ ٿيو هيو، پر بعد ۾ جنسي ميلاپ ٿيو تہ پوءِ مهر مثل ڏنو ويندو، يعني عورت جي مقام ۽ حيثيت مطابق هوندو.

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَ قُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾ فَاِنْ
خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَاۤ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ
تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾

(هي هيا عائلي زندگي جا احڪام. هاڻي انهن جي حفاظت لاءِ ضروري آهي تہ) پنهنجي فرائض حقيقي (اَلصَّلواةُ مِعراج المؤمنين ۾) نمازن جي حفاظت ڪريو ۽ خاص طرح سان درميان واري (نهايت اهم) نماز جي ۽ الله جي حضور سراپا ادب و نياز، خشوع خضوع سان قيام ڪريو. (238) پوءِ جيڪڏهن خطري جي حالت نہ هجي، تہ پوءِ پياده هجو يا سوار (هر حالت ۾ اقامت صلواة ڪريو) پوءِ جڏهن امن جي حالت ۾ اچو تہ پوءِ الله کي انهيءَ طريقي سان ياد ڪريو، جنهن سان اوهان کي سيکاريو اٿس. جن کان اوهان هن کان اڳ اڻڄاڻ هيا. (239)

عائلي حقوق جي ادائگي، حسن سلوڪ ۽ باهمي رواداري جي فرائض جي نگهداشت نهايت اهم آهي. اهڙي اهم فريضي کي ادا ڪرڻ لاءِ انسان جي قلبي ۽ روحاني تربيت ۾ مرڪزي فريضي جو وڏو ڪردار آهي، جيڪو انسانن ۾ خدا ترسي احساس ۾ احسان جون خوبيون پيدا ڪري ٿو. ان لاءِ حڪم آهي تہ پنهنجن نمازن جي پوري پوري حفاظت ڪريو، خاص طرح سان اهڙي طرح جو نماز جيڪا ظاهري ۽ باطني طرح خشوع ۽ خضوع ۾ بهتر نماز هجي ۽ جڏهن نماز ۾ الله جي حضور ۾ پيش ٿيو تہ نهايت عجز، انڪساري، ادب ۽ نياز جي روح پرور منظر جو پيڪر ٿي وڃو.

”نماز وُسطىٰ“ مان مراد هر خشوع ۽ خضوع واري نماز بہ ٿي سگهي ٿي تہ ان مان مراد عصر جي نماز بہ آهي. جيئن جنگ خندق جي موقعي تي نبي ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمْ نماز عصر کي ”صلاة وسطىٰ“ يا الله جي حضور ۾ پيشگي قرار ڏنو آهي. ”مَلَاَ اللهُ بُيُوْتَهُمْ وَقُبُوْرَهُمْ نَارًا كَمَا شَغَلُوْنَا عَنِ الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى“ (صحيح بخاري) خوف جنگ جهڙن صبر آزما لمحن جي حالت ۾ بہ نماز ۾ ڪوتاهي ڪرڻ جائز ناهي. جهڙي بہ مشڪل حالت پيش اچي تہ بہ نماز وقت تي ادا ڪرڻ گهرجي. حديث شريف ۾ آهي: ”كَانَ النَّبِيُّ اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ صَلّٰى“ (ابوداؤد - مسند احمد) پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمْ کي جڏهن بہ ڪا مشڪل پيش ايندي هئي تہ نماز پڙهندا هئا. ”اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ فَزَعَ اِلَى الصَّلَواةِ“ قرآن ڪريم ۾ بہ آهي: ”وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ“ هر مشڪل وقت ۾ صبر ۽ نماز ذريعي الله جي توفيق ۽ مدد حاصل ڪريو.

جنهن لاءِ بار بار ورجائي ورجائي دهرايو ٿو وڃي ۽ يادداهاني ڪرائي ٿي وڃي ته ياد رکو ته الله هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. هو توهان جي سيني ڪمن کي ڏسي رهيو آهي. اوهان جي مخفي کان مخفي شيءِ به هن کان ڳجهي ناهي. توهان جي ظاهر باطن کان آگاهه آهي. "يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ" هنن هدايتن کي ذهن ۾ قلب ۾ سانڍڻ ۽ خدائي برحق ڏانهن متوجه ڪرڻ لاءِ نماز جو حڪم ڏنو ويو آهي. ياد رهي ته نماز الله تعاليٰ سان تعلق رکڻ ۽ قربت حاصل ڪرڻ جو سڀ کان بهترين ذريعو آهي. نماز به دعا آهي ۽ دعا به عجز و نيزاريءَ جو اقرار آهي.

سرکشی نے کردئے دھندلے نقوشِ بندگی
آؤ سجدہ میں گریں، لوحِ جبیں تازہ کریں (حفیظ جالندھری)

جيڪڏهن اوهان کي دشمن کان خطرو محسوس ٿئي ۽ اوهان مسنون طريقي سان نماز نٿا پڙهي سگهو ته پوءِ پيدل هجو يا ڪنهن سواري تي هجو، جنهن حالت ۾ به هجو ۽ جهڙيءَ طرح به ممڪن ٿي سگهي، نماز قائم رکندا ڪيو. خواهه قبلي طرف منهن نه به هجي، پلي رڪوع ۽ سجدا اشارن سان ڪيو، پر نماز هر حالت ۾ پڙهو ۽ نماز جي دل و جان سان حفاظت ڪريو. (آل عمران: 191/3، النساء: 103/4) پر جڏهن جنگ ۾ خوف جا بادل هٽي وڃن ۽ اوهان امن ۽ اطمينان واري حالت ۾ اچي وڃو ته پوءِ الله جي يادگيري نماز جي ادائگي سان اهڙي طرح ڪريو، جهڙي طرح اوهان کي ان جي سکيا ڏني وئي آهي، يعني پوري وقت تي نماز جي ارڪانن واجب، سنت، مستحب جي خشوع و خضوع سان ادائگي ڪريو، جنهن جي اوهان کي قبل از اسلام خبر ڪا نه هئي. (آل عمران: 191/3، النساء: 103/4) نماز جنهن به حالت ۾ ادا ڪجي ٿي، اها الله سان رابطي جو ذريعو آهي، جيڪو هر حال ۾ قائم رهڻ گهرجي. "وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ" الله جي حضور ۾ عاجز ٿي بيهو. نماز جي اهميت ان مان ظاهر ٿي ته هر حال ۾ ڪنهن به صورت ۾ نماز ترڪ ناهي ڪرڻي.

روز محشر کہ جان گداز بود
اولین پرسش نماز بود

(ڪريما: شيخ سعدي رحمة الله عليه)

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ نماز
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تکبير چئو.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان سجود
وڃائي وجود، تهان پوءِ تکبير چئو. (شاهہ)

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۚۖ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ
مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ
مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ مَّعْرُوْفٍ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۴۰﴾ وَلِلْمُطَلَّقٰتِ
مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿۲۴۱﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ
لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿۲۴۲﴾ ع ٣١/١٥

۽ اوهان مان جيڪي مرد (مڙس) فوت ٿي وڃن ۽ (پٺتي) پنهنجون زالون (بيوه) ڇڏي وڃن تہ انهن تي لازم آهي تہ مرڻ کان اڳ پنهنجن زالن کي هڪ سال تائين جو خرچ پڪو ڏيڻ پنهنجي گهر مان ڪين نيڪالي نہ ڏيڻ جي وصيت ڪري وڃن. پوءِ جيڪڏهن هو پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ نڪري وڃن تہ دستور موجب جو ڪجهہ هو پنهنجي حق ۾ (فيصلو) ڪن تہ اوهان تي ان معاملي ۾ ڪوبہ گناهہ نہ آهي ۽ الله وڏي قوت وارو غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. (240) ۽ طلاق ڏنل عورتن کي بہ دستور موجب مال متاع ڏيڻو آهي، اهو متقي ماڻهن تي واجب آهي. (241) اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجا احڪام واضح ڪري ٿو تہ جيئن اوهان سمجهي سگهو. (242)

انسانن جي ذهني ۽ قلبي پاڪيزگي ڪرڻ، خدا ترسي ۽ قربتِ خداونديءَ جو حظ حاصل ڪرڻ جي ذڪر بعد وري انسانن جي معاشرتي، بنيادي ڍانچي جي تعمير جيڪا

عائلي قوانين سان جڙيل آهي، ان جو بيان آهي ته اوهان مان جيڪي به ماڻهو مرڻ بعد بيوهه عورتون ڇڏي وڃن ته ڪين گهرجي ته پنهنجي بيوهه زالن لاءِ وصيت ڪري وڃن ته انهن ڪي سال پر مرحوم شوهر جي گهر مان نيڪالي نه ڏني وڃي ۽ انهن ڪي پورو سال کاڌ خوراڪ، ڪپڙو لباس ۽ ضروريات زندگي مهيا ڪيا وڃن. (الطلاق: 65/7-6) انهن تمام سهولتن ملڻ بعد به بيوهه عورتون جيڪڏهن مرحوم شوهر جي گهر مان پنهنجي رضا خوشيءَ سان هليون وڃن ۽ قاعدي قانون ۽ مقبول دستور موجب پنهنجي لاءِ ڪو مناسب فيصلو ڪن ته ان ۾ اوهان تي ڪا به ميار نه آهي. الله جو ٻڌايل قانون نهايت زوردار ۽ حڪمتن سان لبريز آهي. ان ڪري ان سان پاڻ ڪي پوريءَ طرح جڙيل رکو. هن سلسلي ۾ سوره بقره آيت 228 ۾ بيوهه لاءِ مدتِ عدت چار مهينا ڏهه ڏينهن رکي وئي آهي. ان ڪانسواءِ قانون وراثت ۾ سال پر مرحوم شوهر جي گهر ۾ رهڻ ۽ ان جي رهائش، کاڌ خوراڪ، لباس ۽ ٻين ضرورتن جو انتظام ڪرڻ وارو حڪم بدلجي چڪو آهي. (ڏسو آيت نمبر 228 جو شرح بيان) ياد رکو ته جن عورتن کي طلاق ڏني وئي آهي ته انهن عورتن جو تمام سٺي طريقي سان مال متاع ذريعي دلجوئي ڪرڻ خدا ترس ماڻهن لاءِ لازم آهي. ڇا مسلمان الله جي هن هدايت تي دل جي گهراين سان عمل ڪرڻ لاءِ تيار آهن. الله اهڙي طرح پنهنجن حڪمت ڀريل هدايتن کي انهيءَ ڪري اوهان لاءِ وضاحت سان بيان ڪري رهيو آهي ته اوهان عقل و فراست کان ڪم وٺو ۽ سوچي سمجهي عمل پيرا ٿيو. قرآن حڪيم بار بار عورتن سان حسن سلوڪ، عفو درگذر، احسان ۽ ايثار جو حڪم ڏئي، هن معاملي جي نزاڪت ۽ اهميت جو اظهار ڪيو آهي. (الطلاق: 65/7-6)

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۪
فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۫ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ
وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ٢٤٣ وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ
اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ٢٤٤

(جنتي زندگيءَ جي حصول لاءِ جان جي قربانيءَ جو آيت نمبر216- 218 ۾ حڪم ڏنو ويو هيو، ان ڪري پنهنجي اجتماعي زندگيءَ جي بقا لاءِ هن واقعي تي غور ڪريو) ڇا اوهان انهن ماڻهن جي حال تي غور ڪيو آهي، جيڪي هزارن جي تعداد ۾ هجڻ باوجود موت جي ڊپ کان پنهنجا گهر ڇڏي ڀڄي نڪتا ته پوءِ اهڙن (بزدل) ماڻهن کي خدا حڪم ڏنو ته ڀلي مري وڃو (سو هو مري ويا- قومن جي ڪمال ۽ زوال موت و حيات سان تعبير آهي.) وري الله هنن کي زنده ڪيو. بيشڪ الله ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي، پر اڪثر ماڻهو ان جو شڪر ادا نٿا ڪن. (243) اي مسلمانؤ! اوهان الله جي راهه ۾ (امن جي قيام ۽ انسانيت جي احترام لاءِ) جنگ ڪريو ۽ معلوم هجي ته الله خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهي. (244)

هن سورة ۾ 22 رڪوع کان 31 رڪوع تائين مختلف شرعي احڪامات بيان ڪيا ويا آهن، جن ۾ قصاص، روزو، جهاد، نماز، انفاق في سبيل الله، حج، حرمتِ شراب و جوا، يتيمن، طلاق، مهر، نڪاح، عدت، احڪام معاشرت ۽ ازدواجي مسئلا بيان ٿي چڪا آهن، جن ۾ سخت الفاظ ۾ تنبيه ڪئي وئي آهي ته خدا جي هنن حڪمن جي خلاف ورزي ۽ انحرافيءَ کان بچو. خارجي قوتن جو مقابلو اها قوم ڪري سگهي ٿي، جنهن جو داخلي نظام پرسڪون ۽ اطمينان بخش هجي، ان ڪري اوهان کي عائلي قانون ڏنا ويا آهن. (البقره: 2/ 222-221) بار بار هدايت ۽ تاڪيد ڪئي وئي آهي ته احڪامِ الاهي جي عدول حڪمي ۽ خلاف ورزيءَ کان بچو. جنهن ۾ خاص طرح عورتن سان غلط سلوڪ ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، حق نه ڏيڻ، طلاق، مهر، عدت وغيره ۾ زيادتي ڪري، الله کي ناراض ڪندا ته پوءِ توهان جي جان و مال جي حفاظت جا به اهڙيءَ طرح ذرائع ختم ٿي ويندا، جهڙيءَ طرح هڪ نافرمان قوم بني اسرائيل جو هيءُ قصو آهي.

ياد رکو ته زندگي جدوجهد جو نالو آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي مخالف قوتن سان مقابلو ڪرڻو ٿو پوي. (البقره: 2/ 216-218) اجتماعي زندگي پرسڪون ۽ اطمينان بخش بنائڻ لاءِ قومن کي ڪهڙي طرز حيات اختيار ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ چيو ويو آهي ته بني

اسرائيل جي هن واقعي تي غور ڪريو ته اهي هزارن جي تعداد ۾ هئا، پر جڏهن دشمن سان مقابلو ڪرڻو پيو ته موت جي ڊپ کان پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، ڀڄي نڪتا. بزدليءَ جو مظاهرو ڪيو، تڏهن الله جو قانونِ مڪافات حرڪت ۾ آيو ته اوهان موت جي ڊپ کان بزدل ٿي ڀڄا آهيو ته هاڻي اوهان جي لاءِ شڪست خورده قوم جي زوال وارو موت متعين ٿي چڪو آهي ۽ دشمن اوهان تي غلبو حاصل ڪري چڪا آهن، پر وري جڏهن عزم و استقلال ۽ جرئت و همت جي ناقابل شڪست قوت اوهان ۾ پيدا ٿي وئي، الله وري اوهان کي حيات نو عطا ڪئي ۽ دشمنن تي غلبو ۽ فتح عطا ڪئي. اهو آهي الله جي حڪمن کي قبول ڪرڻ جو نتيجو. بيشڪ الله طرفان انسانن لاءِ بي پايان فضل و ڪرم آهي، پر انسانن پنهنجي ناداني ۽ جهالت سبب ناشڪري ۽ ناقدري ڪندڙ آهي. البقره: 2/216-218) الله جي دين جي سر بلنديءَ لاءِ جيڪڏهن لڙائي لڙڻي پوي ته موت جو ڊپ نه ڪريو ۽ بي خوف ٿي جنگ جوٽيو. اوهان جي قرباني رائگان نه ٿيندي ۽ يقين ڪريو ته الله سڀ ڪجھ ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. مجاهد جو شان هن طرح آهي:

بے خطر کود پڑا آتشِ نمرود میں عشق (علامہ اقبال)

شہادت ہے مطلوب مقصودِ مؤمن
نہ مالِ غنیمت، نہ کشور کشائی (علامہ اقبال)

مقام ان کا غازی یا شانِ شہید
اِدھر بھی ہے عید اور اُدھر بھی ہے عید (مشتاق سچاروی)

مَنْ ذَا الَّذِىْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ۭ وَاللّٰهُ يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۠ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾

الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ وارو ائين آهي، جيئن ڪو الله کي قرض حسنه ڏئي ته ۽ الله ان کي ڪيترا دفعا زياده ڪري ڏيندو. الله ئي آهي، جيڪو رزق

روزيءَ ۾ تنگي ۽ ڪشادگي ڪري ٿو ۽ اوهان کي ان ڏانهن ئي واپس اچڻو آهي. (245)

ڪير آهي اهڙو شخص، جيڪو الله کي قرض حسنه ڏئي. اهو قرض نيڪيءَ جي جذبي ۽ خلوص دل سان هجي. مال حلال مان هجي. "اِنَّ اللّٰهَ طَيِّبٌ لَا يُقْبَلُ اِلَّا طَيِّبًا" الله تعالىٰ پاڻ پاڪ آهي ۽ پاڪ شيون قبول ڪرڻ فرمائي ٿو. "لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ" (آل عمران: 92/3) جيستائين پياري مان پياري شيءِ خرچ نٿا ڪريو، تيستائين اوهان ابرار جو مقام حاصل ڪري نٿا سگهو. "اِنَّ اللّٰهَ جَمِيْلٌ وَ يُحِبُّ الْجَمَالَ" الله پاڻ جميل آهي ۽ خوبصورت تحفا قبول ڪري ٿو. جيڪو به ماڻهو اهڙي طرح پنهنجو مال محض الله جي خوشنوديءَ خاطر دين جي استقامت و استحڪام ۽ خلق خدا جي فلاح بهبودي لاءِ خرچ ڪندو ته مال جي اهڙي قربانيءَ کي الله پنهنجي لاءِ قرض حسنه سڏيندي ان کي ٻيڻو ٽيڻو اجان به گهڻو وڌيڪ ڪري واپس ڪندو. ائين نه سمجهو ته مال خرچ ڪرڻ سان گهٽجي ويندو. پر اهو الله جي دست قدرت ۾ آهي ته هو مال ۾ برڪت وجهي ان کي وڌيڪ وڌائي ڇڏي ۽ اهو به ان جو اختيار ۾ آهي ته ان کي گهٽائي ٿورڙو ڪري ڇڏي. اهڙا نتيجا الله جي ئي دسترس ۾ آهن، جنهن ڏانهن آخرڪار اوهان کي موٽڻو آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِیْٓ اِسْرَآءِيْلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِیٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ قَالُوْا وَمَا لَنَآ اَلَّا نُقَاتِلَ فِیْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَ اَبْنَآىِٕنَا ؕ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ۝٢٤٦

(اي حبيب خاتم النبيين ﷺ!) ڇا تو بني اسرائيل جي ان گروهه کي نه ڏٺو آهي، جو

موسىٰ (ﷺ) کان بعد آيو ۽ جن پنهنجي پيغمبر کي چيو تہ اسان لاءِ هڪ بادشاهہ مقرر ڪري تہ جيئن اسان (ان جي قيادت ۾) الله جي راهہ ۾ جنگ ڪريون. نبي سڳوري سندن جواب ۾ چيو تہ ائين نہ ٿئي جو اوهان تي قتال (جنگ) فرض ڪئي وڃي تہ اوهان قتال (جنگ) ئي نہ ڪريو. ان تي هو چوڻ لڳا تہ اسان کي ڇا ٿيندو جو اسان الله جي راهہ ۾ جنگ نہ ڪريون. جڏهن تہ اسان کي اسان جي گهرن ۽ اولاد کان جدا ڪيو ويو آهي، سو جڏهن انهن تي قتال فرض ڪيو ويو تہ انهن مان ٿورڙن کان سواءِ باقي ڦريا (پنهنجي وعدي کان) ڦري ويا ۽ الله ظالمن کي پوريءَ طرح ڄاڻي ٿو. (246)

"اَلْمَلَاُ" معنىٰ پرڻ. مراد سردار ۽ مشير حڪومت آهن، ڇو تہ هنن جي ڏسڻ سان رعب سان دل ڀرجي ويندي آهي.

اهو واقعو غور طلب ۽ سبق آموز آهي تہ جڏهن بني اسرائيل جي ڪجهہ قبائلي سردارن حضرت موسىٰ ﷺ کان گهڻو پوءِ پنهنجي دور جي نبي حضرت شموئيل ﷺ کان گهر ڪئي تہ اسان الله جي راهہ ۾ ان جي دين کي قائم ڪرڻ خاطر جهاد ڪرڻ گهرون ٿا. ان لاءِ اسان جي قيادت ڪرڻ لاءِ ڪو اڳواڻ يا بادشاهہ مقرر ڪري ڏي. نبي حضرت شموئيل کين وراڻيو تہ عين ممڪن آهي تہ اوهان کي لڙائي (جهاد) جو حڪم ڏنو وڃي ۽ اوهان جهاد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهن تي سردارن وراڻيو تہ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي جو اسان الله جي راهہ ۾ جهاد نہ ڪريون حالانڪہ اسان کي پنهنجي گهرن مان تڙي ڪڍيو ويو آهي ۽ پنهنجي اولاد کان بہ الڳ ٿي چڪا آهيون ، سو اسان هر حال ۾ جهاد لاءِ تيار آهيون. حضرت شموئيل ﷺ کي سندن حالت جو پورو پتو هيو تہ بني اسرائيل حضرت موسىٰ ﷺ جي دين کان گهڻو پاسيرا ٿي ويا هئا. عياشي، ڪاهلي ۽ بزدليءَ جو شڪار ٿي چڪا هئا. جهاد لاءِ جنهن جذبي ايثار ۽ ولولي جي ضرورت هوندي آهي، ان جو فقدان هيو. جيڪا قوم نافرماني ۽ قانون شڪني جي غلام ٿي چڪي هجي تہ انهن ۾ نظم و ضبط سان دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي ڪٿي صلاحيت ۽ همت هوندي آهي.

غلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں نہ تدبیریں
جو ہو ذوقِ یقیں پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں

کوئی اندازہ کر سکتا ہے اس کے زور بازو کا
نگاہ مردِ مؤمن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

(علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

پر پوءِ بہ جڏهن سندن درخواست تي ئي جهاد (لڙائي) جو چيو ويو تہ سندن سمورا جوش جذبا ختم ٿي ويا ۽ ٿورڙن ماڻهن کانسواءِ باقي ٻيا سڀ منهن موڙي پٺ ڏئي هليا ويا. کين معلوم هئڻ گهرجي تہ الله اهڙي نافرمان عهد شڪن خائن ۽ ڪوڙن کان پوري طرح واقف آهي. هن آيت ۾ مسلمانن لاءِ آيت نمبر 216 "كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ" ڏانهن اشارو آهي تہ اوهان بہ اهڙيءَ طرح بزدلي نہ ڏيکارجو، جهڙيءَ طرح بني اسرائيل ڏيکاري هئي.

وَ قَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْۤا
اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَ نَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ
سَعَةً مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ بَسْطَةً فِي الْعِلْمِ
وَالْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِيْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۴۷﴾ وَقَالَ
لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اٰيَةَ مُلْكِهٖۤ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ
وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِيْ
ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۲۴۸﴾ ع ۳۲ ۶ ۱۲

سندن نبي سڳوري کين چيو تہ الله تعالیٰ طالوت کي اوهان جو بادشاهہ مقرر ڪيو آهي، ان تي هنن چيو تہ هن (طالوت) کي اسان تي بادشاهي ڇو ملي آهي، حالانڪ اسان هن کان حڪومت ڪرڻ جا وڌيڪ حقدار آهيون. هن کي تہ مال

دولت جي ڪشادگي بہ نہ آهي. نبي سڳوري ڪين چيو تہ بيشڪ الله هُن کي اوهان تي منتخب ڪيوآهي. هن کي (اوهان تي) علم ۽ جسم ۾ وسعت (ڪشادگي) عطا ڪئي آهي ۽ الله جنهن کي گهري، پنهنجي بادشاهي ڏئي ٿو ۽ الله وڏي وسعت وارو ۽ خوب ڄاڻ رکڻ وارو آهي. (247) ۽ سندن نبي سڳوري چيو تہ هن جي بادشاهي (الله طرفان هجڻ) جي نشاني اها آهي تہ اوهان وٽ هڪ صندوق ايندي، ان ۾ اوهان جي رب جي طرفان سڪونِ قلب جو سامان هوندو ۽ ڪجهہ آل موسىٰ (عليه السلام) ۽ آل هارون جي تبرڪات مان ڪجهہ بچيل هوندا، جن کي فرشتا کڻي ايندا. جيڪڏهن اوهان ايمان ۾ سچا آهيو تہ بيشڪ ان ۾ وڏي نشاني آهي. (248)

" اَلتَّابُوْتُ " تَوْب کان ورتل آهي. معنىٰ رجوع ڪرڻ (ماڻهن ۾) بني اسرائيل تبرّڪ لاءِ ان ڏانهن رجوع ڪن ٿا. هت تبرڪات (اَلتَّابُوْتُ) کي تسڪين جو ذريعو چيو ويو آهي. آخرڪار سندن نبي حضرت شموئيل عليه السلام ڪين چيو تہ الله تعالىٰ طالوت کي اوهان جو اڳواڻ يا بادشاهہ مقرر ڪيو آهي. هاڻي اوهان هن جي سربراهي ۾ جنگ جي تياري ڪريو ۽ هن جي حڪمن جي پوري طرح تابعداري ڪريو. هنن چيو تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي، جو طالوت کي اسان جي مٿان بادشاهہ مقرر ڪيو وڃي. طالوت نہ لاوي بن يعقوب جي خاندان مان آهي، جنهن خاندان ۾ نبوت جو سلسلو آهي ۽ نہ يهودا بن يعقوب جي خاندان سان آهي، جنهن سان بادشاهہ ٿيندا ٿا اچن. هن کان وڌيڪ تہ اسان پاڻ حڪمرانيءَ جا حقدار آهيون. هن وٽ تہ ڪو گهڻو مال دولت بہ ناهي جنهن تي سندن نبي حضرت شموئيل عليه السلام ڪين چيو الله تعالىٰ طالوت کي ئي اوهان تي منتخب ڪيو آهي ۽ بادشاهيءَ سان نوازيو آهي. هن کي جنگي مهارت جي علم ۽ جسماني قوت سان اوهان تي برتري بخشي آهي. هي اوهان جي مرضيءَ جو معاملو ناهي، پر الله جي مشيت جنهن کي گهري، بادشاهي عطا ڪري. الله ئي وڏي وسعت ۽ طاقت وارو ۽ سڀ ڪجهہ جي ڄاڻ رکندڙ آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ ملڪي قيادت لاءِ مال و دولت جي ڪثرت نہ، پر علمي قابليت ۽ جسماني قوت درڪار آهي، جيڪا طالوت ۾ اوهان کان بدرجہ اتم موجود آهي.

بني اسرائيل کي جڏهن پنهنجي نبيءَ پاران معلوم ٿيو تہ طالوت جو الله انتخاب ڪيو آهي تہ پلا ان جي تصديق لاءِ ڪهڙي نشاني آهي. جنهن تي سندن نبي حضرت شموئيل ؑ چيو تہ هن جي مقرري الله طرفان هجڻ جي اها نشاني آهي تہ اوهان جو مقدس تابوت جيڪو عمالقه (فلستي) اوهان کان کسي ويا هئا، جنهن ۾ رب جي طرفان اوهان لاءِ تسڪين و سرور ۽ فتح و ڪامراني جي نويد آهي ۽ جنهن ۾ حضرت موسیٰ ۽ حضرت هارون ؑ جي خانداني تبرڪات جا يادگار موجود آهن، اهو فرشتن جي ذريعي اوهان وٽ اچي ويندو، جيڪو ان وقت طالوت جي گهر تائين صحيح سلامت اچي ويو. جنهن کي ڏسي هنن جي خوشيءَ جي حد نہ رهي. ياد رهي تہ هن ۾ يقينًا اوهان لاءِ وڏيون نشانيون آهن. جيڪڏهن اوهان الله تي پورو پوررو يقين ۽ ايمان رکو ٿا. يهودين ان صندوق جو نالو "تابوتِ سڪينه" رکيو هيو، جيڪو بني اسرائيل جو اهم ترين مقدس ۽ عزيز ترين قومي ورثو هيو. هن صندوق ۾ تورات جو اصل نسخو، حضرت موسیٰ ؑ ۽ حضرت هارون ؑ جي عصا، عمامه، ملبوسات وغيرها تبرّڪات طور رکيل هيا. بني اسرائيل هن صندوق کي بابرڪت سمجهندا هيا ۽ هر وقت پاڻ سان حضر ۽ سفر ۾ گڏ رکندا هيا. بيت المقدس جي تعمير تائين هن صندوق کي بني اسرائيل جي قبلي جي حيثيت هئي. هن صندوق کي نهايت عزت ۽ احترام سان رکندا هيا ۽ پنهنجي دعا، عبادت ان ڏانهن رخ ڪري ڪندا هئا. مشڪلاتن، مصيبتن ۽ جنگن ۾ ان آڏو سربسجود رهندا هيا. هن صندوق سان بني اسرائيل جي غيرمعمولي عقيدت هئي ۽ ان جي واپس اچڻ لاءِ پريشان رهندا هيا. ويهہ سال کن ان صندوق جا متلاشي رهيا. هن صندوق جي واپسي بني اسرائيل لاءِ بشارت هئي ۽ صندوق کي ڏسي طالوت جي قيادت قبول ڪرڻ لاءِ تيار هيا.

فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوتُ بِالْجُنُودِ ۙ قَالَ إِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيكُم بِنَهَرٍ ۚ فَمَن شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّي ۚ وَمَن لَّمْ يَطْعَمْهُ فَإِنَّهُ مِنِّي إِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةً بِيَدِهِ ۚ فَشَرِبُوا مِنْهُ إِلَّا قَلِيلًا مِّنْهُمْ ۚ فَلَمَّا جَاوَزَهُ هُوَ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ ۙ قَالُوا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوتَ وَجُنُودِهِ ۚ قَالَ الَّذِينَ يَظُنُّونَ

اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةً ۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٢٤٩﴾

پوءِ جڏهن طالوت پنهنجي لشڪر کي وٺي نڪتو ته هن ڪين چيو ته الله اوهان جي هڪ درياهه ۾ آزمائش ڪندو، پوءِ جيڪو به (پيٽ ڀري) ان مان پاڻي پيئندو ته اهو اسان مان نه آهي ۽ جيڪو پاڻي نه پيئندو، اهو منهنجو ساٿي آهي، پر جيڪڏهن ڪو چُلُو برابر (ٻُڪ ڀري) پاڻي پيئي ٿو ته ان ۾ ڪو به حرج ناهي، پر سواءِ چند ماڻهن جي، هنن خوب (جيءُ ڀري) پاڻي پيتو. پوءِ طالوت ۽ سندس فوج (جماعت) درياءُ پار ڪري اڳتي وڌيا ته هنن چيو ته اڄ اسان جالوت ۽ ان جي لشڪر جو مقابلو ڪري نٿا سگهون، پر جن ماڻهن کي يقين هيو ته هنن جي هڪ ڏينهن الله سان ملاقات ٿيڻ واري آهي، تن چيو ته ڪيترا دفعا ائين ٿيو آهي ته الله جي حڪم سان هڪ ننڍي جماعت وڏي جماعت تي غالب آئي آهي. الله (جي مدد) صبر ڪرڻ وارن سان شامل حال آهي. (249)

ٿوري عرصي بعد جڏهن طالوت فوج ساڻ ڪري دشمن جي مقابلي لاءِ نڪتو ته هن پنهنجي لشڪر کي چيو ته آڏو ايندڙ نهر ۾ الله اوهان جي صبر، استقلال ۽ اطاعت جو امتحان وٺڻ وارو آهي. جنهن به ندي پار ڪرڻ وقت پاڻي پيتو ته اهو منهنجي لشڪر جو حصو نه هوندو، پر جيڪو به سپاهي ان جو ذائقو به نه چکندو ته اهو منهنجي جماعت ۾ هوندو، پر ها جيڪڏهن ڪنهن سخت اڃ سبب چُلّو ڀر پيتو ته ان جو فڪر ناهي. جڏهن لشڪر نديءَ وٽ آيو ته ٿورن ماڻهن ڪانسواءِ باقي سڀني پاڻي پي ورتو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ڪمانڊر جي حڪم جي انحرافي ڪندي، صبر ۽ استقلال واري آزمائش ۾ ناڪام ٿيا. ان بعد جڏهن طالوت انهن ماڻهن سان جن جو الله تي سچو ايمان هو، ندي پار ڪئي ته نافرماني ڪندڙ ٽولي چيو ته اسان ۾ ايتري طاقت ناهي جو جالوت ۽ ان جي لشڪر جو مقابلو ڪري سگهون، پر لشڪر جي انهن جوانن جن کي يقين هو ته نيٺ الله آڏو پيش

ٽيڙو آهي، انهن اعلان ڪيو ته اوهان دشمن جو وڏو لشڪر ڏسي ڇو ٿا گهٻرايو، الله جي مدد ۽ توفيق سان ڪيترا ڀيرا ننڍڙي لشڪر وڏي لشڪر کي شڪست ڏني آهي. اهڙي مشڪل آزمائش جي وقت الله صبر ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندڙن جو ساٿي ۽ مددگار آهي. "اِنَّ اللّٰہَ یُحِبُّ الصّٰبِرِیۡنَ"

آ تجھ کو بتادوں تقدیرِ اُمم کیا ہے
شمشیرِ سنا اول، طاؤس و رباب آخر (علامہ اقبال)

***

کافر ہو تو تلوار پر کرتا ہے بھروسا
مؤمن ہو تو بے تیغ بھی لڑتا ہے سپاہی (علامہ اقبال)

***

منڊ نه منجهان تن پسي لڪ لٽن جي
جا پر ڪاهوڙين، سا پر سگهي سسئي. (شاهه)

وَ لَمَّا بَرَزُوۡا لِجَالُوۡتَ وَ جُنُوۡدِهٖ قَالُوۡا رَبَّنَاۤ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّ ثَبِّتۡ اَقۡدَامَنَا وَانۡصُرۡنَا عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ؕ ﴿۲۵۰﴾ فَهَزَمُوۡهُمۡ بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۙ قف وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوۡتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الۡمُلۡكَ وَ الۡحِكۡمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَلَوۡلَا دَفۡعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعۡضَهُمۡ بِبَعۡضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ الۡاَرۡضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۲۵۱﴾ تِلۡكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتۡلُوۡهَا عَلَيۡكَ بِالۡحَقِّ ؕ وَاِنَّكَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿۲۵۲﴾

۽ جڏهن اُهي جالوت ۽ ان جي فوج جي مد مقابل ٿيا ته عرض ڪرڻ لڳا ته اي اسان جا پروردگار! اسان تي صبر جي پالوٽ ڪر ۽ (ميدان جنگ ۾) اسان کي ثابت قدم رک ۽ اسان کي ڪافرن تي غلبو عطا ڪر. (250) پوءِ هنن جالوتي

لشڪر ڪي الله جي حڪم سان شڪست ڏني ۽ داؤد (عليه السلام) جالوت کي قتل ڪيو ۽ الله ان (داؤد عليه السلام) کي حڪومت ۽ حڪمت عطا ڪئي ۽ (جو ڪجهه مشيت ايزدي موجب صنعتِ آهنگيري ۽ فيصله ڪُن امورِ جنگ جو) علم ڪيس عطا ڪيو، جيڪڏهن هن طرح الله هڪ جماعت کي ٻيءَ جماعت جي ذريعي شڪست نه ڏئي ها ته زمين ۾ فساد پکڙجي وڃي ها، پر الله ته تمام جهانن تي فضل ڪرڻ وارو آهي. (251) هي الله جون سراپا حق آيتون آهن، جيڪي اسان توکي پڙهي ٻڌايون ٿا ۽ يقينًا (اي رسولِ خدا خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم!) تون الله جي رسولن مان (هڪ رسول) آهين. (252)

---

پوءِ جڏهن الله تي توڪل ڪندڙ جنگ جي ميدان ۾ جالوت ۽ ان جي لشڪر جي مقابلي ۾ آيا ته انهن بارگاهه الٰهي ۾ عرض ڪيو ته اي الله تون ڏسي رهيو آهين ته اسان ڪمزور به آهيون ۽ ٿورڙا به آهيون ۽ تنهنجي راهه ۾ مقابلو انهن سان ڪري رهيا آهيون جيڪي طاقتور به آهن ته تعداد ۾ به گهڻا آهن، اسان صبر جي متوالن تي پنهنجي توفيق سان اسان جي دلين کي صبر سان لبريز ڪري ڇڏ ۽ ميدان جنگ ۾ اسان کي ثابت قدم رک ۽ پنهنجي فضل سان اسان کي ڪافرن تي نصرت ۽ فتح عطا ڪرڻ فرماءِ. طالوت جي سپاهين جنگ ۾ رڳو ڪاميابي جي دعا نه گهري، پر صبر ۽ ثابت قدمي لاءِ به درخواست ڪئي. ڇو ته صبر ۽ ثابت قدمي ڪانسواءِ ڪاميابيءَ جو حصول ممڪن ناهي. ان ڪري الله جي توفيق ۽ مدد سان هنن پنهنجي مد مقابل دشمن کي شڪست فاش ڏني ۽ داؤد عليه السلام جي هٿان جالوت جو موت واقع ٿيو. ان بعد الله داؤد عليه السلام کي بادشاهي ۽ حڪمرانيءَ جي حڪمت سان سرفراز ڪيو ۽ ڪامياب حڪمراني لاءِ الله کي ڪيس جيڪو ڪجهه سيکارڻو هو، اهو سيکاري ڇڏيو.

بے حساب و بے کتاب و بے ادیب
عاشقاں را حق کند درسِ نصیب

جيڪڏهن قانون قدرت اهو نه هجي ته صالح ۽ نيڪ جماعت کي ظالم ۽ بدڪار

گروهه تي ڪاميابي عطا ڪجي تہ پوءِ دنيا فتني ۽ فساد جو گهوارو ٿي وڃي ۽ امن ۽ انصاف جو نالو نشان بہ نہ رهي ها، پر الله پنهنجي فضل و ڪرم سان عالم تي سايه فگن آهي. ان ڪري هر طاغوتي طاقت جو توڙ پيدا ٿيندو رهي ٿو، جيئن عام چواڻي آهي: ”ہر فرعونے راموسیٰ“ هر فرعون لاءِ موسىٰ موڪليندو رهندو آهي (رهي ٿو) . امن جي مقابلي ۾ جنگ توڙي جو ناپسنديده ۽ خراب عمل آهي، پر جڏهن الله جي مخلوق تي ظلم و زيادتي، قهر و جبر ۽ فتني فساد جا حملا عام ٿي وڃن تہ پوءِ اهڙين حالتن ۾ جنگ جهڙو سخت فيصلو ناگزير ٿي وڃي ٿو. (الحج: 22/40-39) جو تہ ان ڪانسواءِ امن ۽ سلامتيءَ جو ماحول پيدا ڪرڻ ممڪن ئي ناهي.

اے رب تو زمانے را دلیلے بفرست — نمرودان را پشہ چوں پیلے بفرست
فرعون صفتان ہمہ زبردست شدند — موسیٰ و عصا و رود نیلے بفرست

”وقت چوي آءٌ بادشاهه“ چواڻي يا الله! تو زماني کي دليل بنايو آهي. نمرود لاءِ مڇر کي هاٿي بڻائي ڇڏيو. فرعون لاءِ موسىٰ عصا ۽ درياءَ نيل کي بنايو.

جهاد جو هيءُ حڪم ان لاعلاج مرض جي سرجري آهي، جنهن سان مرض جي جڙ ڪاٽي انسان کي صحتمند ۽ معاشري کي امن و سڪون جو مرڪز بنائي ٿو، ورنہ نہ عبادت گاهه سلامت رهندا ۽ نہ وري خلقِ خدا کي سڪون نصيب ٿيندو. هي جيڪي ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي، اهي الله جون آيتون هدايت ۽ رهنمائي جا سنهرا اصول ۽ برحق ڳالهيون آهن ۽ منهنجا محبوب! تون انهن مرسلن جي گروهه جو سردار آهين، جن کي اسان انسانن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ موڪليو آهي.

مُحَمَّدٌ سَيِّدُ الْكَوْنَيْنِ وَالثَّقَلَيْنِ — وَالْفَرِيْقَيْنِ مِنْ عُرْبٍ وَّ مِنْ عَجَمٍ
فَاقَ النَّبِيِّيْنَ فِيْ خَلْقٍ وَّ فِيْ خُلُقٍ — وَلَمْ يُدَانُوْهُ فِيْ عِلْمٍ وَّلَا كَرَمٍ

محمد ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ٻنهي جهانن جا، دنيا ۽ آخرت، توڙي جنن ۽ انسانن سميت سيني جا سردار آهن. پاڪ ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم پنهنجي شڪل و صورت، اخلاق و عادات، سيرت ۽ ڪردار ۾ مٿيرا هيا ۽ علم و شرافت ۾ ڪوبہ سندن قريب پهچي نٿو سگهي.